سنڌي ساهت جا ستارا

منوهر نهالاڻي

سِڪ سندي سوکڙي

پروفيسر سُشيل موٽواڻيءَ لاءِ

منوهر نهالاڻي

سنڌي ساهت جا ستارا

(ساهت اڪادمي انعام عطا ٿيل)

منوهر نهالاڻي

١٠٦-ا-اي، سردار نگر، احمد آباد-٣٨٢٤٧٥.

سلسلو

ستارا — صفحو

ستارا	صفحو
مهاڳ	٥
١. شري تيرٿ بسنت	١٣
٢. پروفيسر رام پنجواڻي	٢٢
٣. سرڳواسي ليکراج عزيز	٣٣
٤. شري ڪلياڻ آڏواڻي	٤٤
٥. سرڳواسي منگهارام ملڪاڻي	٥٢
٦. شري نارائڻ شيام	٦٤
٧. شري ڪرشن راهي	٧٨
٨. شري گنو سامتاڻي	٨٨
٩. شري گوبند مالهي	٩٧
١٠. شري لعل پشپ	١٠٨
١١. شري لڇمڻ ڪومل	١١٧
١٢. ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي	١٢٦
١٣. شري هري دلگير	١٣٥
١٤. شري ڪرشن کٽواڻي	١٤٧
١٥. شري پريو وفا	١٥٨
١٦. پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي	١٧١
١٧. ڊاڪٽر ارجن شاد	١٨٨

Sindhi Sahit ja Sitara

(sahitya Academy Award Winners)
by ; Manohar Nihalani
First Edition : Dec. 1984
Copies ; 750.
106 / A Sardarnagar
Ahmedabad. 382475
Price :
(Published With the financial aid of the
Gujarat sahitya Academy)

سنڌي ساهت جا ستارا

(ساهت اڪاڊمي اِنعام عطا ٿيل)

— منوهر نهالاڻي

پهريون ڇاپو:
سال: ڊسمبر ١٩٨٤
١٠٦ – اي، سردار نگر
اَحمدآباد – ٣٨٢٤٧٥.

قيمت:

عنوان: گهنشيام ساگر

(گجرات ساهت اَڪاڊميءَ جي مالي مدد سان شايع ٿيل)

مهاڳ

سنڌيءَ جي سترهن ساهتڪ ستارن کي هن پستڪ ۾ ”قيد“ ڪيو ويو آهي. اِها پسندي يا ناپسندي هن ڪتاب جي ليکڪ جي پارت تي مڙهيل نه آهي. اِها سنڌس محدودگي آهي. انهن اديبن جي وچ ۾ صرف هڪڙو ئي ڌاڳو آهي، جنهن کين ڳنڍيو آهي، سو آهي قومي ساهتيه اڪاڊميءَ طرفان اِنعام.

سنڌي ساهتڪ مرڪزن ۾ جيڪا ڪٿا پرچلت آهي، سا اِها ته ساهتيه اڪاڊمي جا انعام ”اڪر پوري“ واري حساب سان ڏنا ويندا آهن. مجهي ته اهو حقيقت جو مبالغو آهي، ڇاڪاڻ ته ڪيترن ئي معياري رچنائن جو قدر وري اديبن جو جوڳو سنمان ڪري ڪيو ويو آهي؛ پر اِها به حقيقت آهي، ته ڪن حالتن ۾ ڪي رچنائون ڦڪي ڦوڪ، مثل ساهتڪ قدرن جي ساهميءَ ۾ اُترڻ کان قاصر آهن، ته به مٿن انعامي ڇٽ ڦهرايو ويو آهي ۽ ٻئي طرف ڪي اديب آهن، جن جو هن کان گهڻو اڳ قدر ٿيڻ گهربو هو تن کي ٿورنت هٺي پاسيرو ڪيو ويو آهي. ضروري ٿورو ئي آهي ته ساهتڪ کيتر اندر هروڀرو سچ جو سڪو هلندو هجي! خير!

آرپيم
توهانجو
توهان کي.

ليبلون لڳائڻ جا شوقين - دنيا جي مهان ساهتڪارن جا حوالا ڏيندي، ڪي چٽڪيون لڳائي هرويرو غير- معمولي هئڻ جو ڀرم پالي ڏاڍو آنند ماڻين.

هن پستڪ جي ليکڪ شري منوهر نهالاڻي، ڪنهن به ليکڪ جي شخصيت جي پيچيدگين ۾ وڃڻ جو ڪو ارادو ڪيو آهي ۽ نڪو اهڙي مراد سان هن پستڪ جو خاڪو تيار ڪيو آهي. سندس هڪ ئي مراد آهي ته واسطيدار اديبن جي جيون جهاتڪي پيش ڪري پڙهندڙن کي ساڻن واقفيت ڪرائي ۽ اها به حقيقت آهي ته سندس زور ساهتڪ پهلوءَ تي گهڻو ۽ شخصي پهلوءَ ڏانهن تمام مختصر آهي. انگريزي مان سندس هٿ شامل ٿيل خاڪن کي جيون جهاتڪين کان وڌيڪ "ساهتڪ جهاتڪيون" ٿو سڏيان، ڇو ته انهن ۾ شخصي جيون جا تفصيل گهٽ، پر ساهتڪ رچنائن جي اوک ڊوک وڌيڪ آهي، جا ڳالهه پنهنجي ليکي چٽليندڙ آهي. ڪنهن به اديب جي شخصي جيون جي روچڪ ڪهاڻي ٻڌائي پاٺڪ کي وندرائڻ هڪ ڳالهه آهي، پر سندس رچناتمڪ ڪٿ ڪري آنند ڏيڻ ڏکيو آهي ۽ آزمائشي ڪم آهي، جنهن کي شري منوهر نهالاڻي خوب نڀايو آهي.

هن صاحب هڪ محبوبي اسٽائيل اهو اختيار ڪيو آهي، جو هر ليکڪ جي ڪن دستوري حقيقتن جو

هر هڪ ليکڪ اُن اهڙيءَ شخصيت جو مالڪ نه آهي ته ٻئي شخصيت جو مالڪ ضرور آهي - هڪڙي آهي سندس نجي شخصيت ۽ ٻي آهي سندس ساهتڪ شخصيت. اهو به سچ آهي ته ليکڪ جي نجي شخصيت جو پرڀاءُ سندس رچنائمڪ شخصيت مٿان پوي ٿو ۽ ان جي عڪاسي ڪنهن حد تائين سندس رچنائن مان ٻکي نڪري ٿي. پوءِ به ٻئي پهلو پنهنجي نراليت رکن ٿا. نجي شخصيت اڪثر وهنواري جيون مان اُڀري ٿي ۽ رچنائمڪ شخصيت انڀوي دنيا مان سرشار ٿئي ٿي. زندگيءَ جو ڪئنواس اينترو ڪشادو، آزمودا ۽ انيڪ اينترا گوناگون ۽ اظهار جا وسيلا اينترا ڀن - ڀن آهن جو هر هڪ ليکڪ شخصي وڪاس جي پرڪريا مان گذرندي هڪ يڳاني حيثيت ٻڌجي ٿو پوي ۽ سندس رچنا جو انداز به پنهنجي ڇاپ وارو ٿو ٿئي.

هڪ ٻي ڳالهه. ليکڪ جي شخصيت جا مذڪور ٻئي پهلو هـرويرو هڪ-ڪرا يا ميزان ۾ ڪونه رهندا آهن. ڪن جي نجي شخصيت تمام گهڻو اُڀري اينترو چمڪي پوندي آهي، جو خلق کي ڪنهي ونئي، جيتوڻيڪ ساهتڪ چمتڪار گهٽ. ٻئي طرف ائين به ٿئي جو ڪن اديبن جي نجي شخصيت ”ناچيز“ پاسي پر ساهتڪ شخصيت چنڊ تارن مثل چمڪي اٿي. ڪي اديب وري مصنوعي شخصيت جا محتاج ۽ نقلي

اٿائين، جنهن مان سندس ساهتڪ ڄاڻ ۽ تنقيدي نظر جو درشن ملي ٿو.

هن پستڪ ۾ سنڌيءَ جا ڪيترائي نامور اديب، نثر توڙي نظم جا ماهر موجود آهن، جن جي الڳ الڳ صنفن تي سندن دين به تسليم ٿي چڪي آهي، تنهن پهلوءَ ڏانهن پڻ شري منوهر ڌيان ڇڪايو آهي، ٻاڪ ڇنڊڇاڻ ڪندي الڳ الڳ صنفن جي ڄاڻ جو پڻ ثبوت ڏنو آهي. هڪ ڳالهه اُها ڏني اٿم ته هو ڪن اديبن سان ڏاڍو مهربان ٿيو آهي، جنهن ۾ ٻيو ڪو به مطلب نظر نٿو اچيم سواءِ ان جي ته هن جو ٻوليءَ ۽ ساهت سان بيحد پيار ئي ڪيس اهڙي سخا جو پاتر بڻايو آهي. ڪن ٿورڙن اديبن جا خاڪا ته اهڙي قربائتي جنبش سان لکيا اٿئين، جو پڙهندي ڪافي تسڪين ٿي ملي، جيتوڻيڪ سندس نظر سڀني ڏانهن پيار ڀري آهي.

شري منوهر نهالاڻي نسبتن ننڍي عمر جو ساهتڪار آهي. ساهتڪ کيتر ۾ پڻ تازو پير پاتو اٿائين. سندس ئي چوڻ موجب ١٩٨٠ تائين سندس اعلوڪيون رچنائون آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون مس ملنديون. هو ١٩٨١ کان جوش خروش سان ميدان ۾ آيو آهي ۽ لکڻ شروع ڪيو اٿس. ١٩٨٢ ۾ هڪڙو اعلوڪو ٻه- فصلو ناٽڪ ”تو بن زندگي اڌوري“ لکي ورتائين، جنهن تي

وستار ڪندي، هو سنڌس ساهتڪ جيون ۾ گهڙتي ويو آهي ۽ ڳولي ڦولي، صاف سٿرو ڪري هر ليکڪ جي رچناتمڪ سلسلي کي اُجاريندو ويو آهي. ليکڪ جي جيون ۾ اهڙا فيصلاڪن گهڙي يا اهو حادثو، جنهن سنڌس اندر وينل ڪلاڪ کي جاڳرت ڪيو يا للڪاريو يا سرجڻ جا ڀهريان ڪڻ جن اديت آنند ڏنو-وغيره جهڙين نازڪ ڳنڍين کي پڪڙيندو، هو اڳتي وڌندو ٿو وڃي ۽ باترتيب سنڌس اوسر جا حد-نشان ۽ منزلون چٽيون ڪندو ٿو وڃي. هر ليکڪ جي رچناتمڪ پرڪريا جي نازڪ ۽ پيچيدي وڌڪڙ پيچري ڏانهن به اشارو ڪندو ٿو وڃي-

هڪ ٻي ڳالهه جنهن مون کي اثر انداز ڪيو، سا آهي، سنڌس ساهتڪ ڪٿ. هڪ ننڍڙي مضمون جي محدودگي اندر هن صاحب هر ليکڪ جي مکيه رچنائن جي صداقت ۽ نهايت دلچسپ نموني ۾ چنڊڇاڻ ڪئي آهي. پنهنجي پسندي يا ناپسنديءَ کي پاسيرو رکي ساهتڪ قدرن جي ئي اوڪ ڊوک ڪئي اٿس ۽ هر ليکڪ جي مجموعي حيثيت اسان اڳيان چٽي ڪئي اٿس، جنهن ۾ نه رڳو سنڌس سنڌي ساهت کي خاص دين جو، ذڪر آهي، پر ان ۾ جيڪو شفي پهلو آهي، ان جو اُپار به آهي. جيڪي صحيح ۽ سنو آهي ان کي اُجاڳر ڪندي، ڪن ڪمين پيشين ڏانهن پڻ نظر اُڇلائي

پنهنجي طرفان......

"سنڌي ساهت جا ستارا" (ساهتڪ مضمون) ڪتاب پنهنجي پاٺڪن اڳيان پيش ڪندي بي انتها خوشي ٿي رهي آهي. ڀارت جي ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي ساهت ۾ جدا جدا دؤرن جي اديبن پنهنجي ليکڻي وک وڌائي، ساراهه جوڳي ترقي ڪئي آهي. ساهت اڪادمي (دهلي) پاران اعليٰ ترين اديبن کي انعام ڏيئي همٿائڻ ۽ سندن همت افزائي ڪرڻ جي روايت سنڌي ادبي طبقي لاءِ فخر جي ڳالهه آهي. ان سبب ڪيترن اڪل لعلن جي ظاهر ٿيڻ جي امڪانات پڻ آهي.

هر ڪو ساهتڪار پنهنجي نموني ساهتڪ شخصيت جو مالڪ هوندو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪي اهڙا بلند معيار وارا ساهتڪار به هجن جن کي ساهت اڪادمي انعام نه مليو هجي.

بهرحال هن ڪتاب ۾ ١٩٥٩ کان ١٩٨٣ تائين سنڌي ساهت اڪادمي انعام عطا ٿيل شخصيتن کي سمايو ويو آهي. هن ۾ مون هر ڪنهن ساهتڪار جي مختصر جيوني ساهتڪ يوڳدان ۽ سماجڪ ڪيتر ۾ ڪيل ڪارج تي

گجرات سرڪار وٽان انعام به حاصل ڪيائين. تنهن کان پوءِ ١٩٨٣ ۾ گجراتيءَ مان ڪڇي مذاقي ايڪانڪيون ترجمو ڪري، "پيار ۽ پوليس چونڪي" نالي سان ڪتاب ڇپايو اٿس. هي موجوده ڪتاب "سنڌي ساهت جا ستارا" پنهنجي قسم جي تنقيدي ادب ۾ هڪ پيش-ڪش آهي، جنهن مان سنڌس اڀياس جي پروڙ ملي ٿي ۽ ان چوٽ ۾ وڌائڻ ڪونهي ته هن کيتر ۾ سنڌس پهريون قدم ئي مبارڪ آهي. هـو ڪافي اوچ تعليم حاصل ڪيل آهي. هنديءَ ۾ ايم. اي. پاس ڪئي اٿس سنڌيءَ ۾ ايم. اي. ڪري وينو. هنديءَ ۾ ساهتيه رتن به ڪري چڪو آهي، جنهن مان اِهو ظاهر آهي ته ساهتيه سان سنڌس گهري دلچسپي آهي.

ناٽڪ ۽ رنگه منچ سان به ڏاڍي رچي اٿس. احمدآباد جي ڪنهن هاءِ اسڪول ۾ اڌ ياپڪ آهي. پنهنجن بالڪن کي ناٽڪن لاءِ تيار ڪندو رهي ٿو. هيلتائين ١٠ - ١٥ ننڍا ناٽڪ پنهنجي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪري چڪو آهي، جن مان ڪن کي چٽاڀيٽين ۾ انعام به حاصل ٿيا آهن. احمدآباد ۾ "ناٽيه ڪلا ڪيندر" نالي هڪ ڊراما گروپ جو هن وقت جنرل سيڪريٽري آهـي. سنڌس ههڙي، سنڌي ساهت ۽ ڪلا ڏانهن ڀوميڪي دلچسپي، آئينده ڪاميابيءَ لاءِ ضامن آهي.

بمبئي، ٢١ ڊسمبر ١٩٨٤ — ڪيرت ٻاٻاڻي

شري ٽيرٿ بسنت

شري ٽيرٿ بسنت سنڌي ساهت جي انهن ٻن ليکڪن مان آهي، جن اٽڪل ٥٠ سالن کان پنهنجي قلم سان سنڌي ساهت جو سرجن پئي ڪيو آهي. ساهت جي مضمون، ڪهاڻي، ڪوتا، ناٽڪ جيوني ۽ آلوچنا جهڙين شاخن تي قلم راني ڪندو رهيو آهي. اهڙي بزرگ ۽ اعليٰ ليکڪ جو جنم سنڌ ۾ خيرپور اسٽيشن جي ڀرسان آيل ڳوٺ لقمان ۾ ٧ سيپٽمبر ١٩٠٩ ۾ ٿيو هو. سندس پورو نالو ٽيرٿ ويڙهومل بسنت آهي.

بسنت صاحب جي لکيتن موجب ٻن ورهين جو هيو صاحب مس هو ته سندس ماتا جو ديهانت ٿي ويو ۽ سندس پالنا ڏاڏيءَ ڪئي. ڏاڏيءَ سان سندس بيحد حب هئي. لقمان جي ڀرسان ڪيترا پوتر استان هئا جنجي ذيرن جو اثر اڻسڌيءَ طرح هن صاحب تي آهي. جيتوڻيڪ هن صاحب پاڻ لکيو آهي "منهنجو نه ڪو گرو گسائين ڪونهي، نڪي ڪنهن خاص ڌرم يا پنٿ جو پوئلڳ آهيان. منهنجي مت ئي منهنجو مت آهي."

ٽيرٿ بسنت ڏهن ورهين جو هو ته گهر ڇڏي

روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ڪتاب لکڻ جو مقصد محض اِهو ئي آهي ته سنڌي ساهت جي پريمين ۽ يونيورسٽيءَ جي وديارٿين کي هڪئي جلد ۾ گهربل ساهتڪارن جي باري ۾ مڪمل نه ته بنيادي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي. تنهن لاءِ مون جدا جدا ڪتابن جو اڀياس ڪري ضروري ڄاڻ ڏيڻ جي هر- ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. منهنجي ڄاڻ موجب هن قسم جو هيءُ پهريون ڪتاب ٿيندو. ڪتاب توهانجي مبارڪ هٿن ۾ آهي ان ڏس ۾ مان ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهيان، سو مان ذهين پاٺڪن تي ٿو ڇڏيان.

آخر ۾ مان ٿورائتو آهيان اُنهن اديبن جو جن منهنجي خط کي مان ڏيئي پنهنجا تفصيل ۽ تصويرون ڏياري موڪليا. مان احسانمند آهيان پنهنجي مترن - جيٺي لالواڻي ۽ ڀڳوان نردوش جو جن هن ڪتاب لکڻ لاءِ همٿايو ۽ زور ڀريو. مان نهايت شڪرگذار آهيان ٻرک اديب شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو جنهن صاحب پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي ڪتاب جو دستخط نظر مان ڪڍي مهاڳ لکي ڏنو. گجرات ساهت اڪادميءَ جا ٿورا مڃڻ به ضروري ٿو سمجهان، جنهنجي مالي مدد کانسواءِ شايد هيءُ ڪتاب ڏينهن جي روشني به نه ڏسي سگهي ها.

— منوهر نهالاڻي

سنڌس ٻيا ليک ٻن ساڳين هفتيوار اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا ۽ پوءِ ”ڦليلي“ ۾ به سنڌس ليک اچڻ شروع ٿيا. (ڦليلي مئگيزن حيدرآباد ڪاليج طرفان نڪرندي هئي. منجهس معياري رچنائون ئي ڇپجنديون هيون) اُن بعد هو صاحب سنڌيءَ ۾ قلم هلائيندو رهيو.

جڏهن هو انگريزيءَ جي ڇهين درجي ۾ پڙهندو هو تڏهن شيڪسپيئر جي ”هئمليٽ“ ۽ ڪارلائل جي ”هيرو ۽ هيرو ورشپ“ جو ترجمو ڪيائين. تنهن کان پوءِ ”Kings Wife“ (ميران) جو انوواد ڪيائين، جيڪو لالچند امرڏنومل کان جاچارايائين. ڪن سالن بعد ”ميران“ کي نئين نگاهه سان ڏسي نئين طرز ۾ اهو ”ميران“ ناٽڪ لکي تيار ڪيائين، جيڪا سندس اصلوڪي رچنا آهي. اهڙيءَ طرح هن صاحب کي لکڻ جي لڳن لڳي جا اڄ تائين هلندي ٿي اچي.

هن مهل تائين هن صاحب جا اٽڪل ٤٠ ڪتاب اشاعت پائي چڪا آهن، جن ۾ مضمونن جا خاص ڳُٽڪا آهن: (١) چٽگون (١٩٤٠) (٢) وسنت ورکا (١٩٥٩) (٣) ساهتيه سار (١٩٦٢) (٤) ساهتيه سرج (١٩٧٨) (٥) سارنگ ۽ (٦) خوشبوُ (١٩٧٩). هن صاحب جي ٻولي ۽ عبارت وشيه موجب بدلجندي رهي ٿي. ساڌارڻ وشين ۾ ننڍا ننڍا جملا ۽ سليس ٻولي ڪم آندل اٿس. پهرين شروعاتي مضمونن کي هن صاحب

اٺون ۽ وچين درجو پڙهيو. هن صاحب روايتي تعليم نه ورتي آهي پر زندگيءَ جي اسڪول ۽ آزموديءَ جي ڪاليج ۾ پڙهيو آهي. بسنت صاحب عمر ۾ وڏيارين تي رهيو. تنهنڪري سندس اڀياس ڪنهن هڪ وشيه تائين محدود نه آهي. خاص ڪري پشچمي ساهت ۽ فيلسوفي، ارٿ شاستر، جڳت اتهاس ۽ سماج شاستر ۾ سندس خاص دلچسپي پئي رهي آهي. سائنس به سندس پسنديءَ جو وشيه آهي. تنهنجو ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو جو هن صاحب بي. اي. ۽ ايم. اي. جي شاگردن کي جدا جدا وشين ۾ سکيا (ٽيوشن) ڏني آهي ۽ انهن کي سيکارڻ خاطر انهن وشين جو اونهو اڀياس ڪيو آهي. انسان ذات جي هر مسئلي ۾ سندس گهري دلچسپي آهي. هو صاحب پرڪرتيءَ جي ورات روپ پسڻ جو خواهان آهي. انڪري سندس من ۾ جيڪي امنگه اڀرڪو ڪائين ٿا تن کي هو قلمبند ڪندو رهي ٿو.

بسنت صاحب وديشي ادب جو ڪافي اڀياس ڪيو آهي. تنهنڪري ساهتڪ کيتر ۾ سندس آمد انگريزي ليکن سان ٿي، جيڪي ”سنڌ آبزرور“ ۽ ”ائڊوانس انڊيا“ مخزنن ۾ شايع ٿيا. سنڌيءَ ۾ لکڻ جي شروعات وشن جڳتياڻيءَ جي چوڻ تي سندس روشني اخبار ۾ ”روشني“ ٽالي ليکه سان ڪيائين. پوءِ ته رفته رفته

ٻنڪو "وسنت وڪا" شايع ٿيو جو پڻ ڪافي لوڪ-
پريه رهيو. هن ۾ ١٢ مضمون آهن، جيڪي ليکڪ جي
ذاتي آزمودي جو نچوڙ آهن. پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي
جي راءِ موجب اُهو ڪتاب "ڪنور" کان به عمدو
آهي. سنڌس ٽيون ڪتاب "ساهتيه سار" جيڪو
تنقيدي ليکن جو خالص علمي ڪتاب آهي، اُن ڪتاب
تي عالماڻي عبارت جي ڪري جي. ٽي. ڊبليو فائونڊيشن
هاوائي (آمريڪا) وٽان هڪ هزار ڊالرن جو انعام مليو
اٿس. اِهو انعام اُنهن کي ملندو آهي جيڪي M.D. يا
PH D پاس ڪرڻ پڄاڻان ڏهاڪو سالن جي کوجنا بعد
ڪو ڪتاب تيار ڪندا آهن. تنهن مان ظاهر آهي ته هن
ڪتاب تي ڪافي محنت ڪيل آهي. پر منجهس فارسي
لفظن جو استعمال وڌيڪ آهي. پارت ۾ اڄي سنڌي
فارسي جاڻڻ جو پتن ننڍا ڪن، اُنڪري اهڙا ڪتاب
سمجهي سگهڻ کان محروم آهن.

١٩٧١ ۾ سنڌس شاهڪار ڪتب ساهتڪ رچنائن
جو مجموعو "ساهتيه سرج" شايع ٿيو. جنهن ۾ ٢٠
ساهتڪ مضمون درج ڪيل آهن. ناول ڪلا کان سواءِ
هن ۾ ساهت جي هر شاخ تي اونهي اڀياس سان وستار
ڪري مضمون لکيا ويا آهن. اهڙا ڪتاب جيئن اڳ-
عاڻابل آهي تيرت بسنت جي گهري اڀياس جو نتيجو
آهن. پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي "ساهتيه سرج" کي

”ريچڪ“ جا ليک ڏنيو آهي. پر سندس هر ونهيءَ جي لکڻي ريچڪ نه آهي. گنڀير وشين لاءِ سندس گنڀير نوع رهيو آهي، جنهنڪري عبارت عالمائي ۽ بولي سپڪ ۽ ڳوڙهي بڻجي وڃيس ٿي. عالمائي عبارت ڪري ئي سندس ڪيترا مضمون درسي ڪتابن ۾ شامل آهن ۽ ڪجهه ڪتاب بي. اي. ۽ ايم. اي ۾ درسي ڪتاب طور تسليم ٿيل آهن. سندس عالمائي لکڻين، ويچارن ۽ اڙدائڪ شليءَ کي ڏسڻو هجي ته سندس ”ڇڻگون“ ۽ ”وسنت ورکا“ ڪتاب پڙهي ڏسو.

وسنت صاحب جي هرڪنهن رچنا ۾ خيالن سان گڏ ڪلپنا جي اڏام هوندي آهي. جيوني ڪلا ۾ ڪافي ماهريت حاصل ڪئي اٿس. جواهر جيوني (١٩٤١) ڪنور جيوني (١٩٥٧) ۽ گانڌيءَ جي جيوني (١٩٧٢-٧٨) اهي ڪتاب سندس اعليٰ ودوان هئڻ جو ثبوت ڏين ٿا. سندس ڪتاب **”ڪنور“** تي ١٩٥٩ ۾ کيس ساهت اڪادمي انعام عطا ٿيو. ساهت اڪادمي سنڌيءَ کي تسليم ته ڪيو پر هيل تائين ڪنهن به سنڌي ليکڪ کي انعام نه مليو هو. شري تيرٿ بسنت کي انعام ملڻ سان سنڌي ليکڪن کي به اِنعامن ملڻ جي شروعات ٿي. اِها سنڌي جاتيءَ جي خوشنصيبي هئي. ساهت اڪادمي انعام کان پوءِ ئي ساهتڪ ڪيتر ۾ سندس قدرشناسي ٿي.

هند ۾ بسنت صاحب جو ٻيو ڪتاب مضمونن جو

مضمون جو ٽُڪرو ”ساهتيه سرج“ سنڌي ادب ۾ هڪ ڳوڙهو اضافو آهي.“

بسنت صاحب جي ٻولي پڙهڻ سان پر ۽ سنڌي پارسي مصرعن سان ڀرپور هوندي آهي. عملي مسئلن جي چنڊ ـ ڇاڻ لاءِ هن نوَ لفظ ۽ اڻ ائتا جملا ڪتب آندا آهن. اُنهيءَ ڪري هن صاحب جي ڪن ڪتابن جي ٻولي ڏکي ٿي لڳي. سندس ڀاشا بابت سرگواسي ملڪاڻيءَ جا ويچار هن ريت آهن- ”هو (تيرٿ بسنت) نه صرف نيٺ سنڌي زبان ۾ گوهر آهي، پر هندي، اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين تي به دسترس اٿس. تن مڙني مان سنڌيءَ جي طبيعت سان ٺهڪندڙ لفظ ۽ محاورا چونڊي ۽ ملائي انکي مالامال ڪيو اٿس.“

لکڻ جو خط بسنت صاحب جي سياءِ ۾ آهي. هن خود هڪ هنڌ چيو آهي ”آءٌ ڪو سڪٽي واهه واهه يا تاڙيءَ لاءِ نه لکندو آهيان. منهنجو سياءُ مونکي پاڻ سان ٿي رنڌل رهڻ تي سيکاري.“ اهڙيءَ طرح هيءُ صاحب پنهنجي روح سوڌو لکندو هو. اهڙي سياءَ ڪري اخبار جي سهڪار کان به وانجهيل رهيو.

شري تيرٿ بسنت ويهارو کن ڪهاڻيون به لکيون آهن ۽ سندس هڪ مجموعو ”ماڻهو“ شايع ٿي چڪو آهي. هنن ڪهاڻين ۾ ڀاوپڪش کان وڌيڪ عبارت ۽ ٻوليءَ تي ڌيان ڏنل آهي. هيءُ صاحب ناٽڪ نويس

هڪ اعليٰ درجي جو ڪتاب پڌائيندي لکيو آهي، ”سنڌس (تيرٿ بسنت جو) ريلو خاص ساهت ڏي آهي جنهن تي ڪيترائي مضمون رچيا اٿس. تازو جو ”ساهتيه سرج“ پستڪ پڌرو ڪيو اٿس، سو سنڌس سڀني ڪتابن جو سرمور آهي. اُن ۾ ساهت جي مکيه خواه معمولي شاخن جي اُصولن جي باريڪ بينيءَ سان ڇنڊڇاڻ ڪئي اٿس.“ ملڪاڻي صاحب کي سنڌس چمتڪاري لکڻيءَ خاص متاثر ڪيو آهي.

شري تيرٿ بسنت پراچين ادب کان وٺي جديد ادب تائين، ادبي اُصولن جي چڱي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. هنجو تنقيدي نظريو روايت پرستيءَ خلاف ۽ جديد اُصولن جو حامي آهي. پر انجي باوجود هُو ڪو مقرر ماپو پائي نه سگهيو آهي. تيرٿ بسنت پاڻ لکيو آهي، ”منهنجن ڪتابن ۾ نون خواه آڳاٽن سڌانتن ۽ ويچارن تحرڪن ۽ تجربن جي ڇنڊڇاڻ ۽ ڪشاڪش هوندي آهي. منجهن گيان وگيان خواه اِتهاس ۽ فلسفي جي جهجهي ملاوت ڏسبي.“ شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ساهتيه سرج کي تنقيدي ادب ۾ شماريندي فرمايو آهي- ”تيرٿ بسنت تنقيدي ساهتيه ۾ اڳرو رهيو آهي. سنڌس تنقيدي ادب ۾ عالماڻو رخ ملي ٿو. جيتوڻيڪ هُو نقاد هئڻ جي دعويٰ نٿو ڪري پر هن صاحب ڪافي ڳؤرا مضمون هن صنف ۾ پڻ لکيا آهن. سنڌس

صاحب ڳرڙي رانزني ۽ ذڪيبازيءَ جي نمائش کان پري ڀڄندڙ آهي.

سندس دعويٰ آهي ته اڄ به هن وقت اڻ ڇپيل ساهت، علمي نقطہ نگاهہ کان ڇپيل ساهت جي ڀيٽ ۾ مال و رومال جي لحاظ کان وڌيڪ مائيدار پيو آهي. ڪجهہ بہ هجي شري ٽيرٿ بسنت جهڙيءَ ساهتڪ هستيءَ تي، هر سنڌيءَ کي ناز آهي ۽ رهندو. هن صاحب جون اڄ بہ ساهت خواہ تعليمي کيتر ۾ سنڌي قوم کي خدمتون ملنديون اهڙي آشا رکي سگهجي ٿي، جو سندس قلم ۾ اڄ بہ جوش ۽ تاثير جيئن جو تيئن موجود آهي.

ٻه آهي. ”چترا“ ٽئگور جي ناٽڪ جو ترجمو ڪيو اٿس. سنڌ ۾ ٻئي انگريزي ڪتاب ”Kings Wife“ جي آڌار تي ”ميران“ ناٽڪ لکيائين. شيڪسپيئر جي ڪن ناٽڪن - انٿوني ڪلئو پيٽرا، آٿيلو، هئمليٽ جو ترجمو ڪيو اٿائين. ١٩٨١ ۾ سنڌس سٺن ايڪانڪين جو مجموعو ”جيون جوالا“ جي نالي سان ڇپرو ٿيو آهي. لڳ ڀڳ سنڌس سڀ ايڪانڪيون ڪيترن ئي چڪرن ۽ درشين ۾ ڦاٽل آهن. منجهن ناٽڪي فن لاءِ گهربل عناصر عدم پيدا آهن ”ڪتا شالا“ جا پاسا ٻه ڏاڍا اينگهيل ۽ بور ڪندڙ آهن. ڪل ملائي پڙهڻ جي خيال کان سنڌس ايڪانڪيون نيڪ آهن پر اسٽيج ڪرڻ جهڙيون نه آهن.

هن صاحب ڪجهه ڪوتائون ٻــ لکيون آهن. ان ريت مضمون، جيوني، ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ ڪوتا وغيره الڳ الڳ ساهت شاخن تــي ڪلڪ رائيءَ جو جوهر ڏيکاريندي ٻه بسنت صاحب کي جيڪا ڪاميابي جيوني ڪلا ۽ تنقيدي مضمون لکڻ ۾ ملي آهي اُها ڪنهن ٻي شاخ ۾ حاصل نه ٿي آهي.

بسنت صاحب لاءِ چيا لکجي سا ڳالهه نه پر چيا نه لکجي اُها ڳالهه منجهائيندڙ لڳندي آهي. مطلب تــه ڪنهن وشيه تي هڪ وار قلم کڻندو آهي ته پوءِ سنڌس قلم مان اکر پنهنجو پاڻ ترڪندا ويندا آهن. هـــيءَ

بي. اي. ڪري ورهاڱي کان اڳ ئي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ ۱۹۳۶ ڌاري سنڌيءَ جو پروفيسر ٿيو. ڀارت ۾ اچڻ کانپوءِ جئه هند ڪاليج بمبئيءَ ۾ سنڌي وڀاڳ جو پرمک ٿي رهيو. قابليت ڪري بمبئي يونيورسٽيءَ کيس سنڌيءَ جو ريڊر مقرر ڪيو. هن وقت هو صاحب رٽائرڊ جيون گهاري رهيو آهي.

پنجواڻي صاحب اعليٰ درجي جو ناول نويس، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار ۽ شاعر آهي. سنڌ ۾ صوفين ۽ سنتن جي صحبت مان ڪافي ڪجهه پرايو اٿائين. سندس گهڻي رچي ڪلاسيڪي شاعرن ۾ رهي آهي، تنهن ڪري سنڌيءَ جي شاهه، سچل، سامي، مغرب جي شيلي، ڪيٽس، براؤننگ اُردوءَ جي حافظ، اقبال، غالب وغيره جي ساهت جو چڱو اڀياس ڪيو اٿائين. روحاني طور هيءُ صاحب ٻيوس ڌانهن مائل آهي. هنجي جيون جي فلاسافي پنهنجي آهي. هنجو چوڻ آهي - ”جيڪي ڪجهه ايشور طرفان اچي ٿو سو سڀ اسانجي ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ آهي.“ اٽڪل ۵۰ سالن کان هوءُ صاحب سنڌيءَ جي سيوا ۾ لڳل آهي. سنڌي ساهت ۾ گهڻو يوگدان ڏنل هئڻ ڪري کيس ”سدا بهار“ ساهتڪار ڪري ڪوٺيو ويندو آهي هن صاحب جا اٽڪل ۲۸ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

ناولن لکڻ ۾ هيءُ صاحب پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

پروفيسر رام پنجواڻي



سنڌي ساهت ۽
سنڌي سنگيت جو سنگم
جيڪڏهن ڪنهن اعليٰ
اديب ۾ نظر اچي ٿو ته
اهو آهي پروفيسر رام
پنجواڻي. هن صاحب ۾
جدا جدا خوبين وارا ٽي
فنڪار هڪ ئي وقت
سمايل آهن. هڪ طرف
هو پنهنجي قلم جي زور
سان ساهت جي جدا-
جدا شاخن کي مالامال ڪندو رهيو آهي، ٻئي طرف
ڀڳت ڪنور رام جيان ڪنن ۾ ڪنڊل وجهي، ڳچي ۾
چاڙهو ڀري سنڌي ڀڳت جو رس ٿو وهائي ته ٽئين طرف
سنگيت جي ورکا ڪندي، سنڌي ساز منڪي تي
"آيو لال جهولي لال" ڳائي ماڻهن کي جهومائي ٿو
ڇڏي. اهڙي هردلعزيز ساهتڪار، ڪلاڪار ۽ سنگيتڪار
جو جنم ۲۰ نومبر ۱۹۱۱ ۾ لاڙڪاڻي (سنڌ) ۾ ٿيو.
سندس پورو نالو رام پرتابراءِ پنجواڻي آهي. ادبي
تخلص "رام" اٿس. لاڙڪاڻي جي اي. وي. اسڪول
مان مئٽرڪ ڪيائين. ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مان

مطلب ته پنجوائي صاحب پنگتي ۽ سياسي ٻنهي قسمن جا ناول لکيا آهن. پنجوائي صاحب جو ايشور ۾ اٽوٽ عقيدو رهيو آهي. هنجي فلسفيءَ موجب ”آدم ٻهرين ڪرڻ کپي ۽ پوءِ وشواس ڌاري شانتي ڪري ويهي رهجي. ڪوشش ٻهرين ڪرڻ کپي ۽ پوءِ قسمت تي ڇڏي ڏجي.“ اهڙو ئي هڪ سنڌس آدرشي ۽ آشاوادي نظريو ڏٺي هلندڙ ناول آهي ”آهي نه آهي“ اهو ناول هڪ ناستڪ انسان ۾ به ڪنهن غيبي شڪتيءَ ۾ وشواس ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو ۽ جديد ناول جي اڻاٺائن کان واجهيل آهي؛ جيتوڻيڪ ڪن عالمن جي نظر ۾ هيءُ شاهڪار ڪتاب آهي. ”شل ڌيئر نه جمن“ ناول عوام ۾ ايترو پسند پيو جو هنجو اسڪرين پلي تيار ڪري ساڳي ئي نالي سان فلمايو ويو، جنهنجي ديپڪ آشا هدايتڪاري ڪئي. انهن ناولن جي ناياب ڪاميابيءَ ڪري هو صاحب عالمگير هستي بڻيو.

پنجوائي صاحب سٺو اداڪار ۽ هدايتڪار هئڻ ڪري ناٽڪي فن ۾ ڪافي اڳرو رهيو. هن صاحب ڪيترائي ايڪانڪي ناٽڪ ۽ طويل ناٽڪ لکيا آهن. جن مان ڪيترا ڪاميابيءَ سان اسٽيج تي پيش پڻ ڪيا ويا آهن. طويل ناٽڪن ۾ (۱) پڪي ۾ پدمڻي (۱۹۴۳) (۲) ياد ڪندا (ترجمو) (۱۹۶۸) (۳) تياڳ ۽ مڪتي (۱۹۷۸) (۴) آيو نئون زمانو (۱۹۷۸) ”ياد ڪندا“

هن صاحب سڀ سارا نو ناول لکيا آهن جن کيس هڪ ڪامياب ناول نويس طور شهرت ڏني آهي. ڇهہ ناول هن سنڌ ۾ لکيا ۽ باقي ٽي نـاول هند ۾. سنڌ جي ڇهن ناولن ۾ ٽي ناول ئي سنڌس اصلوڪا آهن. سنڌس پهريون ناول آهي "پدما" (١٩٣٩) جيڪو هالڪينس جي انگريزي ناول Eternal City جو اُلٿو آهـــي. ٻيو "شرميلا" (١٩٤٤) انگريزي آڪاڊميءَ جي آڌار تي رچيل اٿس ۽ ٽيون "اسانجو گهر" (١٩٤٦) جيڪو هندي ناٽڪ "ديوار" کان متاثر ٿي لکيائين باقي سنڌس اصلوڪا ناول آهـن (١) قيدي (١٩٤٣) (٢) لطيفہ (١٩٤٥) (٣) چانديءَ جو چمڪو (١٩٤٧) (٤) زندگي ۽ موت (١٩٥٢) (٥) آهي نـہ آهي (١٩٥٥) ۽ (٦) شل ڌيئر نـہ جمن (١٩٥٧).

پنجواڻي صاحب سنڌ ۾ ئي ناولنويسيءَ جي فن ۾ مقبوليت حاصل ڪري چڪو هو. جيڪي ناول سڀ کـان وڌيڪ ڪشش جو باعث بڻيا آهن، سي آهن- "قيدي"، "شرميلا"، "آهي نہ آهي"، "پدما" ۽ "شل ڌيئر نہ جمن؟". پنجواڻي صاحب پنهنجي ناولن جا موضوع جدا جدا کنيا آهن- هندستان جي آزادي، قومي هلچل، مسلمان گهوناڻن جي زندگي، ورهاڱي جي تصوير ڪاڻوني وينڌي نون وشين کي بہ ڇهيو اٿس، جن ۾ پريم جو پهلو، ڏاڍي ليڏيءَ جو پرنڊڙ مسئلو بہ اچي وڃن ٿا.

"انوکا آزمودا" ڪتاب تي ١٩٦٤ ۾ سنڌس ساهتڪ سيوائن جي قدرشناسي ڪندي، ساهت اڪادمي اوارڊ ڏنو ڪيو ويو. هن انتخاب ۾ حقيقي زندگيءَ جا ١٦ واقعا ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ درج ڪيل آهن. پروفيسر پنجواڻيءَ جو ساهت، جيون جي حقيقتن ۽ آتمڪ انڀون سان واسطو آهي. سچ ته هن صاحب جون اهي سمرتيون آهن، ڪي ورهاڱي کان اڳ جون ته ڪي پوءِ جون، ڪي ورهاڱي جي لڏ پلاڻ واري وقت پيدا ٿيندڙ مسئلن جون. هن صاحب اُنهن سڀني گهٽنائن کي اهڙي دلچسپ نموني پيش ڪيو آهي جو افسانو پڙهجي پيو آهي.

هي اهڙو دؤر آهي جڏهن زندگيءَ جي هر قوم تي ڪوڙ، ٺڳي، دلبو ۽ بي ايماني لڳي پيئي آهي. اهڙي سمي ۾ پروفيسر پنجواڻيءَ جو "انوکا آزمودا" بلديو گاجرا جي لفظن ۾ "روشن منار جيان سنڌ جي راهه جي پانڌيئڙن لاءِ آتمڪ آشا جي سرچشمي جو ڪم ڏيندو ۽ لڏندڙ ۽ لڇندڙ دلين کي، ڌيرج ۽ وشواس جو بنياد ئي رهندو."

پنجواڻي صاحب سٺو مضمون نگار ۽ شاعر پڻ آهي. سندس مضمونن جا ڳٽڪا "ادبي غنچو" (نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ سان گڏ) ۽ "سڀون" ۽ شعر و شاعريءَ ۾ "سنڌي ڪلام" ۽ "ٻونڪيءَ جا گيت" چڱي اهميت

۽ ”آيو نئون زمانو“ جا ڪيترائي شو الڳ الڳ شهرن ۾ ڪاميابي حاصل ڪري چڪا آهن.

لوڪ ناٽڪ رچڻ جي روايت کي پنجواڻي صاحب پختو ڪيو. هن صاحب ڪراچيءَ ۾ ٿي ١٩٤١ ۾ ”موهل راڻو“ لکيو ۽ اسٽيج تي پيش ڪيو. پڪي ۾ پڌنٽي ٻه لوڪ ـ ناٽڪ آهي، جنهن ۾ عمر مارئيءَ جو قصو آهي. تنهن کانپوءِ شاه صاحب کان متاثر ٿي، شاه جون سڀ لوڪ ڪهاڻيون، ناٽڪي روپ ۾ ٻڌاڻي جي صورت ۾ پيش ڪيائين. اهي سڀ مجموعي جي روپ ۾ ”سنڌ جا ست ناٽڪ“ نالي سان ١٩٧٧ ۾ شايع ٿيا. پروفيسر ملڪاڻي صاحب جي لکڻ موجب ”پنجواڻــي مٿين لوڪ ناٽڪن ۾ سنڌي پڳت ٻه ڌاڙي مزيدار وجهندو هو، جنهن ۾ مکيه پڳت جو پارٽ پاڻ ڪندو هو.“

زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ ڪهاڻي نويسن ۾ پروفيسر پنجواڻي صاحب ٻه هڪ آهي. ناول ۽ ناٽڪن لکڻ سان ٿي ماڻهن کي متاثر نه ڪيو پر پنهنجي ڪهاڻي لکڻ جي انوکي طرز سان عوام جو من موهي ڇڏيو. محمد گاڏيءَ وارو ۽ سڄڻ تون ۾ ڇڏ پيچ، هن جون بهترين ڪهاڻيون آهن. هنجي ڪهاڻين جا مجموعا جيڪي شايع ٿي چڪا آهن سي آهن (١) انوکا آزمودا (١٩٦٢) (٢) وچتر واقعا (٣) عجيب آڪاڻيون (١٩٦٦) (٤) تنهنجا منهنجا تجربا.

وڌندو آهي. ڳائڻ جي ته ڪا کيس ايشوري ڏات مليل آهي. هن پنهنجي مڌر وائيءَ سان سرڳواسي پنڊت جواهر لعل نهروءَ جو من پڻ موهي ڇڏيو هو. ايتري قدر جو هُو کيس چوندو ئي ”مٺڪي والا پروفيسر“ هو.

سنگيت وديا ۾ سرس ٿيڻ لاءِ جنهن کيس اُتساهه ڏياريو سو هو، سرڳواسي ڪشنچند ”بيوس“. ”بيوس“ سندس اُستاد هو. اُنجي همت افزائيءَ سان ئي بالڪ رام پنجواڻي اڳتي آيو. شيوارام ڀاوناڻي کيس اسڪولي جيون ۾ سنگيت جي سکيا ڏيندو هو. قريب اٺن سالن جي عمر ۾ پهريون دفعو اسڪول اسيمبليءَ ۾ ڳائڻ جي شروعات سائين بيوس جي گيت ”اسانجي حال تي هردم....“ سان ڪيائين. پوءِ ته سندس همت ۽ اُتساهه وڌندو ويو. تنهن کان پوءِ اسڪول جي سالياني جلسي ۾ راڳ جي چٽاڀيٽيءَ ۾ ڀاڱ ورتائين ۽ اُن ۾ شاهه لطيف جي ڪافي ڳائي ٻڌايائين، جنهن ۾ کيس اِنعام ته مليو ئي پر ڪافي داد به مليو. ڪنٺ ۾ مڌرتا هئڻ ڪري، بيوس سائينءَ کيس اميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽيءَ جي ناٽڪن ۾ ڳائيندڙ اداڪار بڻائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هو صاحب سنو اداڪار ۽ ڳائڪ بڻجي پيو. پروفيسر پنجواڻيءَ خود هڪ هنڌ لکيو آهي- ”ڪلا جي کيتر ۾ جيڪڏهن مونکي ڪيرون ٿيون ملن ته- اهي حقيقت ۾ منهنجي

تا رکن. سنڌيءَ کان سواءِ هن هنديءَ ۾ به ڪجهه شعر رچيا آهن. فيلسوفاڻا خيال سندس شعر ۾ پريا پيا آهن.

پروفيسر رام پنجواڻي نه رڳو ٻهرک ساهتڪار ۽ ڪلاڪار آهي پر جيئن ڀرين چيو ويو آهي، هيءُ هڪ لوڪ پريه گائڪ ۽ سنڌيت جو پيغام پهچائيندڙ، سنڌين جو اڳوان پڻ آهي. هن پنهنجي سنگيت ذريعي نه رڳو ڀارت جي سنڌين کي، پر ڀارت کان دور مغرب جي ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين کي پڻ، پنهنجي ڪلامن ذريعي متاثر ڪيو آهي. سو به اهڙي وقت جڏهن ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ اچڻ ڪري، سنڌي قوم پنهنجي زندگيءَ جي ڪشمڪش واري حياتي گذاري رهي هئي. سنڌين جون دليون مايوس ۽ ملول هيون. اهڙي سمي پنجواڻي صاحب ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ۾ وڃي سنڌين جي ٽٽل دلين تي پنهنجي چونڪيءَ ذريعي، مڌر آواز ۾ صوفي ڪلام ٻڌائي، روحاني راحت ڏني. سنڌين کي آتت ڏيندي سنڌي سڀيتا جي امر رهڻ جو سنيهو ڏيندو رهيو. اهڙيءَ طرح پنجواڻي صاحب سنڌي چونڪيءَ جو پايو وڌو. اڪثر ڪري پنجواڻي صاحب پنهنجي چونڪيءَ جي شروعات ”لنهنجي گنج ۾ ڪمي ڪانه ڪائي“ سان ڪندو آهي. انهيءَ سنڌيت جو سنيهو هنڌ هنڌ پهچائڻ ڪري ئي پنجواڻي صاحب کي ”سنڌين جو ايلچي“ ڪري سڏيو

صاحب جي پريرڻا ۽ رهبريءَ سان بمبئيءَ ۾ "سپنا سنڌ جون" تيار ٿيو آهي جتي ٻاهران ايندڙ ڪلاڪار اچي ناٽڪا ڏيندا آهن ۽ ڪلا ڪيندر ۾ وڪاس لاءِ گڏيل اڀياس ڪلاسنا ڏيندا رهندا آهن ۽ گيت سنگيت جا ميلا ۽ محفلون مچنديون آهن.

پروفيسر پنجواڻي اسان سنڌين لاءِ فخر جو باعث آهي. هنکي سنڌي ٻوليءَ ساهت ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ تمام گهڻو پيار آهي. هو صاحب جتي به ويندو آهي اتي سنڌيت جو پرچار ڪندو آهي. جيئانند لالواڻيءَ لکيو آهي - "مان هنکي سنڌين جو لوڪمانيه تلڪ چوندو آهيان ڇو ته جيئن لوڪمانيه تلڪ مرهٽن کي گڻيش جي پوڄا سيکاري، ايئن آنندي ٿيئن هن سنڌين کي "امرلعل" جي پوڄا سيکاري. سنڌين ۾ ايڪي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اڄ جيڪو اسين جيتي چنڊ جو سنڌيت ڏينهن ڪري ملهائي رهيا آهيون سو به هن صاحب جي مبارڪ ڪوشش جو ئي ڦل آهي. هن جيڪي سنڌي جاتيءَ تي ٿورا ڪيا آهن، سي سنڌي جاتي ڪڏهن به وساري نه سگهندي."

اهڙي اعليٰ سنڌيت جي شيدائي ۽ قوم جي ڳهڻگهرئي بابت سنڌس شخصيت جي جاڻ ڏيندي ڏيو "وفا" چيو آهي - "رام پهوڳڻي آهي. شڪل شبيهه جو سهڻو ۽ وڻندڙ، سانت سيتل سياه وارو هلت.

سائين ٻيوس کي ملڻ گهرجن." اهڙيءَ طرح هو صاحب سٺو گلوڪار بڻيو. کيس لوڪ گيت ۽ لوڪ سنگيت جي گهري ڄاڻ آهي.

پروفيسر پنجواڻي ڪلا جو پوڄاري آهي، تنهنڪري هو صاحب نه رڳو سٺو ساهتڪار، سنگيتڪار بڻيو بلڪ ساڻ ساڻ سٺو اداڪار ۽ هدايتڪار پڻ. گائڪ ۽ سنگيتڪار جي حيثيت ۾ هنجا بي شمار گيت، ڪافيون، ڪلام، ڀڄن، غزل سنگيت جي محفلن ۾ ڳايل آهن. سندس سنگيت جا رڪارڊ اڪثر آل انڊيا ريڊيو تان پيا ٻڌبا آهن. سندس گيتن ۽ ڪلامن جون ڪئسٽ پڻ پيل آهن. نه فقط ايترو بر ڀارت ۾ جيڪي به سنڌي فلمون ٺهيون آهن، اُنهن ۾ گهڻي ڀاڱي اداڪار طور رول ڪيو اٿس. (خاص طور، جهولي لعل، لاڏلي ۽ سنڌوءَ جي ڪناري ۽ هوجمالو ۾.)

سنڌي ڄاتيءَ جي لاڪيڻي لال پروفيسر پنجواڻيءَ کي انسان ذات کي خوش رکڻ جي دل ۾ لڳن لڳل آهي. هو هميشه کل مک رهندو آهي ۽ ٻين کي به کل مک ڏسڻ چاهيندو آهي. ٻين جو ڏک پنهنجو ڏک ڪري سمجهندو آهي. پنهنجين چونڊين ۾ ڪٺا ڪيل پئسا ڪيترين سنسٿائن کي سماجڪ ڪارج لاءِ ڏيندو آهي. شاهوڪارن کان مدد وٺي غريب نياڻين کي اڪلائڻ جهڙو پرمارٿ جو ڪارج به ڪندو آهي. هن

سرڳواسي ليکراج "عزيز"

سنڌي جڳت جي آڪاش ۾ سرڳواسي ليکراج "عزيز" جو نالو اَج به سج وانگر چمڪي رهيو آهي. اِهو محض انڪري جو سنڌي ٻوليءَ جو صحيح اِستعمال ڪرڻ جي جيڪا مڪمل ڄاڻ عزيز صاحب کي هئي، سا شايد ئي ڪنهن ٻئي شاعر کي هجي. هڪ عظيم شاعر، صوفيانه رنگ ۾ رڱيل، ڄاهلن جا چوڏا لاهيندڙ ظالم نقاد علم عروض ۾ ماهر هڪ ئي شاعر هو ليکراج "عزيز". سندس جنم ١٩ ڊسمبر ١٨٩٧ ۾ حيدرآباد (سنڌ) ۾ ٿيو. سندس پورو نالو ليکراج ڪشنچند ميرچندائي ۽ ادبي تخلص "عزيز" آهي.

عزيز صاحب جا وڏا هيرآباد ۾ رهندڙ ناميار خاندان جا حيدرآبادي عامل هئا. سندس پتا وڏو زميندار هو. هنجي خاندان جا ماڻهو، سونهن ۽ فلڪ ڏيکارڻ ڪري مشهور هئا. چيو وڃي ٿو ته سندس ماتا بيحد سندر هئي، ماتا جي سندرتا گويا هنکي ورثي ۾ ملي هئي. بالڪ ليکراج به سهڻو، ڪشش ڪندڙ روشن وارو ۽ خوش مزاجي سڀاءَ جو هو. چرچن گهڻن

چاڻت ۾ سيپي، ڳائڻ جي ذات، شاعر، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، سيني کي دوست بڻائڻ جو منجهس ڏانءُ، انسان ذات لاءِ همدردي ۽ ديا، محبت، ڪلفت ۽ ڪترپڻي کان دور، عالم فصيح زبان، تيز حافظو، حاضر جوابي ۽ ماڻهن جي دلين کي پرکڻ جو هنر - هڪ ئي شخص ۾ ايترا گڻ. رام فطرتاهڪ دوستانه طبع وارو شخص آهي جو دشمن کي به دوست بڻائي ڇاڏي." اُن مان ظاهر آهي ته پنجواڻي صاحب گوناگون شخصيت جو مالڪ آهي.

سنڌي جڳت ۾ جي ڪنهن وڏ ۾ وڏ لوڪ پريتا حاصل ڪئي آهي ته اُهو ساهتڪار آهي پروفيسر رام پنجواڻي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ اهڙي ڀلوڳڻي محبوب ڪلاڪار جي قدرشناسي ڪري ڀارت سرڪار کيس ١٩٨١ ۾ "پدم شري" جو لقب عطا ڪيو آهي. هيءُ پهريون خوش نصيب سنڌي ساهتڪار آهي جنهن کي اهو خطاب مليو آهي. شل ايشور کيس وڏي ۽ صحتمند آورجا بخشي جيئن هو اڃا به سنڌي ساهت، سنڌي تهذيب ۽ سنڌي سماج جي هرطرح شيوا ڪري اهو سنيهو نہ فقط هند ۾ پر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائي، سنڌي قوم جو نالو روشن ڪري. ●●

هئا. جنهن شاعر، شعر و شاعري ڪرڻ کانسواءِ شعر تي ٽڪنڊيون پڻ ڪندا هئا. هن صاحب ١٩٢٠ کان ١٩٤٧ تائين پنهنجي پتا جو جواهرات جو ڌنڌو ۽ زمينداري سنڀالي، اُتي هارين نارين کان ڪيترائي صوفي ڪلام ٻڌائين ۽ ڪچهريءَ ۾ ويهي دلي ۽ ايڪتاري جو لطف ماڻيائين. اُن واتاورڻ سندس شاعرائي فن ڪــي توج ڏني. سنڌ ۾ هندي مولوي اَمام-بخش وٽان پارسي ۽ ٻــوءِ ميان عبدل معيبو وٽان عربي پڙهيو. اِن ريت عربي پارسيءَ جــو ڄاڻو هئڻ ڪري "سنڌي لفظن جي ڪاڻ" تي پيو ۽ جوانيءَ ۾ اُتي بزرگ شاعرن سان مشاعري ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو. هند ۾ اچڻ بعد هندي ۽ اُردوءَ جو ٻه چڱو محاورو ٿيس ۽ هوُ صاحب سنڌيءَ کانسواءِ پارسي، عربي، هندي، اُردو ۽ انگريزيءَ جو ماهر ٿــي پيو. قابليت سبب بمبئيءَ جــي ڪشنچند چيلارام ڪاليج ۾ سنڌي جــو پروفيسر ٿيو.

عزيز صاحب شاعر ٿي ساهتڪيتر ۾ آيو ۽ مکيه طور شاعر ئي ٿي رهيو. شعر و شاعريءَ ٿي ڪلاڪراڻي ڪندي ڪندي شعر جي هر شاخ تــي طبع آزمائي ڪيائين. هيءُ مثنوي رچيندڙ هڪ اُي هندو شاعر هو. مثنويءَ کانسواءِ رباعي، غزل ۽ نظم هنجا پريـــ وشيه رهيا. سندس پياري صنف "غـــزل" هئي. اُن صنف ۾ سڄي سنڌ ۾ سندس ڪير ٻه ثاني نه هو. سڀ غزلگوءِ

۾ پنهنجن همشريڪن ۾ پڙهو. ساڳئي وقت هو تيز فهم ۽ آتم وشواسي ايترو هو جو ڪا به ڳالهه بي باڪ ٿي چئي ڏيندو هو. حيدرآباد جي نولراءِ هيرانند اڪيڊميءَ مان ١٩١٥ ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين ۽ وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ داخل ٿيو.

فرسٽ ايئر ڪاليج ۾ پڙهندي گهڻو جوان هئڻ ڪري، سندس نينهن هڪ انگريز ڇوڪريءَ سان لڳي ويو. چوندا آهن ته جيئن خون ۽ ڪستوري لڪي نه سگهندا آهن، تيئن عشق لڪائيندي به ازخود ظاهر ٿي ويندو آهي. جڏهن سندس پتا کي پريم ليلا جي خبر پيئي، تڏهن پٽس حيدرآباد واپس گهرائي ورتس. کيس وڌيڪ صدمو تڏهن رسيو جڏهن خبر پيس ته سندس محبوبا کي پڻ لنڊن روانو ڪيو ويو آهي. انڪري ناأميديءَ وچان سخت بيمار ٿي پيو. کي اڻ نو مهنا ته کٽ تي واهه جا پيو هو. محبوبا جي ياد ۾ دل جي چوٽ رسڻ سبب شعر لکڻ جي شروعات ڪيائين. من جو ميت نه ملڻ ڪري عمر پڻ ڪنوارو رهڻ جو قسم کنيائين جو توڙ تائين نباهيائين پوءِ ته لفظ هنجي محبت ۽ شاعري هنجي محبوبا بڻجي پيئي.

جنهن وقت عزيز صاحب شاعريءَ جي ميدان ۾ آيو تن ڏينهين سنڌ ۾ رئيس ۽ نواب مشاعرا ۽ محفلون ڪندا

۽ وحدت جو راز اهڙيءَ خوبيءَ سان سليو ويو آهي جو پڙهندي عبرت وٺيو وڃي ڪوزي ۾ درياهه سمائڻ پلا ٻيو ڪنهن کي چئبو آهي؟

تشخص (Personification) جو عمدي نموني شعر ۾ استعمال ڪرڻ ۾ عزيز صاحب ڪمال ڪندو هو! ڏسو هيٺيون مثال:-

”گلاب لاٿو نقاب منهن تان، سمن کليو آهي حسن عريان،
پسائي نرگس ٿو ناز نخوت، بهار آيو، بها آيو.

اَڪثر ڏٺو ويو آهي ته ڪلاڪار جو جهڪاءُ جنهن خاص پاڙن طرف ٿئي، اُهو رنگ ۽ روپ سندس هر رچنا ۾، ڪنهن نه ڪنهن نموني اچي ئي ويندو آهي.

عزيز صاحب به پنهنجي وطن کي ڇڏيندي دل جي غمگين جذبي وچان چيو هجي-

”احوال فصل گل ۾، بلبل نـ پڇ وطن جو،
افسانو آهي پـر غم ٿيو سنڌ جي چمن جو“

سنڌ کي ياد ڪندي هن صاحب پنهنجي آنسون ڳاڙيا هجن ۽ موت ۽ دنيا جهڙن وشين تي پنهنجا فيلسوفاڻا ويچار پيش ڪيا هجن، پر بنيادي طور هو هڪ شرنگاري ساعر هو. عزيز صاحب جي جيوت جو هر تجربو، هر خوشي، هر حسرت ”عشق“ سان وابسط آهي.

عزيز صاحب پنهنجي ”صراحيءَ“ ۾ به شرنگاري ڪوي ئي ثابت ٿئي ٿو. هن شعر جي شرنگار جا ٻئي

کيس اُستاد ڪري مڃيندا هئا. غـزل جي صنف ۾ گهٽيون ٿي پيچيدگيون آندائين. سنڌ ۾ ٿي بنهنجي شاعريءَ ڪري چڱي مشهوري حاصل ڪيائين ۽ سنڌ سرڪار وٽان ڪن شعرن جي مجموعي ۽ ادبي آئبنني تي اِنعام پڻ ڪٽيائين.

سندس شاعريءَ جا ڪل ٻارهن اِنتخاب ظاهر ٿيل آهن. (١) ڪليات عزيز (٢) پيغام عزيز (٣) گلزار عزيز (٤) گلشن نظم (٥) شاعرائي شمع (٦) آبشار (٧) ٻهڳڻ ٻول (٨) صراحـــي (١٩٦٣) (٩) للڪار (١٠) مـــداح (١١) سوز وساز ۽ (١٢) مصر جي راڻي.

غزلن ۽ رباعين جو ڳٽڪو **"صراحي"** ايترو مقبول پيو جو صراحي سچ پچ شاعريءَ جي شراب سان ڀريل صراحي ثابت ٿي. اِنهيءَ شاهڪار تصنيف تي ساهتيه اڪاڊميءَ به متاثر ٿي ١٩٦٦ ۾ کيس اِنعام عطا ڪيو.

جڏهن کيس "صراحي" ڪتاب تي ساهتيه اڪاڊميءَ جو انعام مليو تڏهن صراحيءَ جـــي سرهاڻ هند خواه سنڌ ۾ هـرهنڌ ڦهلجي ويئي ۽ فضا اُن خـوشبوءِ سان تر ٿي ويئي. ٻانڪن کي سندس صراحيءَ مـان ڪجهه جام ڀري ڏيڻ چاهيندس-

"ذره ذره دليل آ سچ جو
پيچ آهي جزي ۾ پيو ڪل جو"

مٿين ٻن مصرعن ۾ سچ کـي ذره سڏي ڪثرت

ڪندي فرمايو آهي - ”عزيز جي عظمت جو بنياد آهي سندس زبان ۽ علم عروض جي باريڪين تي قابو. محاوره دار ۽ اصطلاحن پري بولي مان نئو سمجهان ته ڇهڙس ڪنهن ٻئي شاعر استعمال ڪئي آهي. شعر جي اُها ڪابه قديم صنف (Form) ڪانه آهي، جنهن ۾ عزيز ڪاميابيءَ سان قلم نه هلايو هجي. دقيق وزن تي، سخت زمينن ۾ عمدا غزل چيا اٿس. غزل جي صنف جون ساريون نزاڪتون سندس ”ڪلبات“ ۾ موجود آهن.“

عزيز صاحب جي بوليءَ تي فارسي ۽ عربيءَ جو خاص اثر هو. تنهنڪري سندس عبارت تمام پڪي ٻڌتي هئي، جيڪا عام ماڻهن جي سمجهه کان ٻاهر هئي. اِهو انهيءَ ڪري جو عزيز صاحب جو اُستاد هڪ پرڪه مسلمان شاعر هو جنهن کان هن فارسي شاعريءَ جي فن جو علم حاصل ڪيو. اِها حقيقت به وسارڻ نه کپي ته سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ وڏو حصو، مسلم شاعرن جو رهيو آهي. سو پنهنجي وقت جي ماحول سبب سنڌ ۾ فارسي لفظن جو گهڻو استعمال ڪندو هو. سنڌ ۾ جيڪي عام مشاعرا ٿيندا هئا تن ۾ عزيز صاحب پنهنجو فارسي طرز ۾ لکيل شعر پڙهندو هو ۽ کيس ڪافي داد ملندو هو.

پاڙي ۾ اچڻ بعد عزيز صاحب پنهنجي ڪلام کي

ٻڪش، ڀاؤ ٻڪش ۽ ڪلا ٻڪش سهڻي نموني ظاهر
ڪيا آهن. پر لڳي ٿو پريم جو خاص ڪري ويوڳ
ٻڪش ئي گهڻو ڪنيل آهي. مثال پيش آهي-

"سار ڀنڌي سڄي عمر جدائيءَ ۾ گذاريم،
ٿي واجهه وجهي يار جي وائن ڏي نهاريم،
بلبل جي صفت گل رخ دلبر کي ٿي ساريم،
ڏينهن رات روئي پنهنجي ٿي پرور کي پڪاريم"

ڪٿي ڪٿي سنيوڳ جو ورنن آهي. جنهن ۾ سونهن
جا سهڻا بيان ملن ٿا. عام طرح شرنگاري ڪوي ڀاونائن
جي وهڪري ۾ وهندي واسنا جي ڪن ۾ وڃي ڦاسندا
آهن، پر عزيز صاحب جي شعر ۾ سونهن جو فهميدو
بيان آهي. مثال ڏسو-

"آءُ گلي لڳهه منا،
آءُ پاڪر هاڻ پايون!"

اِن مان بخوبي ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌيءَ جي اعليٰ
۽ پختي ڪويءَ پنهنجي فرض کي پورو نباهيو آهي.
جذبات ۾ اچي هوُ اهو ڪجهه نه چئي ويو آهي جو
نامناسب يا اعتراض جوڳو هجي.

عزيز صاحب جي شعروشاعريءَ کي وڏا وڏا ناميارا
شاعر به داد ڏيندا هئا. هند جي مايه ناز شاعر شري
نارائڻ "شيام" پڻ کيس اعليٰ درجي جو شاعر قبول

وچار موجب "سندس تنقيد اڪثر لفظي ۽ عروضي هوندي هئي. هو ليکڪ جي خيالن ۽ وچارن جـي ڪٿ نه ڪندو هو."

ڪجهه به هجي عزيز صاحب جو سنڌي ساهتيه ۾ ڏنل يوگدان ساراهه جوڳو آهي. هـن صاحب شاعر طور نه سنڌ ۽ هند ۾ شهرت حاصل ڪئي پر ساڳئي وقت مضمون نگار، ناٽڪ نويس ۽ نقاد جي روپ ۾ به هو بلڪل پر سنڌ پرش ٿي عوام اڳيان آيو. هن صاحب جا ناٽڪ آهـن - "غريبان مـار"، "مستر مجنو" ۽ "ڪمار ابيت سنگهه." سندس نـاٽڪ رنگ مچ تـي چڱا ڪامياب رهيا "غريبان مار" ناٽڪ تي ڪيس سرڪاري علائڪار پورن طرفان انعام به عطا ٿيو. سندس مضمونن جو ڳٽڪو "اَدبي آئينو" هڪ شاهڪار ڪتاب آهـي جيڪو هن صاحب سنڌ ۾ اُٿي لکيو هو. جنهن لاءِ سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي کيس انعام عطا ڪيو هو. "ادبي آئينو" ۾ گونا گون وشين تي مضمون لکيا اٿائين. جن مان ڪيترا دلچسپ ۽ مزاقي ڀـڱ آهن. ملڪاڻي صاحب عزيز کي شاعر کان وڌيڪ نثر نويس مڃيو آهي. سندس ٻيو مضمونن جو ڳٽڪو آهي "گل وُخار" جنهن ۾ گل محمد "گل" کان وٺي ڪرشن راهيءَ تائين شاعرن جي ڪلام تـي جيتوڻيڪ جلادن وانگر ملامت ڪئي اٿس تنهن هوندي به - سندس ڪتاب "گـل وُخار"

سرل ۽ سهڪ ٻڻائڻ جي ڪوشش ڪئي اِهيءَ ڪرتب پارٽ ۾ لکيل ”صراحي“ عام پاٺڪن سان گڏ ساهتيہ اڪادميءَ جي ميمبرن کي بہ متاثر ڪيو.

شعر لکڻ لاءِ ٻہ ڳالهيون ضروري آهن، - جذبات ۽ فن. ”اعليٰ درجي جو شاعر اهو ئي آهي، جنهن ۾ اِهي ٻئي خوبيون موجود هجن، ملڪاڻي صاحب، عزيز جي باري ۾ چيو آهي ”عزيز ۾ جذبات گهٽ آهي ۽ فني خوبيون وڌيڪ آهن... هنجو اهم ۽ خودي اهڙا چوٽ چڙهيل هئا، جو هوُ همعصر اديبن جي فائدي ۾ عوام جي رايي کي نوڪر هڻي، پاڻ کي ئي پهريون نمبر زنده سنڌي شاعر سمجهندو هو.“ عزيز صاحب ادبي بيٺڪن ۾ ويهي شعر بابت ڳالهائيندو هو ۽ چڱن ڀلن شاعرن جي شعرن تي آلوچنا ڪندي سندن لاڪ لاهيندو هو. هڪ هڪ چوڪ ڪڍي سندن سامهون رکندو هو، انڪري ڪي هنکي ”ظالم نقاد“ تہ ڪي ”گهمنڊي نقاد“ ڪري چوندا هئا. اِن ڪري ڪيترن سان دشمني پرايائين پر هن ڪڏهن بہ دشمنيءَ جي پرواهہ نہ ڪئي. ڪنهنجي رکہ رکان ڪرڻ کانسواءِ بنالليءَ چپيءَ بيباڪ ٿي پنهنجو رايو ظاهر ڪرڻ جو نوڙ تائين قائل رهيو. جيتوڻيڪ ڪي عالم اديب سندس تنقيد هڪ طرفي مڃين ٿا جو هوُ خوبيون گهٽ ۽ خاميون وڌيڪ ڏسندو هو. ملڪاڻيءَ صاحب جي

دل ڦاٽ ڦاٽ ٿي رهي آهي. هُو صاحب پڻ اسان
وٽ ڪونهي پر سندس ادبي ذخيرو (ست هزار شعر)
اسان وٽ محفوظ آهي ۽ ايا من ٿائين رهندو. سندس
ساهتڪ ڏيئن روشن منار بڻجي اسانجي ساهتڪ کيتر
۾ رهنمائي ڪندي ۽ نت نوان ڪوي ميسر ڪندي
رهندي ۽ اُنهن کي پختو ۽ سنو شاعر بڻجڻ لاءِ آماده
بڻ ڪندي. آخر ۾ مان ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جا ويچار ڏيڻ
ضروري ٿو سمجهان، سندس ويچار موجب ”ليکراج
ڪشنچند ”عزيز“ جي وفات سان سنڌي ڪلاسيڪل
نظم جو ڏويا يگ پورو ٿئي ٿو. هُو اُفق تي اُڏامندڙ
ڪوي نه هوئي پر نثر جو ٻهه - ڳڻو ليکڪ به هو، جنهن
بابت ادبي حلقن کان ٻاهر ايتري ساک ۽ سڃاڻ نه ڦهلي
آهي، اِها سنڌي ساهت جي ڏک - ڀڳتي سمجهڻ
گهرجي.“

سنڌس تنقيدي فن جو هڪ لاثاني يادگار ليکيو وڃي ٿو.

پروفيسر ٽي. ايڇ. آڏواڻيءَ سان عزيز صاحب جي گهري دوستي هئي. هن عزيز صاحب کي چيو- "صراحي" لکي اِنعام پائي تو ڇا ڪيو؟ تو وٽ، تو ۾ جيڪي آهي سو اڃا تو جاتيءَ کي ڏنو نه آهي، تنهن ڪري مون وٽ تنهنجي "صراحي" قبول نه پيئي آهي." پروفيسر ٽي. ايڇ. آڏواڻيءَ جو چوڻ هو ته جيترا ٺيٺ سنڌي لفظ پوري معنيٰ سان عزيز صاحب جاڻي اوترا ڪير نه جاڻي. هو پاڻ هڪ "زباني لغت" هو. هنجي مرضي هئي ته سنها ٿلها اکرن جي معنائن جا فرق ڌيان ۾ رکي هو صاحب ساڳي معنيٰ رکندڙ لفظن جي هڪ ڊڪشنري تيار ڪري. سو عزيز صاحب صحت جي لاچاريءَ ڪري، ڪري نه سگهيو. پڇاڙيءَ ۾ بيماريءَ جي بستري تي سنڌي محاورن جي ڳنڍڪي جو دستخط تيار ڪيائين، جنهن ۾ قريب ڇهه هزارن کان به وڌيڪ اِصطلاح ۽ محاورا هئا. جيڪو پوءِ سنڌس ساهتڪ وارث ۽ ٽرسٽ "سنڌي اِصطلاح" جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

عزيز صاحب اصطلاحن جي آخرين پيت ڏيئي ١٩ آگسٽ ١٩٧١ ۾ وفات ڪئي. سنڌس ديهانت تي ڀارت توڙي سنڌ ۾ جيڪو ماتم مچيو تنهنجو ورنن ڪندي

ڪلياڻ ٻولچند آڏواڻي آهي. هن صاحب انگريزي ۽ فارسي وشيه کڻي ايم. اي. جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. سنڌ ۾ ئي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پروفيسر ٿي رهيو ۽ ورهاڱي بعد ڀارت ۾ اچڻ سان ئي بمبئيءَ ۾ سنڌين جي برپا ڪيل جئه هند ڪاليج ۾ پروفيسر رهي انگريزي ۽ فارسي پاڙهيائين. ١٩٧٦ ڌاري پنهنجون شيوائون ڏيئي انهيءَ عهدي تان فارغ ٿيو.

آڏواڻي صاحب اعليٰ درجي جو مضمون نگار، آلوچڪ ۽ شاعر آهي. اٽڪل ٥٢ سالن کان هو صاحب سنڌي قوم کي پنهنجون ادبي خدمتون ڏيندو رهيو آهي. ڪيڏو نه سنڌي قوم سان وڙ ڪيو اٿائين! اڪانت پريه هئڻ ڪري مجلسن، ساهتڪ ميٽنگن ۽ سميلن کان پاسيرو رهي، هو صاحب پنهنجي ئي مستيءَ ۾ رهندي، ساهت سرجن ڪندو رهيو آهي.

اسڪولي جيون کان ئي هن صاحب پنهنجا ليک لکڻ شروع ڪيا جي پوءِ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج طرفان شايع ٿيندڙ "ڦليلي" مخزن ۾ شايع ٿيندا هئا. تنهن کان پوءِ "سنڌو" ۽ "لطيف ڀارتي" ۾ سندس رچنائون ڇپجڻ لڳيون. رفته رفته ساهتڪ کيتر ۾ سندس ناموس نکرڻ لڳي. سنڌ ۾ رهندي هن صاحب ١٩٤٦ ۾ سنسڪرت جي مها ڪوي ڪاليداس جي شاهڪار ناٽڪ "شڪنتلا" جو ترجمو اُهڙي ته سهڻي ۽ سپڪ ٻوليءَ

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي

ساهت جڳت ۾ ڪي اهڙا به ساهتڪار آهن جيڪي ساهتيڪي نموني ساهت جي عميق ۾ اونهيون ٽٻيون هڻي، ساهتڪ موتي ڪڍي ساهت کي مالامال ڪرڻ ۾، پنهنجي اڳين سان اڳرا پئي رهيا آهن، تن ۾ پروفيسر ڪليان آڏواڻي به هڪ آهي. هو هڪ عالم شخص آهي ۽ سنڌي ساهت جو اڀياس ڪندي- ڪندي هڪ ماهر کوجناتمڪ ڪاريه ڪندڙن جي صف ۾ اهميت ڀري جڳهه والاري ٿو. ليکڪ جي حيثيت ۾ خاص ڪري کوجناتمڪ مضمون لکڻ جي خيال کان هو هڪ اعليٰ درجي جو مضمون نگار ثابت ٿيو آهي. انڪري ڪيس عالماڻا ڪتاب لکندڙ، اوچ ڪوٽيءَ جو تعليم دان ڪري سڏيندا آهن. سندس تعليمي خواه ساهتڪ سرهاڻ نه فقط هند ۾ پر اُن کان اڳ سنڌ ۾ به ڦهليل آهي. سندس جنم ١٠ فيبروري ١٩١١ ۾ حيدرآباد (سنڌ) ۾ ٿيو. سندس پورو نالو

تي ليکڪ تيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. جيڪو ١٩٥٤ ۾ ”سچل“ جي نالي سان شايع ٿيو. اهڙيءَ طرح هن صاحب ٽنهي شاعرن جي شاعريءَ جي مختلف پهلن تي روشني وجهي، سندن فن ۽ جذبات کي اُجاگر ڪري ساهتڪ رچي رکندڙن جي پياس بجهائي آهي. شري ڪيرت باباڻي انهن ڪوجناتمڪ ليکن تي پنهنجي راءِ هن ريت ڏني آهي - ”ڪلياڻ آڏواڻيءَ جا سنڌي شاعريءَ جي نموني تي لکيل ڪتاب ساڳيو جيتمل پرسرام وارو رخ کڻي اچن ٿا ۽ گهڻي قدر موضوعن جون تشريحون آهن يا شاعرن جي فيلسوفائي ڪٿن جون سمجهاڻيون آهن. سماجڪ ۽ اتهاسڪ پس-منظر ۾ ڪٿل اونهي کوج نظر ڪانه ٿي اچي.“

آڏواڻي صاحب پوءِ پنهنجو سڄو شعور شاهه جي شعر کي نئين سر ترتيب ڏيڻ ۽ سلسليوار ڪرڻ جي ڪم ۾ لڳي ويو. سالن جي سرجوشيءَ کان پوءِ سندس لائق سڄايو ٿيو ۽ ١٩٥٨ ۾ هن صاحب ”شاهه جو رسالو“ مڪمل طور پيش ڪيو. اهڙي شاهڪار ڪتاب پيش ڪرڻ تي سنڌي جاتيءَ قدرشناسيءَ طور ”سنڌي لٽريري ائسوسيئيشن“ بمبئيءَ کيس سنمان ڪري سونو بلو عطا ڪيو. ١٩٦٧ ۾ سنڌي سميلن، بئنگلور پاران کيس سونو بلو ڏنو ويو. سنڌي سماج طرفان ايڏو قرب ڀائي آڏواڻي صاحب جي دل باغ باغ ٿي پيئي. سندس

۾ ڪيو جو خود سنڌ گورنمينٽ کيس ”شڪنتلا“ ناٽڪ جي ترجمي لاءِ اِنعام ڏيئي سندس همت افزائي به ڪئي ۽ سندس عزت ۽ مان مرتبو به وڌايو.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي اصل هڪ اعليٰ درجي جو ٽيڪاڪار آهي خاص ڪري هن پراچين شاعرن تي ٽيڪا ڪئي آهي. ڀارت ۾ اچي هن صاحب سنڌي ساهت جي صوفي ۽ ويدانتڪ متي جي قديم درويش-شاعرن جي ٽمورتي-شاه، سچل ۽ ساميءَ تي جيڪي ڪجهه لکيو آهي، تنهن مان سندس عالماڻي ويچارن جي جاڻ پوي ٿي. اِنهن ٽنهي درويشن تي سندس شايع ٿيل ڪتاب (١) شاه (١٩٥١) (٢) سامي (١٩٥٣) ۽ (٣) سچل (١٩٥٤) آهن. هن صاحب اِنهن ڪتابن ۾ اوائلي شاعرن جو هر پهلوءَ کان اندازو لڳايو آهي. ١٩٥١ ۾ شاه عبد-اللطيف جي جيون ۽ سندس ساهتڪ ڪارين تي جيڪا باريڪ بينيءَ سان هن صاحب محنت ڪري اوڪ ڍوڪ ڪئي آهي، سا ساهتڪ پارکن ٽي ايڏي پسند پيئي جو ساهت جي شيداين کيس ساڳي طرز تي ساميءَ تي به ”مونوگراف“ لکڻ لاءِ چيو. هيءُ صاحب هر ڪنهن جو سڌ اونائي ڪم ۾ جنبي ويو ۽ ١٩٥٣ ۾ هن ساميءَ جي شعرن تي تنقيدي اڀياس وارو پستڪ ”سامي“ ظاهر ڪيو. ”سامي“ ايڏي ته مقبوليت حاصل ڪئي جو جلد ئي کيس اُن اُتساه، سچل سرمست

سر بروائي، سر بلاول ۽ ٻين سورهين جا سڀ سر خاص ڌيان طلب آهن. ايڏي جاکوڙ ۽ کوجناتمڪ ڪار ۾ ڪرڻ جو جنون واقعي قابل - داد آهي. هن مان اِهو به ظاهر آهي ته هن صاحب کي موسيقيءَ جي اونهي ڄاڻ آهي.

هن رسالي نه فقط شاهه ڀٽائي گهوٽ کي امر بڻايو آهي پر سنڌي قوم جي پراچين سنڌي شاعريءَ کي به نئين سر جياريو آهي جا يگن تائين قائم رهندي. مها ڪوي ڪاليداس ۽ عظيم شاعر شيڪسپيئر جيان شاهه عبداللطيف به عالمگير هستي بڻيو آهي، سو محض شاهه جي رسالي جي بدولت. اي مانئيه بزرگ ساهتڪار! توکي وار وار نمسڪار آهي جو تو هيڏو بي بها نذرانو سنڌي قوم کي ڏنو آهي. جنهن تي هر سنڌي فرد فخر محسوس ڪندو ۽ چائي توکي چوندو: اسانجو سنڌي ساهت ڪهڙو آهي، اعليٰ درجي جو آهي، ٻين ٻولين سان ڀيٽجي سگهڻ جون قوتون رکي ٿو.

شري ڪلياڻ آڏواڻي "شاهه جو رسالو" گرنٿ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو- "هن رسالي ۾، جا ترتيب اِختيار ڪئي وئي آهي، سا هيءَ آهي: ڪلام، هاڻوڪي نثر ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جئن اُنجي پڙهڻ ۾، ڪنهن به صاحب کي ڪا دقت نه ٿئي - مڙني سرن مان، داستان به داستان، حرف اُهي وايون ۽ بيت آندا

شاعريءَ جي جذبي وڌيڪ زور پڪڙيو ۽ ۱۹۶۰ ۾ هن صاحب جو دوهن جو مجموعو "راز-وَ-نياز" ظاهر ٿيو. پوءِ سورٺن تي به قلم هلايائين. اِهي دوها ۽ سورٺا جدا جدا موضوعن تي لکيل آهن، جن مان پروفيسر صاحب جي احساس ۽ فيلسوفاڻن خيالن جي جهلڪ ملي ٿي.

"شاهه جو رسالو" مڪمل طور ۱۹۶۶ ۾ "هندستان ڪتاب گهر" وارن شايع ڪرايو. (حقيقت ۾ سنڌ جي مهتاڻي صاحب پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ کي محنتي سان شاهه جو رسالو تيار ڪرڻ تي پنج هزار رپيا ڏيڻا ڪيا هئا ۽ هيءُ رسالو مهتاڻي صاحب جي خرچ تي شايع ٿيل آهن.) انهيءَ شاهڪار گرنٿ تي ساهت اڪاڊميءَ وارن به متاثر ٿي ۱۹۶۸ ۾ کيس ساهت اڪاڊمي اِنعام عطا ڪيو. سچ پچ اُهو شاهڪار گرنٿ ثابت ٿيو آهي، اُن ۾ ٻه رايا ٿي نٿا سگهن. ڇو جو هن صاحب هن رسالي کي تيار ڪرڻ ۾ جيڪو اونهو اڀياس ڪيو آهي، جيڪا سچي لگن سان محنت ڪئي آهي، سا سندس گڏ ڪيل مواد جي ۴۶۶ صفحن مان ظاهر آهي. نه صرف ايترو بلڪ شاهه صاحب جي شاعريءَ کي هن ڪل ٽيهن سرن ۾ ورهائي پنهنجي دور انديشي ۽ علميت جو انوکو مثال پيش ڪيو آهي. هنجي سر ڪلياڻ، سر کوهياري، سر ساموندي، سر ڪاموڏ، سر سارنگ،

١٩٦٠ ۾ ڀارت سرڪار طرفان فرانس ۽ سوويت يونين ۾ جيڪو ٽن پروفيسرن جو ڊيليگيشن ٻن مهينن جي دؤري تي تعليمي ڏي وٺ لاءِ ويو، انهن ۾ اسان جي سنڌيت جو ڳاٽ اونچو ڪندڙ بزرگ اديب پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پڻ هو.

آڏواڻي صاحب سنڌيت جو شان آهي. پنهنجين ساهتڪ خوبين جي ڪري هو صاحب سنڌي ساهت ۾ اهم جڳهه والاري ٿو. اهڙي اعليٰ ودوان ۽ اديب جي سنڌي قوم کي گهڻي ضرورت آهي. شل هو وڏي آوِرجا ماڻي ته سنڌس خدمتون سنڌي قوم کي ملنديون رهن. سنڌس ئي ترتيب ڪيل رسالي ۾ شاه صاحب جي سٽن سان شري آڏواڻي صاحب لاءِ جيڪر همٿن چوان -

”وڻن ۾ وڻجهار، پاڻيٺ جي پرکڻا،
ڪنهن پائي اکين، لهن سڀ ڪنهن سار،
موتيءَ جي مزاج جو، قدر منجهه ڪنار،
صرافنئون ڌار، ماڻڪ ملڻو ٿئي.“

ويا آهن، جن ۾ ٻوليءَ توڙي خيال جي لحاظ کان، شاهه جي رسالي جو سمورو جوهر يا مغز سمايو پيو آهي ۽ ساڳئي وقت، جنهن سمجهاڻيءَ جي، شاهه جي ڪيترن ئي مشتاقن کي عين درڪار آهي. هونئن ته شاهه صاحب جو هر هڪ بيت، هڪ بي بها دُر آهي، ۽ هتي سليس بيت اِنهيءَ ڪري ڏنا ويا جو اُنهن جو مفهوم يا مطلب، گوهر شناس سنڌي، ساعت ۾ پروڙي وٺن - منهنجي خيال موجب، هنن صاحبن کي، هيڏي هڪ ٻئي دفتر جي حاجت هرگز ناهي.“

سڀاءَ جي لحاظ کان هيءُ صاحب حليم، نماڻو، نياز ۽ نوڙت وارو آهي. پروفيسريءَ تان رٽاير ٿيڻ بعد به هيءُ صاحب ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ سنڌي ساهت جي شيوا ۾ لڳل آهي. سندس شايع ٿيل، شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪتابن جو ترجمو ساهت اڪاڊميءَ پاران شري موتيلعل جوتوانيءَ هنديءَ ۾ ”ڀارت جا نرماتا“ سلسلي ۾ ڪيو آهي. تنهن کان سواءِ خود ساهت اڪاڊميءَ وارن شاهه لطيف ۽ سچل سرمست تي آڏوانيءَ صاحب کان انگريزيءَ ۾ مونوگراف تيار ڪرائي ڇپارايا. سندس اُهي مونوگراف پڙهي ڏسبي، معلوم ٿئي ٿو ته واقعي هن صاحب کي انگريزي ٻوليءَ تي به ايترو دست-رس آهي، جو مشڪل ئي ڪنهن ڀارتيہ ساهتڪار کي هجي.

هوندي به ٻريل لهجيءَ رستي هن مئٽرڪ پاس ڪئي هئي. ڳائڻ وڄائڻ جي خاص شوقين هئي. اُهو رنگ گهر جي ٻين ڀاتين تي به لڳو. اهڙي آزاد ۽ سنسڪاري واتاورڻ ۾ بالڪ منگهارام پليو.

ننڍي هوندي کان ملڪاڻي صاحب کي سنگيت ٻڌڻ، فوٽو گرافي ڪرڻ ۽ ساهت پڙهڻ جو شوق هوندو هو. ڪفايت جي خيال کان هو دڪانن تان ڦري، ڦولهي ڦولهي، نظر مان ڪڍي انگريزي توڙي سنڌي، دل پسند ڪتاب وٺي ايندو هو. اُهڙي طرح هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب ڪٺا ڪري هن لئبرري ٺاهي. خاص ڪري ناٽڪ، شاعريءَ جي ڪتابن ۽ ناولن جو شوقين هو. زندگي هن لاءِ شراب جي پيالي مثل هئي، جنهن ۾ جيون جو رس ۽ مستي هئي. ملڪاڻي صاحب کي راندين ۾ به دلچسپي رهي هئي. اسڪولي جيون ۾ سٺو ڪرڪيٽر ۽ ڪاليج ۾ اوچي درجي جو ٽينس جو کيلاڙي هو. ڊراما ۽ ائڪٽنگ لاءِ چاهه به اسڪولي ڏينهن کان پيس. حيدرآباد جي سرڪاري هاءِ اسڪول ۾، ساليانې جلسي ۾ ۽ ڪراچيءَ ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي ڊرامٽڪ سوسائٽيءَ جي ناٽڪن ۾ بهرو وٺندو هو.

ملڪاڻي صاحب بي. اي تائين تعليم پرائي. سنڌي خواهه انگريزيءَ ۾ ماهر هئڻ سبب سنڌ کان وٺي

سرڳواسي منگهارام ملڪاڻي



چند اهڙا ساهتڪار جيڪي ساهتڪ ڪئنواس تي پنهنجي امٽ ڇاپ ڇڏي ٿا وڃن، تن مان منگهارام اُڌارام ملڪاڻي به هڪ هئو. هي صاحب اندر ڌنشي رنگن وانگر گوناگون شخصيت وارو هو. اداڪار، هدايتڪار به هو ته ناٽڪنويس به، آزاد شاعر به هو ته سٺو مضمون نگار به، سفرنامچي به هو ته اِتهاس ڪار ۽ سمالوچڪ به. اهڙي برک اديب جو جنم ۲۴ ڊسمبر ۱۸۹۶ ۾ حيدرآباد (سنڌ) ۾ ٿيو.

ملڪاڻي صاحب جو پتا ديوان اُڌارام شيوڪرام وڏو زميندار هو. حيدرآباد ۾ سندن شاهي مڪان هو. سندن رهڻي ڪهڻي ٻيڪي واري هئي. گهر جي رونق ئي نياري هوندي هئي. هن گهر جا ٻار انگريزي ۾ ماهر هئا. علم سان خاص لڳاءُ هون. منگهارام جي ٻڌي اکين سان ڏسي ڪين سگهندي هئي مگر تنهن

ڪاري ٽوپي ۽ بند ڪالر جو ڪوٽ ۽ پتلون. سندس پوشاڪ هئي. سنڌي ساهت جي واڌاري جو ڪڻڪي هئو.

ساهتڪ ڪيترن سندس پهريون قدم رينالڊس جي قصي جي ترجمي سان ۱۹۲۴ ۾ ٿيو. ۱۹۲۴ کان ۱۹۲۹ تائين هن صاحب ڪيترا ناول، آکاڻيون ۽ ناٽڪ ترجمو ڪيا. ۱۹۳۰ کان اصلوڪين رچنائن جي شروعات ۾ پنگتي ناٽڪ "ڪن جي غلطي" (۱۹۳۰) لکيائين جنهن کي سال جو بهترين ناٽڪ تسليم ڪري انعام ڏنو ويو. تنهن بعد تاريخي ناٽڪ انارڪلي لکيائين جو پڻ ڪافي ڪامياب رهيو.

ملڪاڻي صاحب ۳۵ کن ايڪانڪي ناٽڪ لکيا آهن. هن صاحب جو پهريون اصلوڪو ننڍو ناٽڪ "باپ جو ڪيتو" هو. جيڪو امرلعل هنگوراڻي جي "ڦلواڙي" مخزن ۾ ۱۹۳۰ ۾ شايع ٿيو. تنهن بعد سنڌ مسلم ۽ "سنڌو" مخزن ۾ سندس ناٽڪ ڇپجندا رهيا. سندس ايڪانڪي ناٽڪن جا ست مجموعا شايع ٿي چڪا آهن - (۱) پنج ننڍڙا ناٽڪ (۱۹۳۷) (۲) پنگتي پردا (۱۹۳۸) (۳) جيون ڇهڇٽا (۱۹۵۷) (۴) باپ ڪين پيج؟ (۱۹۶۲) (۵) ڪڙ ڪهيتا پيا ٽمڪن (۱۹۶۷) (۶) آخرين پيت (۱۹۷۵) (۷) سنمبد جي گجڪار (۱۹۷۹)

هن صاحب جي ناٽڪن جا موضوع گهڻي ڀاڱي سماجڪ اوڻاين جي اوگهڙ ڪندڙ ۽ نون قدرن موجب سماجڪ سڌاري جا رهيا آهن. ڪٿي ڪٿي قومي

ڪاليج جو پروفيسر ٿي رهيو. سنڌ ۾ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ انگريزي ۽ سنڌيءَ جو پروفيسر ۽ مينارام هاسٽل جو وارڊن هو. ورهاڱي بعد پارٽ ۾ جئه هند ڪاليج بمبئيءَ ۾ انگريزي وڀاڳ جو پرمک ٿي رهيو. ١٩٦٤ ۾ جئه هند ڪاليج بمبئيءَ مان رٽائر ڪري وڃي ڪلڪتو وسايائين.

پروفيسر منگهارام ۾ فرض ادائيءَ جي شناس خوب هئي. هن سيني قسمن جي رشتن ناتن سان توڙ تائين وفاداريءَ سان پئي نباهيو. سندس زال عمر پر لڳ ڀڳ بيمار ۽ ضعيف رهي ۽ تنهنجي پڇاڙيءَ تائين سيوا ڪيائين. نوجوان ليڪن ۽ پنهنجن شاگردن ڏانهن به هن پنهنجو فرض پالڻ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪين ڪئي. هنجي جيون جي فيلسوفي پنهنجي ئي هئي. سگريٽ ڇڪڻ ۽ سئنيما ڏسڻ هنجا خاص شوق هئا. گهڻن سگريٽن ڇڪڻ ڪري هو بيمار ٿي پوندو هو مگر پيرڻا پوڳڻ ۾ هنکي انوکو آنند ايندو هو. هن صاحب خود چيو آهي "آءُ جيڪر ورتي وري جمان پل پيو پوڳيان ڏاڍو رس آهي. ملڪاڻي صاحب انوکي شخصيت جو مالڪ هو. هو نه ڪنهنجي ڪوڙي خوشامد ڪندو هو نه ڪنهنجي گلا. پنهنجن اصولن تي بنا ڪنهن ڊپ جي هلندو هو. ڪاليجي ڏينهن کان سادي زندگي بسر ڪيائين. سڄي عمر سنجم ۽ سادگيءَ سان گذاريائين.

ايڪانڪي ناٽڪ آهن- موضوعن خواه ناٽڪي فن جي لحاظ کان ملڪاڻي صاحب منٽو کان وڌي انقلابي ئي نه باغي ليکڪ رهيو آهي. سنڌ ۾ هن روايت پرستيءَ جون ڌجيون اڏايون هيون... اڳرا مسئلا ملڪاڻيءَ جا من پسند موضوع رهيا آهن. ملڪاڻي صاحب جو باغيپڻو اڳرن مسئلن کي نباهڻ ۾ ئي گهڻي ۾ گهڻو نمايان ٿيندو آهي.“

اسڪولي خواه ڪاليجي جيون کان سٺو اداڪار هئڻ سبب سنڌس شوق ناٽڪن ۾ وڌيڪ رهيو. ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڊرميٽڪ سوسائٽيءَ پاران ٿيندڙ ڊرامن ۾ پارٽ ڪندو هو. ”نيڪي بدي“ ۾ نائڪا جو سٺو رول ڪيو هئائين. ڪاليج ڇڏڻ کان پوءِ پنهنجو شوق برقرار رکڻ لاءِ هيءُ صاحب ”رابندرناٿ ڊرميٽڪ ڪلب“ (خانچند درياڻي جي باني ڪاريءَ هيٺ ۱۹۲۳ ۾ برپا ٿي.) ۾ شامل ٿيو. سچ ته اها هن جي سرجوشيءَ سان وجود ۾ آئي. هن سنسٿا طرفان ڪيترائي وڏا ننڍا ناٽڪ پنهنجي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيائين. ڪن ۾ پاڻ اداڪاري به ڪيائين. هن صاحب روايتي ناٽڪن ۾ تبديلي آندي پنج - فصلا ناٽڪن جي جڳهه تي ٽي - فصلا ناٽڪ لکيا جن ۾ درشيه به اڳي جي ڀيٽ ۾ گهٽا گهٽ رکيا. ڪردارن جو به انداز گهٽايو. فارم ۾ پوري تبديلي آڻي هن ٽن ڪلاڪن ۾ پورا ٿيندڙ ناٽڪ لکيا. ”انارڪلي“

مسئلا بڻ کنيا آٿس. پلاٽ عمداً ۽ ناٽڪ نويسيءَ جي اصولن جي پيروي ڪندڙ آهن. مکيه طور سنڌس ناٽڪن جا وشيه گنڀير ۽ اڳرا رهيا آهن جو سنڌس ويچار موجب- پنگتي اوڻاين تي ڪک رکڻ اُنهن کي هم‌تائڻو آهي. ڪن ڪن ناٽڪن ۾ طنز به آهي ته ڪن ۾ مذاق به سمايل آهي. ”ٽي پارٽي“ ناٽڪ ۾ هن صاحب جو مذاقي نوع بخوبي ڏسي سگهجي ٿو. ٻيا باهيون، ضعيف اِنسان، ٽي پارٽي، ليڊيز ڪلب، پيريءَ جو توشو ۽ پاپ جون پاڙون ملڪاڻي صاحب جون بهترين ايڪانڪيون آهن. سنڌس ويچار موجب بهترين ايڪانڪي ”پيريءَ جو توشو“ پر مالهي صاحب ”ٽي پارٽي“ ناٽڪ کي ملڪاڻي صاحب جو ئي نه بلڪ سنڌي ساهت جو بهترين ناٽڪ مڃيو آهي. گوبند مالهيءَ ملڪاڻي صاحب جي ناٽڪن بابت لکيو آهي- ”سنڌي ناٽڪ، جو خود ملڪاڻي صاحب جي لفظن ۾ سنڌي اَدب جي ويچاري شاخ ٿي رهيو آهي، سان شروعاتي دؤر ۾ ٻن ناٽڪ ڪارن وڏ ڪيا- طويل ناٽڪ سان خانچند دريانيءَ ۽ ايڪانڪين سان منگهارام ملڪاڻيءَ.“

منگهارام ملڪاڻيءَ جي ”آخرين پيت“ ايڪانڪين جي مجموعي بابت گوبند مالهيءَ لکيو آهي- ”هيءَ ڇهه ناٽڪ ملڪاڻي صاحب جي ناٽڪ نويسيءَ جا اڻوضي

مخزن ۾ ١٩٤١ ۾ ڇپيو. تنهن کان پوءِ ساهتڪ ليکن جو سلسلو هليو. اُنهن مضمونن کي سنواري "اَدبي اُصول" جي روپ ۾ اِشاعت هيٺ آندائين (١٩٥٠) جيتري قدر سنڌي تنقيدي اَدب سان واسطو آهي ملڪاڻي صاحب جو "اَدبي اُصول" ورهاڱي کان پوءِ جو پهريون ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، مضمون وغيره اَدب جي الڳ الڳ شاخن جي بنيادي اُصولن ۽ ٽيڪنيڪي پهلن جي سمجهاڻي آهي.

ڪنهن به جاتيءَ جي ٻولي ۽ تهذيب کي زنده رکڻ لاءِ اُنجي اِتهاس کي زنده رکڻ ضروري آهي. ملڪاڻي صاحب سالن جي سرتوڙ ڪوشش ۽ محنت بعد ساهت جي جدا جدا شاخن جو مواد ڪٺو ڪري اِتهاس جي نقطه نگاهه کان ١٩٦٨ ۾ هڪ شاهڪار ڪتاب **سنڌي نثر جي تاريخ** شايع ڪرايو. هيءُ ڪتاب سنڌي ساهت ۾ هڪ اِتهاسڪ دين آهي. جيڪا ملڪاڻي صاحب جي جيون جي وڏي ۾ وڏي حاصلات آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي ساهت جي الڳ الڳ شاخن جي اوسر سان گڏ، ساهت جي جدا جدا دؤرن جي چنڊ ڇاڻ پڻ ڪئي ويئي آهي. هيءُ ڪتاب سنڌي اَدب جو هڪ يادگار گرنٿ آهي. هن جي باري ۾ نؤجوان نقاد شري هيري شيوڪاڻيءَ چيو آهي- "هن گرنٿ ۾ سنڌ ۾ ئي نثر جي آغاز کان وٺي ورهاڱي تائين جو

ناٽڪ ۾ ٻهرئون دفعو سنڌي اسٽيج تي چوڪريءَ جو پارٽ ڇوڪريءَ کان ڪرايو. ملڪاڻي صاحب جا ناٽڪ پڙهڻ ۾ نوان ۽ دلچسپ هوندي به ٽيڪنڪ جي لحاظ کان پراڻا آهن. ڪن خامين ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي گوبند مالهيءَ لکيو آهي "ملڪاڻي صاحب جا گهڻا ناٽڪ اسٽيج ڪرڻ بدران صرف پڙهڻ لائق آهن. اهو شايد اُن ڪري ٿيو آهي جو ملڪاڻي صاحب جي گهڻن ناٽڪن ۾ انتظار جو جزو گهٽ هوندو آهي خود Climex بابت اڳوڻ صحيح ڏڪو هڻي سگهبو آهي.. سندس ناٽڪن ۾ درشيہ گهڻا، حرڪت (Action) جي عدم موجودگي، گهڻن ناٽڪن ۾ ڊائلاگ لنبا ۽ ڪڪ ڪندڙ آهن" باوجود اِنهن خامين جي ايترو چئي سگهجي ٿو تہ سندس، ايڪانڪيون ڪافي لوڪ پريہ رهيون جيڪي سنڌي ساهت ۾ اهم جاءِ والارين ٿيون. اِنڪري هن صاحب کي "سنڌي ايڪانڪي ناٽڪن جو اَبو" ڪري سڏيو ويو. ظاهر آهي هن صاحب سنڌ ۾ ئي سنڌي ناٽڪ ۽ رنگ منچ لاءِ پختي زمين ميسر ڪئي.

ملڪاڻي صاحب اَدبي ۽ تنقيدي مضمون لکڻ ۾ به اڳرو رهيو. جيٺمل پرسرام ۽ لالچند امرڏنيمل جي اُتساه کان متاثر ٿي هن پنهنجو پهريون اَدبي مضمون "سنڌي ٻوليءَ جو واڌارو" لکيو، جو "سنڌو"

ملڪاڻي صاحب جو ٻيو تنقيدي ڪتاب "پارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو" ١٩٨٠ ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ هن صاحب ڀارت ۾ مضمونن جي وڪاس، ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي ڪهاڻي، ڪن مجموعن تي تنقيد، ڀارت ۾ اصلوڪن ناولن جي اوسر ۽ ترقي سنڌي شعر ۾ جديد ڌارائون ۽ ناٽڪ ۾ نئين سجاڳي وشيہ کنيا آهن. پر خاص طور مڪمل جائزو ناولن جوئي ڏنل آهي. در حقيقت ١٩٤٧ کان پوءِ جو سنڌي ساهت ٽڙيل پکڙيل آهي. ضرورت آهي اهڙي آلوچڪ جي جيڪو ملڪاڻي صاحب وانگر محنت ڪري تفصيل همت ڪري ورهاڱي کان پوءِ جو سنڌي ساهت جو اِتهاس جوڙي، پڻ پوپٽي هيراننداڻيءَ اُن ڏس ۾ وک وڌائي انگريزيءَ ۾ "History of Sindhi Literature" لکي رهي آهي. شري اُتم به اُن سلسلي جي ڪڙي کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ۾ آهي.

زندگيءَ جي سونهن ۽ خوبيءَ جو اثر محسوس ڪرڻ ۽ اُنهن ڏانهن ڇڪجي وڃڻ هڪ وڏي ڏات آهي. ملڪاڻي صاحب جائي ڄم کان رومانی سڀاءَ جو هو- سونهن پرست، سونهن نه فقط اِنسان جي روپ جي پر قدرتي نظاري جي بہ. اِنهيءَ رومانی سڀاءَ اُي هن کي نظم نويسيءَ ۾ وڌو ۽ هن صاحب نظماڻي نثر تي طبع آزمائي ڪري "جوانيءَ جا جذبا ۽ پيريءَ جون ياد ٻون" (١٩٧٥) ڳتڪو ظاهر ڪيو. جنهن ۾ گهڻوڻو

مفصل اِتهاس ڏنل آهي. نثر جي قريباً سڀني شاخن: ڪهاڻي، ناول، مضمون، جيوني ۽ تنقيد جو اِتهاس ڌار ڌار بابن ۾ هڪ رٿا سان پيش ڪيل آهي. مهاڳ ۽ ڪتاب جي بنياد جي سمجهاڻيءَ سان گڏ ڪنهن "اَنيڪ" تنقيدي اِتهاس جي طرز تي لکڪن جو تذڪرو (Index) به ڏنو ويو آهي. اُن لحاظ کان هيءَ ڪتاب پنهنجي رٿا، تسلسل ۽ بابن جي ورهاست وغيره ۾ هر وجهه بي سقم آهي."

سچ پچ نثر جي ويچار کان ورهاڱي تائين شايع ٿيل جيترو مصالحو هن ڪتاب ۾ درج ڪيل آهي اهو ملڪاڻي صاحب جي سخت محنت ۽ اِتهاسڪ ڪوجنا جو ئي نتيجو آهي. جيڪڏهن ملڪاڻي صاحب اِهو ڪتاب تيار نه ڪري ها ته هوند سنڌين جي ايندڙ پيڙهي، خواه ساهت جا وديارٿي ڪيترين تاريخي حقيقتن کان محروم رهجي وڃن ها. پروفيسر ملڪاڻي صاحب جي ادبي شيوائن جو قدر ڪري ساهت اڪادميءَ کيس اِنهيءَ شاهڪار گرنٿ "سنڌي نثر جي تاريخ" تي ١٩٦٩ ۾ قومي اِنعام عطا ڪيو. اهڙيءَ طرح هن صاحب سنڌي ادب ۾ تنقيد جي صنف کي نه فقط پڪو بنياد ڏنو، پر ڏهر بل اوسر پڻ. اهڙيءَ طرح اِتهاسڪار هئڻ سان گڏوگڏ پختي سمالوچڪ هئڻ جو ثبوت به ڏنو.

سنڌي ساهت جي اوسر ۽ ترقيءَ کي اوج ڏيڻ ۾ هن صاحب وسان ڪين گهٽايو. سنڌي ساهت جي ترقيءَ لاءِ نئون نهال ليکڪن کي همٿائي سنڌن لکڻين کي سڌاري سنواري سنڌي ورثي کي قائم رکڻ لاءِ هن صاحب پاڻ ڪافي پتوڙيو. آخرين گهڙيءَ تائين هُو سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ سوچيندو رهيو. اهڙيءَ طرح سنڌي ساهت جي ترقيءَ جي راهه ۾ جوان ليکڪن کان پٺتي نه رهيو. سنڌي ادب جو چمڪندڙ ستارو هڪ اعليٰ شخصيت جو مالڪ، اديبن جو لاڏلو اوچتو ١ ڊسمبر ١٩٨٠ ۾ بمبئيءَ ۾ راهه رباني وٺي ويو.

ملڪاڻي صاحب جون رچنائون ۽ يادگيريون اسان وٽ محفوظ آهن اسانجو فرض آهي اهڙي سنڌي ساهت جي انمول رتن ڏانهن وفادار رهي، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب کي وڌائي مالامال ڪيون اهائي اسان جي هن صاحب لاءِ سچي شرڌانجلي ٿيندي. سنڌس ناٽڪي فن ۾ ڪيل شيوائون نه وسارڻ جون ناهن. ماڻهي صاحب جي لفظن ۾ ”ملڪاڻي صاحب جو درجو تخليقي اديب جي حيثيت ۾ به، سنڌي ساهت جي تواريخ ۾ محفوظ آهي. ايڪانڪي ناٽڪن ۽ پلاٽ جي حيثيت ۾ پڻ ملڪاڻي صاحب جي ايڪانڪي ناٽڪ لکڻ کان اڳ لکيا ۽ اسٽيج ڪيا ويندا هجن پر ايڪانڪي ناٽڪ کي سنڌي ساهتيه ۾ اهميت ۽ جداگاني هستي ملڪاڻي صاحب ئي عطا ڪئي.“

قدرت جي سونهن ۽ حسن جو ڪليءَ دل سان بيان ڪيو اٿس.

ڪي فنڪار اهڙا هوندا آهن جيڪي پنهنجي فن کي پارٽ تائين محفوظ رکندا آهن پر ملڪاڻي صاحب اهڙن فنڪارن مان نه هو. هن پنهنجي ساهتڪ فن جو سدا اپيوگ ڪيو. ڪراچي سنڌ ۾ "سنڌي ادبي سنگت" ملڪاڻي صاحب جي سهڪار سان وجود ۾ آئي جتي سنڌي ساهت جي ترقيءَ لاءِ ادبي بيٺڪون ٿينديون هيون. ورهاڱي بعد ڀارت ۾ به ملڪاڻي صاحب پنهنجو جذبو قائم رکڻ لاءِ ڪن اديبن جي مدد سان بمبئيءَ ۾ "سنڌي ساهت منڊل" برپا ڪيو. جنهنجو هو صاحب لڳاتار ١٤ سال صدر ٿي رهيو. هن منڊل پاران ساهتڪ بيٺڪون ٿينديون هيون جن ۾ بزرگ خواهه ننڍين عمر جا اديب پنهنجون پنهنجون رچنائون پڙهندا هئا. انهن جي رچنائن تي حقيقت پرستيءَ جي نظرئي سان تنقيد ٿيندي هئي. هن صاحب جو ويو روايتي آلوچنا وارو ۽ حقيقت پرستيءَ ڏانهن مائل هوندو هو. نون ليکڪن ڏانهن سندس رخ همدردانه ۽ اتساهه ڏياريندڙ هو.

ملڪاڻي صاحب کي پنهنجي سنڌي ٻولي ۽ ساهت لاءِ اٿاهه پريم هو. هن جو اهو يقين هو ته "جي ادبي معيار وارا پستڪ سنڌي ساهت ۾ پيدا ٿيندا رهيا ته پوءِ ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو روشن آهي."

۾ پڙهندو هو، تڏهن ئي شاهه ۽ سچل جهڙن مست
شاعرن جو ورثو کيس شاعريءَ جي روپ ۾ مليو. ننڍي
هوندي کان ئي هن بحر وزن (علم عروض) جو اڀياس
ڪرڻ شروع ڪيو هو، جنهن ڪري اسڪول ۾ ئي کيس
شاعر طور چڱو نالو مليو. ڪاليجي تعليم ڊي. جي.
سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ورتائين، جتي هو صاحب
بي. اي. تائين پڙهيو. ان دور ۾ مينارام هاسٽل،
ادبي سرگرمين جو مرڪز هوندي هئي. جتي شعر ۽
شاعريءَ جا دور پيا هلندا هئا، انهن تي راءِ زني پڻ
ڪئي ويندي هئي. ”شيام“ صاحب ننڍي هوندي
کان نماڻو، سانتيڪي سڀاءَ وارو ۽ شرميلو هوندو هو.
جڏهن شعر پڙهڻ جو سندس وارو ايندو هو، تڏهن
هو صاحب پيو مشڪندو ۽ شرمائيندو هو.

”شيام“ ۽ ”اياز“ اڳين ڪٺي ڇپجي ته ساڳئي دور
جا شاعر آهن. ٻئي اڄ جي دور جا عيوضي آهن. ٻنهي
وٽ فن ۽ خيالن جون بلنديون آهن پر پوءِ به ٻنهي جي
شخصيت ۾ گهڻو تفاوت آهي. جتي اياز جي شاعري
جوش واري ۽ پرجوش آهي، اتي شيام جي شاعري
ٻاجهوڪيءَ مثل سيتل ۽ سانتيڪي آهي. شري گوورڌن
محبوباڻيءَ ٻنهي جي شاعريءَ جي ڀيٽ ڪندي چيو
آهي ـ ”اياز جي شعرن جي رواني، اڇل ۽ انداز پڙهندڙن
کي اڏائي وڃي عرش پهچائيندي آهي ۽ شيام جي

شري نارائڻ "شيام"

جيتوڻيڪ جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد ڪوي ڪشنچند بيوس ڪجهه ورهيه اڳ وڌو، تنهن هوندي به موجوده شاعريءَ جا باني به شاعر شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام آهن. هت هند ۾ اهو شرف فقط نارائڻ شيام کي ئي آهي. هيءَ موجوده سنڌي ادب جو سڀ عيوضي ۽ علم عروض جو ڄاڻو آهي. اهڙي سرمور شاعر جو جنم ننڍي ڳوٺ ڪاهي قاسم، تعلقو نو-شهرو فيروز، ضلع نوابشاهه (سنڌ) ۾ ٢٥ جولاءِ ١٩٢٢ ۾ ٿيو هو. سندس پورو نالو نارائڻ گوڪلداس ناگواڻي ۽ سندس تخلص "شيام" آهي. هو صاحب دهليءَ ۾ رهي ٿو. سرڪاري ملازمت مان رٽائر ڪيو اٿائون. هن وقت ساهت اڪاڊميءَ جي سنڌي بورڊ جو ڪنوينئر آهي.

شاعريءَ جو شوق شري شيام صاحب کي ننڍي هوندي کان ئي هو. جڏهن هو صاحب اڃا اسڪول

ڪرن ۾ لڳو پيو. ۱۹۴۰ ۾ ٿي هئي. تنهن مان ظاهر آهي ته هن صاحب اٽڪل ۱۸ ورهين جي عمر ۾ لکڻ شروع ڪيو. پهرين اشاعت مان اُتساهه پائي هنجا شعر پنهنجي پوري نزاڪت سان ”سندو“، ”کهاڻي“ ۽ ”مهراڻ“ رسالن ۾ شايع ٿيڻ لڳا. سنڌ ۾ رهندي سندس چڱي ناموس نڪتي. اهوئي سبب هئو جو ورهاڱي کان ٿورو اڳ سندس هڪ شعرن جي دستخط لي سنڌ جي ادبي بورڊ ڪيس انعام عطا ڪيو. ورهاڱي بعد سندس شعر وڌيڪ پاڪون ڪڍيون. هن مهل تائين سندس شعرن جا ڪل اٺ مجموعا شايع ٿي چڪا آهن: (۱) ماڪ ڦڙا (هري دلگير سان گڏ) (۱۹۵۳) (۲) پنکڙيون (۱۹۵۵) (۳) رنگ رتي لهر (۱۹۵۷) (۴) روشن ڇانورو (۱۹۶۲) (۵) ماڪ ڀنا رابيل (۱۹۶۴) (۶) واريءَ ڀريو پلاند (۱۹۶۸) (۷) آڇيندي لڄ مران (۱۹۷۲) ۽ (۸) مهڪي ويل صبح جي (۱۹۸۳).

بيوس جي سب کان وڏي دين هئي ”عام فهم واري عبارت“ شري نارائڻ شيام به پنهنجي شعرن ۾ نوان خيال ۽ نوان مضمون پيريا. هن صاحب شاعريءَ جي هر صنف تي نوان نوان تجربا ڪندي طبع آزمائي ڪئي آهي. دوها، سورٺا، بيت، رباعيون، وايون، گيت لي، غزل، چوسٽيون، ترائيل، تصويرون، آزاد نظمون ۽ نيون ڪوتائون هر صنف تي هن صاحب نهايت

شعرن جي گهرائي ۽ پاڪائي کي شانت من سان ويهي گهڻو ڪجهه سوچڻ لاءِ مجبور ڪندي آهي. شيام ۽ اياز هڪ ئي پڪيءَ جاءِ تي آهن، ٻئي ساڳئي وقت ڦڙڪي رهيا آهن ۽ موجوده سنڌي شاعريءَ جو بلڪي سنڌي ادب جي آسمان ۾ نهايت بلنديءَ تي پرواز ڪري رهيو آهي."

شيام صاحب واقعي هڪ انوکي شخصيت جو مالڪ آهي. سانتيڪو سباجهو چهرو، خمار ڀريون اکيون ڏسڻ ۾ خاموش پر سندس خاموشي به ڳالهائيندي آهي. سانتيڪو اينرو جو پنهنجو پاڻ ۾ ئي سمايل. تمام ٿورو ڳالهائڻ ۽ ٻين کي گهڻو ٻڌڻ سندس فطرت آهي. نهٺائي ۽ حليمائي اينري اٿس جو ڪڏهن مٿس احساس ڪمتريءَ جي هئڻ جو گمان ٿيندو آهي. سچ ته هو پيڳوان جو بندو آهي. زماني جي هوائن کان دور، ڏيکاءَ ۽ ناموسيءَ کان پري پيو رهندو، پنهنجي اصليت کان بلڪل بي خبر، جو پنهنجين قوتن کان به اڻ ڄاڻ لڳندو آهي-

"شاعر آهي شيام" چيائون تنهن ڏينهن
تنهن تي مرڪي کنهن ورجايو هو "ڪير؟"

جيئن ته شيام صاحب تي اُردوءَ جو گهاٽو اثر رهيو آهي، تنهڪري ادبي زندگيءَ ۾ سندس شروعات غزل سان ٿي، جنهنجي شروعات ڪراچيءَ جي هڪ

"محنت ڪري جن شيام، ٻڌائي ماڻي
محتاج رهيا سي ۽ ٻيا ٿيا والي!
دنيا ڪوئي ميخانو ته ناهي، جنهن ۾
ساغر ٿيا سرشار ته شيشا ٿيا خالي!"

ڪوتا ۾ ڪهاڻي لکڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، ڇاڪاڻ ته اُن ۾ سڄي رٿا دماغ ۾ سوچي اُن رٿا موجب قلم هلائڻو پوندو آهي. ساڳئي وقت وزن، قافيه ۽ النڪارن وغيره جو به جوڳو ڌيان رکڻو پوندو آهي. موجوده دؤر جي سنڌي شاعرن ۾ نارائڻ شيام ئي اهڙو ڏکيو ڪم ڪاميابيءَ سان ڪري سگهيو آهي. "روپ مايا" سندس سنڌي جڳت کي اهڙو ئي ناياب نذرانو آهي. چوڏسي (Sonnet) جو فارم ڪٺي هن جڳه پرسڌ وشوامتر ۽ مينڪا جي پريم ڪٿا ڪل سورهن چوڏسين ۾ قلمبند ڪئي آهي. سڄي نظم ۾ گهڙت پختي ۽ لئه واري آهي. اِنهيءَ لنبي ڪوتا تي ڪيس ڪهاڻي پبليڪيشن پاران ١٩٥٤ ۾ اِنعام پڻ مليو. سنڌي ساهت ۾ هيءَ لنبي ڪوتا (کنڊ-ڪاويه) مال خواهه رومال جي لحاظ کان اُهم جڳهه والاري ٿي. "شيام" کي امر بڻائڻ لاءِ سندس اِها رچنا ڪافي آهي. چوڏسيءَ جو هڪ بند ڏسو، وشوامتر دنيا کي ڏک جو گهر سمجهي انکي تياڳي بن ٿو وساڳي پر ڪالهڪ سک پنيان سڀ ڪجهه وڃائي ويهنائي ٿو.

بکتائيءَ سان قلم هلايو آهي. ڪن صنفن جو جائزو وٺجي.

ورهاڱي کان پوءِ جي شاعر زندگيءَ کان پڄي فقط ڪلپنا لوڪ ۾ اڏامڻ کڏهن به پسند نه ڪيو آهي.
شيام صاحب به حقيقت شناس ٿيندي چيو آهي -

"ستارن سان خوابن کي بيشڪ سجاءِ
حقيقت کي پي ڪجهه ته روشن بڻاءِ!"

شيام صاحب سنڌ ۾ ئي پارسي عروض موجب شعر لکڻ شروع ڪيا هئا. ڀارت ۾ سنڌس شعر وڏيڪ اوج پاتي، سنڌس شعرن جو ٻيو مجموعو "پنکڙيون" ڇپرو ٿيو جنهن ۾ ١٠٠ رباعيون ۽ هڪ طويل نظم "روپ مايا" درج ٿيل آهن. ڊاڪٽر سدارنگاڻيءَ کان پوءِ نارائڻ شيام ئي آهي، جنهن رباعين تي ڪاميابيءَ سان قلم هلايو آهي. سانت سڀاءَ وارو شاعر اُلفت جو اظهار به سانتيڪي نموني ڪرڻ چاهي ٿو-

"اي دل ڪڏهن اظهار تمنا نه ڪجي
الفت کي چڱو آهي ته رسوا نه ڪجي!
الفت هجي جڏهن صبح جي سانتيڪي هوا
طوفان تي واويلا ته بيجا نه ڪجي!"

رباعيءَ ۾ چوٿين مصرع ۾ ئي هڪ خيال يا اُنجو ڪوئي پهلوُ پيش ڪرڻو پوي ٿو. اها پوئين سٽ ئي پرزوز هئڻ گهرجي جنهن وسيلي رباعي اُپار پائي ٿي.

"سڊول جسم جو هر انگ، راڳڻيءَ جو روپ،
ڪمال نغم هئي شيام، خامشي اُنجي!"

دنيا ۾ هر ڪنهن کي ڪونه ڪو ڏک آهي. شاعر ڪنهنکي پنهنجي ڏک جو داستان سڻائي -

"هلڪو پنهنجو هاڻ، ڪري ڪڻن ڪنهن وٽ ڪو،
سؤرن جو سامان سهن لءِ هڪ جهڙو!"

شيام صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي ڀوڳيو آهي جيڪي ماڻيو آهي اُنهن کي پنهنجي آزمودي دواران ترتيب ڏيئي پنهنجن غزلن ۾ اظهاريو آهي -

"پيار ماڻهن مان گهڻو پائي ڏٺم
عمر ڀر ماڻهوءَ لءِ واجهائي ڏٺم!"

شري دلگير جي لفظن ۾ چئجي ته "شيام جا غزل بس شيام جا ئي آهن. اُنهن تي ڪنهن ٻه ماضيءَ جي مها ڪويءَ يا حال جي شاعر اعظم جي ڇاپ ڪانه آهي."

سندس چوٿين تصنيف "روشن چانورو" بهترين انتخاب آهي، جنهن ڪيس چوٽيءَ جو شاعر بڻائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي. سرڳواسي سڳن آهوجا سچ پچ ڪيرون لهڻيون، جنهن شيام جي شاعريءَ جي اونهي عميق ۾ غوطا هڻي، مطلب جا موتي ڪڍي، ساهت جي پارکن اڳيان پيش ڪيا. اُن معنيٰ خيز ۽ دلڪش مهاڳ سندس شاعريءَ جي قابليت کي بخوبي ظاهر ڪري ڪيس عظيم

"ڪئين نہ سڪ جي ڪلپنا ۾، مون زلايو پاڻ کي ڪلپنا جي سڪ بنيان ساڀيا جو سڪ تياڳي ڇڏيم زندگيءَ جو سار شانتي سمجهي مان آيس هتي بس وسايم، ڪرم ڪان ڪائر تي دنيا کي ڇڏيم"

غزل اصل ۾ ايراني شاعريءَ جي پيدائش آهي، جنهن کي ساقي ۽ مئہ خانا جو مدهوش ماحول مليو نہ. اهو سنڌي زمين تي گهڻو وقت جتاءُ نہ ڪري سگهيو. ڪيترن ئي شاعرن غزل کي سنڌي ماحول ۾ نهڪائڻ جي مسلسل ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي غزل کي سنوارڻ جو گهڻو شرف شري ايڪراج عزيز، سگن آهوجا ۽ نارائڻ شيام کي آهي. نوجوان شاعرن ۾ الهم. ڪمل ۽ ارجن حاسد بہ غزلن ۾ ڪافي ماهريت حاصل ڪئي آهي. پر جدت سان غزل پيش ڪرڻ وارن ۾ شري نارائڻ شيام پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن صاحب اٽڪل چار سؤ کن غزل لکيا آهن. جيڪي "رنگ رتي لهر" "ماڪ پنا رابيل" "آڇيندي لڄ مران" ۽ "مهڪي ويل صبح جي" ڪتابن ۾ ٻڪريل پيا آهن. سندس شاهڪار "ماڪ پنا رابيل" ذڪرڻ تي، سندس عظمت شاعريءَ جي ميدان ۾ باک جيان ٽجلو ڪيڻ لڳي. عاشق مزاج شاعر کي محبوبا جي سرير جو هر انگ راڳڻيءَ جو روپ ٿو لڳي ۽ اُنجي خاموشي نغمو.

"ڇمپا رائي نندڙي نماڻي، سنڌو سباجهو ٻار
ٻاڙءَ جي هوءَ آهه دلاري، پائي ڪريس پيار!
ڇنڇل ساڻ ڳراٽي پائي، ٻابا ڪٽيس پنج
ٽاٻا چار گهمائڻ اُنکي، ٻڦيون ڪٽنس هنج!"

ترائيبل جيڪو فرانس جي نغمي جو فارم آهي تنهن ۾ سيار صاحب ڪاميابيءَ سان قلم هلايو آهي. پنهنجي اٽل ارادي ۽ آتم-وشواس سان هو اڳتي قدم وڌائڻ جي همت ڪندي ڏسجي ٿو.

"پنهنجي ڪوشش ۾ وسان ڪين گهٽائيندس مان
چاهي تقدير مونکي ساٿ ڏئي يا نه ڏئي!
مشڪلاتن ۾ ارادو نه مٽائيندس مان
پنهنجي ڪوشش ۾ وسان ڪين گهٽائيندس مان!"

هائيڪو جپاني شاعريءَ جي سهڻي سوغات آهي. سيار صاحب اُنکي ٻه پنهنجي ڪلڪرانيءَ سان سينگاريو آهي. سندس تصنيف "ماڪ ڦڙا رابيل" ۾ هائيڪو جا سهڻا نمونا پيش ڪيل آهن، جن کي هن صاحب "تمونون" سڏيو آهي. هڪ مثال پيش آهي-

"هي گنگا جا گهاٽ؛
هانيون، گل-ٻيڙيون، ڏيا،
لهر لهر لئي لاٽ!"

ڪهڙو نه دلڪش ۽ هوبهو چٽ پيش ڪيو اٿائين. ڪو چترڪار به شايد اهڙو چٽ مشڪل چٽي سگهي.

شاعر ثابت ڪيو. "روشن چانورو" ۾ پراڻي ڪلاسيڪل شاعري (بيت، دوها، سورٺا) ڏنل آهي، تنهنڪري ڪي اديب کيس ڪلاسيڪل شاعر جو نئون روپ ونئي آيل ڪري مڃيندا آهن.

دوهن ۽ سورٺن لکڻ لئي شري اندر پوڄواڻيءَ پڻ قلم آزمائي ڪئي آهي پر شري نارائڻ شيام اُن ۾ بـــ اڳتي وڌي ويو آهي. سندس هيٺيان دوها-سورٺا ڏسو.

١- شهنائيءَ جا سر مڌر چـــوڙين جـي جهنڪار
ڪيئن نہ ڪنواريءَ رات پيي -شيام سنواريا وار

٢- هلڪا جهونڪا هير جا- نـــم جو نرم هڳاءُ،
شيام ٻپهري چيٽ جي- نرم مٽيءَ جو تاءُ!

شاه لطيف وائيءَ جي روپ ۾ سنڌي شاعريءَ کي هڪ شاهڪار چيز ڏيئي وئو. هڪ اُها ڪلاسڪ صنف جنهن ۾ مواد جي ڦهلاءَ لاءِ وسيع زمين آهـي. جديد دؤر جي شاعرن ۾ ڀارت اندر شيام ئي آهـــي جنهن وائيءَ جي صنف کي اڳتي وڌي هلڻ جو ست ساريو. "ٽانڊاڻي جي لاٽ" عنوان هيٺ شاعر چوي ٿو-

"هڪ وک ڪٽندي روشني- ٻي وک ڪٽندي ٻات
ٽانڊاڻي جي لاٽ- رات انـــڌاري، ٻند گهڻو!"

"شيام" صاحب ٻارن لاءِ پڻ منڙا ۽ سليس گيت لکيا آهن. نموني طور هڪ ٻند پيش آهي-

ساهتڪار ٿي ١٩٧٠ ۾ ڪيس ساهت اڪاڊميءَ اِنعام ڏيئي سندس قدر شناسي ڪئي. جڏهن ساهت اڪاڊميءَ طرفان ٻڌرائي ڪئي ويئي، تڏهن ساهتڪ شعور رکندڙ ماڻهن جيڪا خوشي ظاهر ڪئي، تنهنجو بيان ڪرڻ کان قلم قاصر آهي. سيني ائين چيو "شيام صاحب کي اِهو اوارڊ گهڻو اڳ ملڻ کپندو هو." اِهو ڏيکاري ٿو ته سندس فن ڪيڏي نه مقبوليت حاصل ڪئي آهي، شاعريءَ جي هر صنف، قديم چاهي جديد تي فن جي قابليت سان قلم هلايو اٿس. "واريءَ ڀريو پلاند" جي هڪ آزاد نظم پيش آهي -

"بس ٿيڻ وارو ئي آهي صبح،
پر ڪنهنکي ڏسيان؟
شيام اوجاڳيل هجي ڪو،
ڪنهنکي اوسيڙو هجي؟"

سندس شعرن جي مڙني مجموعن جي نالن کي ڏيان سان ڏسبو ته اُن ۾ به هڪ علحدگيءَ جو احساس ٿيندو. ڪتابن جي نالن مقرر ڪرڻ ۾ به شيام صاحب پنهنجي سڀاءَ موجب سادگي، نراليپ ۽ شڌ سنڌيت جو اُصول اپنايو آهي.

شاعريءَ جي ڪابه صنف مشڪل ملندي جنهن تي هن قلم نه هلايو هجي. لڳي ٿو هن صاحب زندگيءَ جي مٺن ۽ ڪؤڙن آزمودن کي شعر جو روپ ڏيئي

ظاهر آهي ھيءُ فارم چترڪاريءَ جي اِيڪسپريشن تي بدل آهي. سنڌس ڪي تصويرون بالڪل لاءِ ڳجهارت بڻجي پيون آهن. هڪ مثال پيش آهي -

”ناج تڏو جڻ برف!
چنڊ تڪيو سج ڏانهن، پر
ڪنهن به ڪڇيا نه ٻه حرف!“

ھيءُ پهريون شاعر آهي جنهن ڪسي چوڏسي (سانيٽ) ۽ پوءِ تصويرون (هائيڪو) جهڙن صنفن کي سنڌي شاعريءَ ۾ آڻڻ جو شرف حاصل ٿيل آهي. جيڪو سنڌس يگانو ۽ ڪامياب تجربو آهي.

شيام صاحب قدرت جو ڪوي آهي. قدرتي سونهن جو دل فريب ورنن پنهنجي شعر ۾ ڪيو اٿس. اِن باري ۾ نوجوان نقاد هريش واسواڻيءَ چيو آهي - ”شيام هڪ شاعر آهي جنهن پنهنجي ڪوتا جي ليڪ پڳ هر سمت (ماڪ پنا رابيل ۾) قدرت جي ڪئنواس تي لکي آهي. سنڌيءَ ۾ جتي اسان وٽ ڪائناتي شاعريءَ جي ڪا مخصوص روايت نه آهي، اُتي شاهه ڪان پوءِ شيام ۽ اياز ئي اهڙا ٻه شاعر آهن جن جي شعر ۾ هڪ روايت جيترو وستار موجود آهي.“

١٩٦٨ ۾ سنڌس پيو شاهڪار ڪتاب **”واريءَ ڀريو پلاند“** ڇپجي عوام جي اڳيان آيو، جنهن ساهت اڪاڊميءَ جي ميمبرن کي به متاثر ڪيو ۽ اِنهيءَ اعليٰ

اردوءَ جي اثر کان آجو ٿي، هن نيٺ سنڌي ٻوليءَ سان سنبنڌ رکيو آهي. مطلب ته سندس شعرن ۾ فن ۽ جذبات ٻنهي جو سندر سنگم هوندو آهي.

شيام صاحب کي سنگيت جي ڪافي ڄاڻ ٿي ڏسجي. سندس غزل، گيت ۽ شعرن جون سٽون راڳ ۽ راڳڻين تي ٻڌل هونديون آهن. ڪلاسيڪل راڳ جي ٻه ڳجهي ڄاڻ اٿس، تنهنڪري ئي هو سنگيت سان وابسطه شبدن جو جوڳو استعمال ڪري سگهندو آهي.

شري نارائڻ شيام سنڌي ادب جي فلڪ جو اهو آفتاب آهي، جنهنجو تاب نه فقط جديد دور ۾ رهندو مگر ايندڙ صدين تائين قائم رهندو. ائين ٿو لڳي سنڌي ساهت جنهن ناياب جواهر جي ڳولا ۾ هئو اهو انمول جواهر کيس ملي ويو آهي. هن سنڌي شاعريءَ ۾ بي بها اضافو آڻي اها اعليٰ ترين جڳهه جوڙي ورتي آهي جيڪا زنده شاعرن ۾ ٻيو ڪو به سنڌي شاعر حاصل ڪري نه سگهيو آهي. ههڙي عظيم شاعر تي ڪنهنکي ناز نه هوندو؟ سنڌي قوم جي خوش نصيبي ڇڻي جو اهڙو اعليٰ شاعر اُن وٽ موجود آهي. شل اهڙن ملاحن کي ايشور وڏي آورجا بخشي، جيئن هو پنهنجون خدمتون قوم ۽ ديش کي وڏيڪ ۽ وڏيڪ ڏيئي سگهن. اهڙي ئي شاعر مان جنهن پنهنجي قلم سان کنڊ ڪاويه ڏنو، اڳتي هلي مها ڪاويه جي اُميد رکي سگهجي ٿي.

عوام اڳيان پيش ڪيو آهي. تڏهن ئي سندس پيش-
ڪش نرالي فن واري آهي. جيئن ڪو سنگتراش پٿر
کي ڪتري ٽاڪي گهڙي ڪنهن سهڻي بت جو روپ
ڏيندو آهي، تيئن شيام صاحب به پنهنجي خيالات
جي اُڌام کي گهڙي سنواري بحر-وزن جي پوشاڪ
پهرائي پاٺڪن اڳيان رکندو آهي. جيئن شيام صاحب
شاعريءَ جي کيتر ۾ جدا جدا تجربا ڪيا آهن، تيئن
شاعريءَ ۾ به، بنيادي طور ترقي پسند شاعر هئڻ جي
باوجود هر قسم جي واد کي اپنايو آهي. پوءِ چاهي
رهسيه واد هجي، چاهي پريوگ واد، سندس شاعريءَ ۾
هر قسم جون جهلڪون ملنديون.

شري نارائڻ شيام کي شعر چوڻ جي قدرتي ذات
مليل آهي. مان نٿو سمجهان ته ڪو اهڙو بني آدم هوندو
جو سندس شعرن کان متاثر نه ٿيو هجي. ڪيترا پرک.
نوجوان شاعر سندس اُستادي تسليم ڪندا آهن. هيءَ
صاحب ٻوليءَ جو به اُستاد آهي. لفظن کي موتين وانگر
پوئيندو آهي، تنهنڪري سندس ڪوبه لفظ بي معنيٰ
نه هوندو آهي. پنهنجي شعرن ۾ محاورن، اِصطلاحن ۽
النڪارن جو جوڳو اِستعمال ڪيو اٿس. نه فقط ايترو پر
نوان مرڪب لفظ جوڙي، سنڌي ٻوليءَ کي مالامال
ڪيو اٿس. نيون نراليون تشبيهون ڪم آنديون اٿس.
سندس وڏي خوبي اِها آهي ته عربي، فارسي ۽

جو هڪ مجموعو "اُڃ ۽ مرڪ" شايع ٿيو. ڪرشن راهيءَ ترقي پسند دؤر جي اثر هيٺ مارڪسوادي ويچارن واريون ڪهاڻيون لکيون. سندس ڪهاڻيون گوناگون وشين واريون آهن. سندس نظريو نئون ۽ صحتمند رهيو آهي. ڪرشن "راهيءَ" جون ڪهاڻيون - ڪيڙن جي ڪرامت، ڪوڙو، صوبيدار جن ۾ هن صاحب سماج ڪي وشيه ڪٽي اڄوڪي زماني جي پاکنڊ کي بي نقاب ڪيو آهي. ڪي سياسي ڪهاڻيون به لکيون اٿائين. ڪرشن راهيءَ جي "مانئي" ڪهاڻي مذاقي نوع ۾ لکيل، سندس بهترين ڪهاڻي آهي.

ڪهاڻي ڪلا ۾ ايتري فاموس حاصل ڪرڻ کان پوءِ نه هنجي اندر ۾ جيڪو شاعراڻو جذبو ۽ لوچ هئي تنهن ڏيري ڏيري پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ ڪنهن دل گهرئي دوست کيس چيو هو "چو تو وقت وڃائين، شاعر ٿيڻ جي اجائي ڪوشش نه ڪر، ڪهاڻيون ئي لک سنو آ." ان جي باوجود به هو صاحب ڪهاڻيءَ جي فن کان پاسيرو ٿي شاعريءَ جي ميدان ڏانهن پنهنجون وکون وڌائيندو رهيو. هنکي ڏيري ڏيري شاعريءَ جي فن ۾ به ڪاميابي حاصل ٿيڻ لڳي ۽ آخر هنجي شاعر ٿيڻ جي آرزو، جيڪا سندس دل ۾ هئي سا پوري ٿي. ٿوري وقت اندر هن پنهنجي قلم جو اهو جادو ئي اثر ڏيکاريو جو سڀ ڏسندا رهجي ويا.

شري ڪرشن "راهي"

ساهت جي کيتر ۾ جيڪو اونهون اڀياس، جيڪا ڪلا جي گهرائي ۽ ڪلاتمڪ نظر توڙي سوجهه بوجهه کپي، سا ڪن جزوي ساهتڪارن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ڪي اهڙا ساهتڪار هوندا آهن، جيڪي گهڻو لکندا آهن پر اُنهن جي ساهت مان اُهو آنند نه ايندو آهي، پر ڪي اهڙا به ساهتڪار آهن جن تمام ٿورو لکي به ساهت جي کيتر ۾ شهرت حاصل ڪئي آهي، تن شاعرن مان ڪرشن "راهي" به هڪ آهي. شري ڪرشن راهيءَ جو جنم ٢٥ فيبروري ١٩٣٢ ۾ لاڙڪاڻه (سنڌ) ۾ ٿيو. سندس پورو نالو آهي، ڪرشن سندرداس وچاڻي. "راهي" سندس تخلص آهي. هو صاحب بي. اي تائين تعليم حاصل ڪئي آهي. هن وقت ائٽامڪ انرجي، بمبئيءَ ۾ آفيسر آهي. اٽڪل ٣٠ سالن کان ساهت جي کيتر ۾ سرجوشيءَ سان لڳل آهي.

"راهي" صاحب ساهتڪ جيون جي شروعات ڪهاڻيءَ سان ڪئي. سندس رچنائون جدا جدا رسالن ۽ مخزنن ۾ ڇپيون. جهڙوڪ: جوت، نئين دنيا، سنڌو ڌارا، ڪونج پڙهندڙ وغيره. اُنهيءَ ساڳئي دور ۾ هن صاحب هڪ به شعر به لکيا، جيڪي ڪن مخزنن ۾ ڇپيا به، پر اُنهن ۾ ڪيس اُهڙي ڪاميابي نه ملي، جيڪا مقبوليت کيس ڪهاڻين ۾ ملي. سندس ڪهاڻين

(لوڪ أدب م) لولي، اوراڻي، ڇيڄ، جهمر ۽ لاڏي جهڙين صنفن کي به نه وساريو ۽ رٿائتي نموني اُنهن کي بـه نئين رنـگ سان پيش ڪيو اٿس. ساڳـئي وقت عربي ۽ فارسي علم عروض وارا فارم غزل، نظم قطع اپنايا اٿس.

راهي صاحب کي پنهنجي وطـن سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ بيحد حب آهي. سنڌس هڪ ئي ڪلاسڪ گيت جيس هردلعزيز بڻائي ڇڏيو. جنهن مان ورهاڱي وقت جا احساس نمايان آهن. اهو آهي-

”وطن جي لءِ جان، گهوري پوءِ بـه ٿوري
سنڌين جان نه گهوري، وطن گهوري آيـا.“

حب الوطنيءَ سان گڏ سنڌيت تـي هلڪي طنز بـه ٿيل آهي-

”جيڪي هتي ڄميا سي پي سنڌي سڏبا.
سنڌي ٿي به سنڌ کي ڏسڻ کان سڪندا.
ڏاريـن وانگيان جڏهن سنڌ وڃـي ڏسندا
ماڻهو ائين چوندا ته سنڌي آيا سنڌ ڏسڻ!“

وطن جي حب جـو ٻيو مثال ڏسو. شاعر کـي اُٿندي ويهندي وطن جي ياد ستائي ٿي-

”مونکي اُهڙو ڏس ڪو ڏس ڙي ميان!
ڪيئن موٽـي پنهنجي ملڪ وڃـان.“

هن جي شاعري رفته رفته بلنديءَ جي چوٽين کي ڇهڻ لڳي. جنهن ڪري هن کي داد ملڻ لڳو. ١٩٦٩ ۾ سندس چوند ڪلام جو شاهڪار ڪتاب ”ڪماچ“ ظاهر ٿيو. هن ڪتاب جي ظاهر ٿيڻ سان ئي ساهتڪ جڳت ۾ ”راهيءَ“ جي نالي جي ڌوم مچي ويئي. آخر ”راهي“ صاحب جي شاعريءَ جو اثر ساهت اڪاڊميءَ تي به ٿيو ۽ بورڊ جي ڪاميٽيءَ ڪيس ١٩٧١ ۾ ساهت اڪاڊمي طرفان انعام ڏيئي سندس عظمت کي قبول ڪيو.

سنڌي ساهت ۾ اهڙو شاعر مشڪل هوندو جنهن ١٢٨ صفحن جي هڪ ئي شاهڪار ۾ شاعريءَ جي ٢٣ صنفن تي قلم آزمائي ڪئي هجي. شايد ”راهي“ صاحب هڪ ئي اهڙو خوش نصيب شاعر آهي، جنهن شعرن جو هڪ ئي مجموعو شايع ڪرايو ۽ اُن پهرئين مجموعي تي ڪيس ڀارت سرڪار جو عظيم انعام عطا ٿيو.

ڪماچ ۾ ”راهي“ صاحب پراڻيون صنفون ۽ نيون صنفون ٻنهي کي سنواريو آهي. جتي هن صاحب دوها، سورٺا، بيت، ڪافيون جهڙيون پراڻيون صنفون ڏنيون آهن اُتي آزاد نظم، ترائيل، هائيڪو، ٽيو، تنها سانيٽ جهڙين نين صنفن کي به اپنائڻ ۾ پٺتي نه رهيو آهي. نه صرف ايترو پر سنگيت جو ڄاڻو هئڻ ڪري اڄوڪي دؤر جي تقاضا موجب نج سنڌيت جي چيزن

"سڄ هڻي عشق جي ننڊ جي جڳ،
دل تي پر زور ڪو هلي نه سگهيو."

لکي ٿو ته مٿيون مصرعون سندس شخصي زندگيءَ سان واسطو آهن.

"راهي" صاحب قوالي به لکي آهي. ورلي ڪو سنڌي شاعر هوندو، جنهن قوالي لکي هجي. اُردوءَ جي هن صنف کي سنڌيءَ ۾ پيش ڪري هن صاحب سچ پچ ڪمال ڪيو آهي. ذرا مڪڙو ڏسو-

"ملبا آهن اُڇي اَڄ يار موالئي
سڄي سڌ پهچي ويا شوقين شيدائي."

راهي صاحب رباعين جي صنف تي به طبع آزمائي ڪئي آهي. رباعيون لکڻ ۾ جيڪڏهن سڀ کان وڌيڪ ڪنهن پاڻ موکيو آهي ته اُهو پهريون نمبر شاعر آهي ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي. ٻيو نمبر سرڳواسي ليکراج عزيز جو ڄڻي سگهجي ٿو. تنهن کان پوءِ ٽئين نمبر ۾ ٿو اچي اسانجو محبوب شاعر نارائڻ "شيام". اِهي ٽيئي شاعر سنڌ ۾ ئي مقبوليت حاصل ڪري چڪا هئا. ڀارت ۾ اَچي جن شاعرن رباعيون لکيون ۽ پنهنجو نالو ڪمايو اُنهن ۾ "راهي" صاحب اهم جڳهه والاري ٿو. سندس هڪ رباعي ڏسو جنهن ۾ هن پنهنجا فيلسوفاڻا ويچار پيش ڪيا آهن-

”راهي“ صاحب جي دل ۾ قومي پاور نا بـــ گهڻـ ڪين آهي- ڏسو سندس هي گيت -

”پارت ديش اسانجو- هيءُ پارت ديش اسانجو
اوُچ سپيتا جي سندرتا جنهن سنسار سجايـــو
سنيهه اهنسا جو سنسار کي جنهن سنديش سڻايو.“

۽

پڪاريو آ وطن سرحد تـــي سينو ساهي ايندا سين
وطن جي آن لئه اَڄ جـان پي گهوري ڇڏ يندا سين“

اهڙيءَ طرح سندس شعرن ۾ قومي جذبا ڪوٽا ڪوٽ پريل هئڻ ڪري، آزاديءَ ڏينهن قومي جلسي ۾ هڪ دفعي سنڌي ڪويءَ جي حيثيت ۾، هن صاحب بـڻ ڪوتائـــون پيش ڪيون جيڪي پـــوءِ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيون.

”راهي“ صاحب ”ڪماچ“ ۾ گيت، غـزل ۽ آزاد نظم گهڻي انداز ۾ ڏنا آهن. ڪجهه غزلن جو جائزو بـــ ورتو وڃي: ”راهي“ صاحب جي دل ۾ هڪ عجيب پياس آهي-

”آهيم پياس پر نه پيئڻ لءِ تو ڪيچ وٽي
هيءَ ڪهڙي پياس آ جا پيئڻ کانسوا ٻجهي!“

ڇو ندا آهن عشق تي ڪو زور نه هلندو آهي پر ”راهي“ صاحب جو دل تي به زور هلي نه سگهيو-

ٻئر جا مت نهايل آهن، سي تنهن زماني جي اعليٰ درجي جي سنگتراشيءَ جو خيال ڏين ٿا. پر اُهي بت اِنساني واسنا کي اُڀاريندڙ آهن. اُن وقت جي ماڻهن کي شايد سنياسي ٻڌمت جو پُوت سوار ٿيو هجي، تنهنڪري اُنان جي حاڪمن اهڙا بت جوڙايا، جن مان شرنگار رس جو لطف ماڻڻ جو موقعو ماڻهن کي ملي. ڏسو شرنگار رس جو سانيت جي چند سٽن ۾ لطف-

"پاپ ۽ پنج جي ڪا جنگ ٿي آ جنهن سانگي-
ڪوئي اِخلاق اُگهاڙو ٿي هتي آيو آ
ننگ ننگي ٿي رکيو جنهنجو آ ڪنهن نانگي
روپ ۽ رنگ جو ڀڙڪاڻ هي ڀرايو آ."

چند سٽن ۾ "کجوراهو" جو ڪيڏو اعليٰ تصور پيش ڪيو اٿس.

آخر ۾ هڪ "هائيڪو" به ڏسو. ٽن سٽن جي هائيڪو ۾ ڪيترو نه عمدو خيال ڏنل آهي-

"اُفق جو رت وهيو
ڏينهن رات جي ويڙهه ۾
وقت جو موت ٿيو!"

گوناگون صنفن تي قلم آزمائي ڪندي، ڪٿي ڪٿي هُو صاحب ٻاغي شاعر پڻ لڳندو آهي. ڏسو هيٺين آزاد نظم کي، جنهن ۾ سياسي مدبرن جي پت وائکي ڪيل آهي-

”اِنسان جِمي ٿو تہ ڪلن نــا ماٺهو،
اِنسان مري ٿو تہ رئن تــا ماٺهو،
تڪليف مرڻ ۾ تـــہ جئڻ ۾ پيي آ،
پو ڇا ٿي رئن ڇائي ڪلن ٿا ماٺهو.“

”راهي“ صاحب لولي ۽ اوراڻي لاڏي ۽ سهرے، جهمر ۽ ڇيڄ تي بہ قلم رائي ڪئي آهـي. هڪ لولي پيش آهي -

”پٽ پنهنجو هندورن ۾ مـان جهوُلايان
پٽ هنـدورن ۾ مـــان جهوُلايـــان
لولي ڳايان - لولي ڳايان“

”راهي“ صاحب جون اِهي لوليون گيت، اوراڻا ۽ لاڏا گوبند مالهيءَ جي پارٽيءَ پنهنجي سنگيت پروگرام ۾ ڪيترا ئي دفعا ڳاتا آهن. ڪيترا دفعا سندس اِهي لوليون ۽ گيت ريڊيو تي پرسارت ٿي چڪا آهن.

جتي راهي صاحب اُردو شاعريءَ کــان متاثر ٿـــي غـــزل، قواليون ۽ سهرا لکيا آهن، اُتـــي ٻئي طرف انگريزي ۽ جپاني شاعريءَ کان متاثر ٿي ڪي سانيٽ ۽ هائيڪوُ پـــڻ لکيا آهن. سانيٽ جنهن کـــي اسين چوڏسي ڪري ٿا ڪوٺيون، تنهنکي برابر پهرين سنڌي شاعريءَ ۾ پيش ڪرڻ جو شرف نارائڻ ”شيام“ کـي آهي، پر ”راهي“ صاحب بہ چوڏسي لکڻ ۾ پٺتي نہ پيو آهي. ”ڪجوُ راهو“ جي غفائن ۾ مندر اندر جيڪي

پنهنجي سنڌ وانگر وسي سگهن تـا تنهن لاءِ هڪ ڪاميٽيءَ ۾ هن صاحب شري ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ پروفيسر پوپٽي هيرانندانيءَ سان گڏ، ڪڇ جو دؤرو ڪيو ۽ هڪ رپورٽ تيار ڪري ١٩٦٩ ۾ ڇپائي. اِهو ڪو سولو ڪم نه هو پر گڏيل سهڪار سان هنن هٿي هٿ ڪيو.

ڪجهه به هجي "راهي" صاحب جو ساهتڪ يوڳدان ۽ سماجڪ ڪارج ايامن تائين ياد رهندو ۽ ياد رهنديون سنڌس انوکيون پيشڪشون. اڃا به سنڌي قوم کي هن صاحب وٽان گهڻو ڪجهه ملڻ جون اميدون آهن.

"ناٽڪ جاري هو، سڀ ساڳيو هو، / اسڪرپٽ، ڊائلاگ، پردا پرامٽر / رول، ڪردار، انجام اقرار / سڀ ساڳيو ئي رهيو هو، / نئين رول ۾ پراڻو اداڪار! / پراڻي پارٽ ۾ نئون ائڪٽر! / ساڳئي رول ۾ ساڳئو ائڪٽر لڳي رهيو هو! / تڏهن سنڌڙن چلايو، "بند ڪريو! / هي ناٽڪ نئون ناهي / ساڳيو آهي، پراڻو آ، اڌورو آ. / اسانکي اُتر ڏيو! "

شري ڪرشن "راهي" سنڌ کهاڻيڪار ۽ مقبول شاعر ته آهي ئي پر ڪن جزوي ماڻهن کي ڄاڻ هوندي ته هوُ صاحب سٺو اداڪار پڻ آهي. "سنڌي ساهت منڊل" جيڪي ايڪانڪي ناٽڪ پيش ڪيا، تن ۾ "شاهدي" ڪافي ڪامياب رهيو. اُن ۾ ڪرشن راهيءَ "شاهد" جي ائڪٽنگ سان چڱو رنگ ڄمايو هو. ساهت منڊل جي ناٽڪي سرگرمين ۾ ڪافي چست رهيو. اڄڪي هلي مالهي صاحب جي سنڌي ڪلاڪار منڊل ۾ آيو. اُنجي پهرئين پروگرام ۾ ڪرشن راهيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ "ناٽڪ ۾ ناٽڪ" ايڪانڪي پيش ٿـيو. اُهڙيءَ طرح هوُ صاحب هڪ سٺو ڪلاڪار ۽ هدايتڪار پڻ آهي.

هڪ ٻي ڳالهه سماجڪ سڌاري جي خيال کان به هن صاحب جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. سنڌي جاتيءَ جو آئينده ڪيئن روشن ٿئي، ڪئي سنڌي

وغيره ۾ شايع ٿينديون رهيون. رفته رفته هن صاحب ناول لکڻ به شروع ڪيا. هيءُ صاحب سٺو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس آهي، هن وقت سنڌس رچيل ڪهاڻين کان سواءِ شاعريءَ ۾ آهي.

ڳني سامتاڻيءَ جي دل شاعراڻي آهي. تڏهن ته شاعراڻي نوع ۽ جذبي وچان هن صاحب چيو آهي - ”عان دوزندو ئي رهيو آهيان، پاڻو ڪجهه به نه اٿم.“ اها دوڙ ڪهڙي منزل ڏانهن؟ ڪٿي پهچڻ لاءِ، سا شايد ڪيس به خبر نه آهي. سنڌس ئي لفظن ۾ ”مرگ - ترشنا پٺيان“ هيءُ صاحب امرت جي تلاش ۾ آهي. ڪهڙو امرت، شايد ساهتڪ مهراڻ ۾ ڪو ولولو پيدا ڪري امرت ڪڍڻ ٿو چاهي ۽ اُنهيءَ جي تلاش ۾ هو صاحب زندگي ڀر دوڙندو رهيو آهي.

ورهاڱي بعد سامتاڻي صاحب ترقي پسندن جي ڀڃ وچڙ ۾ آيو جن کان متاثر ٿي هن اُن دؤر ۾ ب- چار فنشنبل شعر به لکيا. ساهتڪ بيٺڪن ۽ ڳنڍجاڻين ۾ هو هميشه ماٺ رهندو هو. پنهنجن ئي ويچارن ۾ گم سم. هنجو فنڪار ترقي پسند مڪتب خلاف ودروهه ڪندو رهيو. سنڌس پاڻ ڪمار ۽ پاڃائي گوپيءَ جي جوانيءَ جي موت ڪيس زندگيءَ جي بيهودگي ۽ موت جي ڀونڪاري تي سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو. ڪاليج ۾ وڃڻ بعد هن وشو ساهت جو اونهو اڀياس ڪيو، جنهن ۾

شري گنو ساھتاڻي

اُھڙا سنڌي ساھتڪار جن تمام ٿورو لکي به ڪھڻي شھرت حاصل ڪئي اُنھن جي صف ۾ گنو ساماڻي پھرين شمار ٿيندو. ٿوريون ڪھاڻيون لکڻ سان ئي گني ساماڻيءَ ڪھاڻي جڳت ۾ چڱي مقبوليت حاصل ڪئي. اھڙي اعليٰ فنڪار جو جنم ١٣ جولاءِ ١٩٣٤ ۾ حيدرآباد (سنڌ) ۾ شري ديالداس ساماڻيءَ جي گھر ۾ ٿيو. اڃا ٽيرھن سالن جو مس ھو ته ملڪ جي ورھاڱي ڪري حيدرآباد ڇڏي ھن سنڌونگر اچي وسايو. اُتان جي ماحول کان متاثر ٿي، ھن لکڻ شروع ڪيو. سندس پھرين ڪھاڻي "پارس" اٽڪل پندرھن سالن جي عمر ۾ اُلھاسنگر مان نڪرندڙ "نيا سنسار" رسالي ١٩٤٩ ۾ شايع ٿي. ھن پنھنجي قلم جي شڪتيءَ سان ڪنھن به ننڍين وشيه کي کڻي، ڪھاڻيءَ کي پارس بڻائي ڇڏيو آھي.

شري گني ساماڻيءَ ١٩٥١ ۾ پونا بورڊ جي مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ مھاراشٽرا يونيورسٽيءَ مان بي. اي. (آنرس) ڪئي. ھن وقت مھاراشٽرا گورنمينٽ جي سڪريٽريٽ جي آفيس ۾ ڊپٽي سيڪريٽري آھي. اُئين کڻي چئجي ته گنو ساماڻي ١٩٤٨ کان ساھتڪ کيتر ۾ آيو. لکڻ جي شروعات ڪھاڻين سان ٿيس. سندس ڪھاڻيون جدا جدا مخزن. ڪھاڻي، ڪونج، سھڻي

جڏهن هنجون ڪهاڻيون سنڌس نئين نالي سان "ڪهاڻي" رسالي ۾ شايع ٿيڻ لڳيون، (١٩٥٨-٦٠) تڏهن سنڌس ڪهاڻيون پنهنجي فن جي پوري جوانيءَ ۾ هيون ۽ هو پوري طرح سنڌي ڪهاڻيءَ مٿان ڇانئجي ويو. سنڌس ڪهاڻين نه فقط پاڙهڪن کي پر ڪن ڪهاڻي نويسن کي پڻ متاثر ڪيو.

شيام جئسنگهاڻيءَ جي لفظن ۾ "موضوعن جي نواڻ، اظهار جي تازگي مارڪسواد جي چنبي کان آزاد ليڪن نوان ويچار، منوچيد نوان ٽيڪنڪ، عظمند قدرن جو عمايتي، عبارت ۾ ترنم سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏيئي ڇڏيو." سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ گنگي جي آمد اهڙي وقت تي، جڏهن ترقي پسند ڪهاڻي پنهنجن پوين پساهن تي هئي.

منهنجي ڄاڻ موجب، هيل تائين گنگي سامنتاڻيءَ جا جملي ٽي ڪتاب شايع ٿيل آهن: (١) واپس- ناول (١٩٥٧) (٢) اڀمان- ڪهاڻيون (١٩٦٥) ۽ (٣) اپراجتا- ڪهاڻيون (١٩٧٠) تنهن کان سواءِ هن صاحب ڪن ڪتابن جو ترجمو پڻ ڪيو آهي. سبوڌ گهوش جو ناول "سبيا" عنوان سان شايع ڪرايو اٿائين. تنهن مان لڳي ٿو ته گنگي تي بنگالي ساهت جو به اثر رهيو آهي. گنگي جي خاص لباري صنف ڪهاڻي ئي رهي آهي.

"اڀمان" ڪهاڻين جي مجموعي ۾ ڇهه ڪهاڻيون

جيمس جائس، ٽي. ايچ. ايليٽ، ايڊگر جين، ڀسال، سارتري آلبرٽ ڪامو ۽ فرائڊ جو سندس جيون ۽ ساهت تي ڪافي اثر رهيو آهي. اَڄ ﺑﻪ گنو سامتاڻي بمبئيءَ جي برٽش ڪائونسل جو ميمبر آهي. سنڌي ساهتڪارن ۾ هيءُ ئي اهڙو ساهتڪار آهي جنهن وڌ ۾ وڌ مغربي ساهت پڙهيو آهي.

اسڪولي جيون کان ئي گنو سامتاڻي ۽ موهن ڪلپنا هم ڪلاسي ٿي رهيا. ساهتڪ ڪيتر ۾ ﺑﻪ گني جي لهه وچڙ پهرين فقط موهن ڪلپنا سان رهي. تنهن کان پوءِ سندس دوستيءَ جو دائرو وڌندو رهيو ۽ پوءِ رومانوي دؤر جي ڪهاڻي ليکڪن جي ٽموڙلي- موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي ۽ لعل ”پشپ“ جي بڻي.

رومانوي طبيعت جو هئڻ ڪري هنجي ڪاليجي جيون درميان ڪيترين نارين ۽ فنڪار عورتون هنجي زندگيءَ ۾ آيون، جن جا عڪس ۽ گهٽيل گهٽنائون سندس ڪهاڻين ۾ ظاهر ٿيڻ لڳيون. گني جي پهي ڪهاڻي ”هوءِ ﺑﻪ ماءُ هئي“ ١٩٥٦ ۾ نرگس ۾ ڇپي ۽ ”هڪ رات“ ١٩٥٧ ۾ ”نئين دنيا“ ۾. تنهن کان سواءِ گني اٽڪل ٢٠ ڪهاڻيون لکيون جي، جنهن ٻڌجي ٿو، هن پنهنجي سڃاڻپ لڪائيندي ڪنهن استريءَ جي نالي سان رسالن ۾ ڇپايون. اُهي لکندي گني کي وشيه ٿي ايترو دست رس اچي ويو، جو

مجموعي تي ١٩٧٣ ۾ ساهتيہ اڪاڊمي طرفان اوارڊ عطا ٿيو آهي. ان قدرشناسيءَ کيس عالمگير شخصيت جو مالڪ بڻايو.

گني جي "اپراجتا" ڪهاڻيءَ جو ذڪر ڪردار-نگاريءَ جي لحاظ کان ضروري آهي. "اپراجتا" جي نائڪا اپراجتا فقط پراجت ٿيڻ لاءِ ئي بڻي آهي. هن ناٽڪ جي آشرم جي ڪن آدرشي نيمن ۾ اهڙي قدر بڌي ڇڏيو آهي، جو پرش جو هلڪو پرويش به سندس اِستريتا کسي ٿو وٺي. هوءَ خود وشواس نٿي ڪري سگهي ته مڪتيءَ جهڙي چيز جو واسو اهڙن ڪن غلط هنڌن تي هوندو آهي.

ٿوري ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته گني ساهتاڻيءَ جا ڪردار عام رواجي جڳت جا اِنسان نه آهن. پاترن جي گفتگو ئي ڪهاڻيءَ جي ملهائتي چيز آهي. سندس ڪهاڻيون اِتهاس ۽ درشن تي ئي آڌار رکندڙ آهن. گني جي درشن بابت موهن ڪلپنا جو چوڻ آهي- "گني جو رچناڪار ۽ فيلسوف هڪ ٻئي سان جدوجهد ڪندا نظر اچن ٿا ۽ اُن جدوجهد ۾ فيلسوف رچناڪار مٿان غالب پوندو نظر اچي ٿو."

نوجوان نقاد شري هريش واسواڻيءَ گني جي ڪهاڻين بابت چيو آهي- "گني جون ڪهاڻيون استري پرش جي اُنهن سناتن سنبنڌن تي لکيل آهن، جن لاءِ اسين

کنيل آهن - (١) نائڪا (٢) اُپمان (٣) وقت جي سيما
هن پار - هن پار (٤) هڪ راهه - هڪ پٿر (٥) شڪست
۽ (٦) پرلئه.

شري گنئي جون ڪهاڻيون ڪلا جي لحاظ
کان اعليٰ درجي جون آهن. اظهاري شڪتي زوردار
اٿس، پر گنئي جا پاتر هن جڳت جا نٿا لڳن. هو آدر-
شواد جي ڪوڪلي سطح تي بيٺل آهن، جن جي پيرن
هيٺان ڪا ٺوس زمين ڪانهي. سندس اُي دوست ۽
ممتاز ليکڪ موهن ڪلپنا جي چوڻ موجب "گنئي
سامنائيءَ جون ڪهاڻيون پرلئه، هڪ راهه-هڪ پٿر ۽
شڪست الڳه قسم جون ڪهاڻيون آهن جن جا پاتر جڻ
سنڌي جڳت کان علحدا پيا لڳن. هنن جون نائڪائون
ڪجهه فلاسافي نمونې جون آهن. جي ڪوري جذبات
وچان پنهنجي پريميءَ جي شخصيت اڳيان ڊهيل آهن."

"اُپراجتا" ڪهاڻي سنگره سندس ڪهاڻين جو
ٻيو مجموعو آهي. هن ۾ به ڪل ڇهه ڪهاڻيون آهن:
(١) بندن (٢) سريو ۽ آتما (٣) زندگيءَ کان مؤت تائين
ڦهليل اونداهو ڪاريڊار (٤) ڪنڌهر (٥) ڏنگا رستا
سڌو سفر ۽ (٦) اپراجتا. خاص طور اِنهن مان به ڪهاڻيون
"بندن" ۽ "اُپراجتا" قابل-ذڪر آهن. سندس شايع
ٿيل ٻن ڪهاڻين جي مجموعن اُي هنکي ايتري مقبوليت
ڏياري آهي جو ڪيس "اُپراجتا" ڪهاڻيءَ جي

۽ آدرش ڀرين ۾ ڪردار پوءِ سوچيا ويا آهن. ڪٿا يا ڪردار گهڙڻ خاطر ناهي گهڙيا اُنهن جو زمان، مڪان، اُنهن حالت سان تال ميل نه ويهارڻ خاطر آهي. گنو رومانٽڪ درشٽي کڻي هليو آهي، جنهنجو رجحان آدرش آهي تنهنڪري ڀاشا ۾ لفظن جي جوڙ درشٽيءَ موجب آهي. اظهار ۾ داخليت ڀريل آهي ۽ "سورو ڪجهه" ٻڌائڻ جي هٻڪ کان هوءُ پري نٿو هٽي. ۽ وري اِستي من اِستي ٻيائيءَ ۾ هوءُ ڪو نوٽ وڃڻ جهڙي روائتي اپنائي نه سگهيو آهي، سواءِ ڪٿي هڪ ٻن ڪوشش جي."

واقعي شري گنو سامتاڻي هڪ اهڙو ڪهاڻي نويس آهي جنهنجي ڪهاڻين ۾ درد ۽ پيڙا جو اظهار ڪجهه اهڙي رنگ سان ڪيل هوندو آهي جو هڪ سڄاڳ ۽ ماڊرن پاٺڪ کي گنو سامتاڻي ماڊرن ڪهاڻيڪار پاسڻ لڳندو آهي. جيتوڻيڪ شري هيري شيوڪاڻيءَ کي گنو سامتاڻيءَ لاءِ ڪجهه شڪايت هُن ريت آهي ته - "سنڌين کي، اُنکري سنڌي ساهتيه کي اِتهاس وقت ۽ روايت ۾ ڪا به جڳهه نه رهي آهي. هو اُنکان ڪٽجي ويا آهن." هيري شيوڪاڻيءَ اُنکي گنو سامتاڻيءَ جو قياس جوڳو ايمان ڪونهي آهي. ته به هوءُ هن لاءِ چوي ٿو - "گنو سامتاڻي ساهتڪار آهي، فنڪار آهي ليڪن ساهتڪار جي مريادا کي پلجي

اڃا تائين پريم کان وڌيڪ بهتر لفظ تجويز ڪري نه سگهيا آهيون. پر سندس ڪهاڻيون عام رواجي پريم ڪهاڻيون نه آهن. هڪ جنس جي ٻيءَ جنس لاءِ ڪشش صدين کان هلندي آئي آهي، پر ڪن مجبورين ۽ سماجڪ بندشن جي ڪري اها اظهار پائي نه سگهي آهي. گنو اِنسان جي من ۾ دٻيل اُنهن اُڌمن جيڪي ڪيترن مختلف پاسن هيٺان دٻجي ٿا وڃن، تن کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪري.”

ڪي ساهتڪار شري گنني سامتاڻيءَ کي ڪلاسڪ يا رومانوي ليکڪ ڪري ٿا ڏسجن. پر حقيقت اِها آهي ته گنني جو ڪلاڪار سندس ڪهاڻيڪار مثال جاري آهي. جيڪا ڳالهه موهن ڪلپنا به قبولي آهي. ڪجهه به هجي پر ايترو ضرور چئبو ته سندس ڪهاڻيون ڪهاڻي ڪلا جي فن جي عڪاسي ڪن ٿيون. سندس تازي ڪهاڻي ”ٻڙاڏو“ اُنجو بهترين مثال آهي. جنهن ۾ ماحول، فضا ۽ ڪردار سڀ سنڌي آهن.

ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ جيتري گنني سامتاڻيءَ شهرت حاصل ڪئي اوتري ناول نويسيءَ ۾ نه. هن صاحب فقط هڪ ئي ناول لکيو آهي ”واپس“ جنهن ناول بابت پريم پرڪاش پنهنجا ويچار ظاهر ڪندي لکيو آهي - ”ناول جي ڪهاڻي ڪٿا پرڌان اوتري ئي آهي جيتري ڪردار پرڌان. پر اِها ڳالهه به لکي نٿي

شري گوبند مالهي

سنڌ جي يوميءَ لاءِ حب رکندڙ، سنڌو سنسڪرتيءَ جي جوت جاڳائيندڙ، هر سنگيت محفل ۾ ”لال جا جهاتي جنو جهوليلال“ جو نعرو لڳائيندڙ ۽ هر پروگرام جي پڇاڙيءَ ۾ پلئو پارائيندڙ ۽ اهڙ چيٽي چنڊ جو پروگرام اسين هلي سنڌ ۾ ملهائينداسين - اهڙي حب - الوطني سان ڀرپور ساهتيڪار آهي تـــ اهو آهي - گوبند مالهي. اهڙي سنڌين جي سپدائي، سنڌيت جي هلچل جو روحروان ساهتڪار جو جنم هڪ زميندار جي گهر ۾ ٥ آگسٽ ١٩٢١ ع ناروشاه ڦوٽ ۾ ضلع نوابشاه (سنڌ) ۾ ٿيو. اسڪولي تعليم ناروشاه ۾ پرائڻ ڪـــان پوءِ اوچي تعليم پوريائين ان وقت شڪارپور ۽ پوءِ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ پرايائين. اتـــان بي. اي ڪرڻ کان پوءِ وڪالت جو وديارٿي ٿيس ۽ ١٩٤٤ ۾ ايل. ايل. بي پاس ڪيائين. پڙهڻ جي زبردست شوق هئڻڪي ساهت ۾

ٻنهي جي ڪومل سپني ڀاشا جي سونهن کي وساري اهڙا بيهودا الزام ته هڻي ۽ لفظن جي ٻي درد فضول خرچيءَ جو ڀرپور ثبوت ڏئي." (ڳنو سامتاڻي تنقيدي ليکن جو مجموعو.)

ڪجهه به هجي ڳنو سامتاڻي پنهنجي ان لفظن ۾: ڪهاڻي هر ڪلاڪار جو ڪراس (صليب) هر ڪلاڪار بار بار اُنتي چڙهندو آهي ۽ بار بار مرندو آهي. اُنڪري جو هو ڄاڻي ٿو ته ڪراس تي. چڙهڻ ڀنيان انڌي يگ ۾ روشني اچڻي نه آهي - "اُپراجتا" (ڪهاڻي ء مان) اُن راءِ سان ماڊرن ريڊرس کي شايد سهمت ٿيڻو پوي جو هن ماڊرن يگ ۾ جتي ڪوتاڪهاڻي ٻنا عمرا وغيره سڀ ڪجهه ماڊرن ملڻ لڳا آهن، اُتي ٻه ٻه ٽي ڪتاب لکي پنهنجي ساهتڪ علميت ۽ انوکي شخصيت جو اُنڀؤ ڪرائڻ به ڳنو سامتاڻيءَ جو هڪ انوکو يوگدان آهي. ۽ رهندو. ٿي سگهي ٿو ته سنڌس قلم مان اڃا به ڪجهه ماڊرن ڪان وڌيڪ ماڊرن ساهت جو سرجڻ ٿئي ۽ نقادن کي نئون مواد تنقيد لاءِ ملي پر جو ڳنو سامتاڻيءَ لکيو ٿورو آهي پر اُنتي تنقيدي ذرا زياده ٿي ٿي آهي. شايد شيڪسپيئر وانگر هو به اِئين چوڻ جو قائل هجي ته نقادن جي بدولت منهنجون ڪهاڻيون مقبوليت حاصل ڪن ٿيون. ڏسجي ته سنڌس قلم ۾ اڃا ڪيتري شڪتي آهي!

●●

موٽ (١٩٥٧) ڏيهي ٻرڏيهي ٿيا (١٩٦١) ڌرتي سڀ کان ٿي پيار جي پياس (١٩٧٢).

مالهي صاحب پنهنجن ناولن ۾ گهڻائن ۽ ڪردارن جي سيرتنگاري ۽ ڏانهن خاص ڌيان ڏنو آهي، تنهنڪري سندس پوئين ناول "پيار جي پياس" تي ١٩٧٣ ۾ ڪيس ساهت اڪاڊمي انعام پڻ حاصل ٿيو آهي. هن صاحب جا ڪي ناول گجراتي، هندي ۽ ملايلم ۾ پڻ ترجمو ٿي چڪا آهن. اهڙيءَ طرح هن صاحب سنڌيت جي خوشبوءِ جو هڳاءُ ٻين ٻولين وارن کي پڻ ڏنو آهي. هري موٽواڻي مالهي صاحب جي ناولن بابت لکيو آهي "هنجي ناولن جي وڏي خوبي رهي آهي، هنجهن سنڌي جيوت جو چٽيل چٽ ورهاڱي جي ابتدائن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، سنڌي ڪردار جن جن لکن مان لنگهيو آهي، تن جو پورو پورو درشن مالهي صاحب پنهنجن ناولن ۾ ڪرايو آهي." انهن خوبين جي ڪري سندس ناول شروع - ٻوليءَ ۽ ٻيڪڙا ولر کان وچڙ يا گجراتي، هندي ۽ ٻين ٻولين ۾ پڻ ترجمو ٿيا آهن.

شري گوبند مالهي جي ساهتڪ ڪيئر ۾ پير پختا ڪرڻ وقت، ديش ۾ آزادي آندولن زور هئو سماج ڌارڪ اٿل پٿل ۾ هئي. اهڙي انقلابي ماحول ۾ جن ساهتڪارن وقت جي تقاضا اونهائي تن ۾ مالهي صاحب اڳرو رهيو. زندگيءَ سان لاڳاپو رکندڙ سماجڪ موضوع

دلچسپي جاڳائي ۽ اِسڪولي جيوت ۾ ئي لکڻ جــو شؤق پيدا ٿيس.

چوڏهن- پنڌرهن سالن جي عمر کان ئي هن ڪيتي ڦڪي شاعريءَ سان ساهت ڪيتر ۾ پير پاتــو. سندس پهريون سماجي شعر ١٩٣٦ ۾ "سندانن ڌرم پرچـــارڪ پتريڪا" ۾ شايع ٿيو. شروعاتي دؤر جـــي شاعريءَ کانپوءِ نثرنويسيءَ ڏانهن لاڙو رکيائين. ساهي سڀ ساهت جي لڳ ڀڳ هر شاخ ۾ رچي رکندي قلم آزمائي ڪئي آهي خاص ڪري ناول، ڪهاڻي، ايڪانڪي ناٽڪ ڪجهه مضمون ۽ تنقيدي ليک به لکيا اٿس، جن ۾ چڱي ناموس ڪيدي اٿائين. نقادن جي نظر ۾ سندس ماهريت ناول نويسيءَ ۾ ۽ ايڪانڪي ناٽڪڪار طور وڌيڪ رهي آهي. ناول نويسيءَ ۾ ته هو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن کيتر ۾ ئي کنهن به ناول نويس کـان وڌيڪ لوڪ پريتا حاصل ڪئي اٿائين. اٽڪل ٢٤ ناول لکيا اٿس، جنهن ڪري هنکي سندي ساهيت جـو "اُپنياس سمـراٽ" ڪري چيو ويندو آهي. هـــن پنهنجي هر ناول ۾ ڪانه ڪا نواڻ آڻڻ جـي ڪوشش ڪئي آهي. پر گهڻي ڀاڱي ناولن ۾ سماجڪ مسئلا ئي کنيا اٿس. سڀني ناولن ۾ هنجو يٿارٿوادي نظريو رهيو آهي. مکيه ناول اٿس- پکيئڙا ولر کان وڇڙيا (١٩٥٣) عشق ناهي راند (١٩٥٥) شرم ٻوٽي (١٩٥٦) لوڪ آهي

آهي. سندس زندگيءَ ۾ جيڪي ٻه پرش اچن ٿا سي
صرف سندس سرير جا سوداگر ۽ واسنا جا پوڄاري
ئي آهن. سندس من جو ميت ڪوئي نٿو ملي. ناٽڪا
موهنيءَ جڙ اِي ٻاڪيءَ سان هر نئين پرش اڳيان پيار
جي تڙپ جو اظهار، ڪٿي شنڪا نه پيدا ڪري
ته ڇا سنڌي عورت پنهنجي پيار کي اهڙيءَ ڪليءَ
دل سان ڪنهن غير مرد اڳيان پيش ڪري سگهي
ٿي؟ گهٽ ۾ گهٽ عام زندگيءَ ۾ ته اهڙا مثال ملڻ
مشڪل آهن. لڳي ٿو ناٽڪا زندگي کي گنڀيرتا سان
نه ڪنيو آهي. ڪجهه به هجي مالهي صاحب پتار ٿواد
کي ڪٽي هن وسيلي سماج ۾ ڦهليل ڪيترن ڪرسمن
کي بي نقاب ڪيو آهي. خاص طور ڌرم جي اوٽ ۾
جيڪي پاکنڊ رچائي عورتن کي ڦاسائيندا تن جي
اوگهڙ ڪئي اٿس.

مالهي صاحب جي ناولن بابت ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي
جا ويچار به ڏيڻ طلب آهن. سندس راءِ موجب "مالهيءَ جي
اپنياسن ۾ سوڪيم من - چيٽ واري شيلي گهٽي پاڳي
ڪانه ٿي ملي. ڪڏهن ڪڏهن گهٽنائن جي چڪر ۾
ڦاسي ليکڪ اسپاوڪ سنسني خيز گهٽنائون پيش ڪري،
پنهنجي رچنائن جو درجو ڪيرائي ٿو ڇڏي. مالهي
ترقي پسند ليکڪ مان آهي، انڪري پنهنجن ڪن
اپنياسن ۾ سنڌيءَ طرح آرٽ ۽ سياسي مسئلن ٿي

هنجي ناولن جو بنياد رهيو آهي. ڏينهن ليٺي، پيار جي شادي، وڏوا ووڌاءِ، انتر ڄاتيءَ شادي جهڙن وشين کي کڻي هن پنهنجا ناول رچيا آهن ته ٻئي طرف پنهنجي ناولن ۾ وطن دوستيءَ جي جهلڪ پڻ پسائي آهي. شري ٻاٻاڻيءَ لکيو آهي- "اُنهيءَ دؤر (ترقي پسند) جي جيڪا به خصوصيت آهي سا آهي، وطن پرستي. سنڌي اَديبن وطن وچائي جيڪو درد پاتو آهي، اُن ڪيترين اَعليٰ رچنائن کي جنم ڏنو آهي... گوبند مالهيءَ جي ناولن ۾ جيڪي سنڌ جا جذبا، سنڌي ڪردار يا سنڌ جو دلفريب وايومنڊل آهي، سو ڪنهن حد تائين سنڌ سان ناولن کي جاندار بڻائي ٿو."

گوبند مالهيءَ جو هر هڪ ناول گهڙت جي لحاظ کان بهترين آهي، تنهنڪري الڳ الڳ ساهتڪارن جدا جدا ناول کي بهتر مڃيو آهي. سرڳواسي ايم. يو. ملڪاڻيءَ "پکيئڙا ولر کان وڇڙيا" کي سرڳواسي لعل سنگهه اجواڻيءَ "ديسي سينڌ ڪڍن" کي ۽ ڪي آلوچڪ "ڏيهي پرڏيهي ٿيا" کي، ته وري ساهت اڪاڊميءَ وارن "پيار جي پياس" کي بهترين ناول مڃيو آهي.

"پيار جي پياس" ناول ۾ مالهي صاحب هڪ اُهڙيءَ سنڌي ناريءَ جو منووگيانڪ چٽ چٽيو آهي، جا سڄي عمر سچي پيار لاءِ پياسي، تڙپندي رهي

سنڌس ڪهاڻيون ڪن مجموعن ۽ رسالن ۾ اُتڙيل پکڙيل حالت ۾ هيون جن کي ڪٺو ڪري ڪجهه وقت اڳـــ مجموعي جي روپ ۾ سنڌي ٽائيمس طرفان ڇپايو ويو آهي. جنهن ۾ ١٩٤٦ کان ١٩٥٥ تائين لکيل مکيه ڪهاڻيون شايع ڪيل آهن.

مالهي صاحب هڪ سٺو اداڪار، هدايتڪار ۽ ناٽڪ نويس پڻ آهي. هن سنڌي منچ ۽ ريڊيو لاءِ اٽڪل ٣٠ ايڪانڪيون لکيون آهن، جن ۾، ناچو، نمي ڪفن وغيره مکيه آهن. هنجي ايڪانڪي ناٽڪن جو هڪ مجموعو ”گهوٽ ڪنوار راضي“ شايع ٿيل آهي. سٽيج جي سٺي ڄاڻ هئڻ ڪري مالهي صاحب جا گهڻا ايڪانڪي ناٽڪ منچيڪرڻ جي خيال کان ڪافي ڪامياب ويا آهن. اهڙيءَ طرح وشيه توڙي فن جي لحاظ کان ايڪانڪيون مقبوليت حاصل ڪري چڪيون اٿس. سنڌيءَ کانسواءِ هنديءَ ۾ به ناٽڪ لکيا اٿس ۽ سنڌس ”جهُوُ جي ڪناري“ ناٽڪ جو ترجمو به هندي ۾ ٿيو آهي. مالهي صاحب چڱائي مضمون ۽ ليک بـــ لکيا آهن، جيڪي وقت بـ وقت جدا جدا رسالن ۾ شايع ٿيا آهن پر مجموعي جي روپ ۾ اِشاعت پائي نه سگهيا آهن.

ڀارت ۾ سنڌي رنگ منچ جي شروعات لڳ ڀڳ ١٩٥١ ۾ ٿي. ”سنڌي ساهت منڊل“ ترقي پسند ليکڪن

سلهيوادي نظر ئي سان ٻه ويچار پيش ڪيا آئا ئين. اهڙن هندن تي سنڌس رچنائون پرچاراتمڪ بڻجي ٿيون پون."

١٩٤٢ ڌاري سنڌي ساهت ۾ مارڪسوادي ويچارن جي اثر هيٺ ترقي پسند دؤر شروع ٿيو. هن دؤر جا مکيه ليکڪ هئا گوبند پنجابي، برڪت علي آزاد، سوڀو گيانچنداڻي، آنند گولاڻي، گوبند مالهي، اي. جي. اتم، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ شيخ اياز. هنن پنهنجا پرگتي وادي ويچار، پنهنجين رچنائن دواران عوام اڳيان رکيا، جن ۾ شري گوبند مالهي اهم هو، تنهنڪري کيس ترقي پسند دؤر ۽ ويچارڌارا جو باني چئي سگهجي ٿو. ناول وانگر هنجي ڪهاڻين جا وشيه به گوناگون رهيا آهن. هن لڳ ڀڳ ٻه ڊزن کن ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس پهرين ڪهاڻي "هم درديءَ جو احساس" هندو سنسار ۾ شايع ٿي هئي. اُن بعد اهو سلسلو هلندو رهيو ۽ سندس ڪهاڻيون جدا جدا رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون. مالهي صاحب جون ڪهاڻيون- شرنارٿي، ڏياريءَ جي رات احسانمندي، اڳتي قدم آدم خور. اها به ڪا آڪاڻي آ؟ قابل - ذڪر آهن. "اها به ڪا آڪاڻي آ؟" نه ايتري پسند پيئي جو اُنجو ترجمو ڀارت جي پندرهن-ڇهن ڀاشائن ۾ ڪيو ويو آهي. "هاري حقدار" هنجي سياسي موضوع واري ڪهاڻي آهي، جيڪا سنڌ ۾ "پرهه ڦٽي" مخزن ۾ شايع ٿي هئي.

درشڪن ۾ چاهه پيدا ڪيو. گذريل پندرهن ورهين سالن کان ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ ناٽڪي انداز ۾ سنگيت پروگرام پيش ڪري، سنڌي سنگيت ۽ سنسڪرتيءَ جو ڦهلاءُ نه فقط ڀارت ديش ۾ پر ٻاهر ديشن جهڙوڪ لنڊن، هانگ ڪانگ، جاڪرتا، سينگاپور وغيره، يوڪوهاما، منيلا ۾ به ڪيو آهي. هن مهل ڪيترائي ڪلاڪار منڊل (جنهن جا سرموڙ ڀڳونتي ناواڻي ۽ سترام روهڙا، سريندر ڪمار آهن) ليڪن سنڌي خواهه غير سنڌي درشڪن کي پنهنجي سنگيت جو رس ڏنو آهي. اڄ سنڌي سنگيت جهڙوڪ لولي، اوراڻا، لاڏا ۽ سنڌي تهذيب جا مذاقي گيت سنڌي رنگ منچ تي ڀريون ڏنو آهي جو شرف شري گوبند مالهيءَ کي آهي.

هڪ ڳالهه ٻي، مالهي صاحب اسٽيج ڊائريڪٽر کان نه هڪ فلم ايڪٽر وڏائي فلم ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر بڻيو. سنڌي فلم ”سنڌوءَ جي ڪناري“ اسڪرين تي لکي اُن کي فلمايو، جنهن ۾ مشهور اسٽيج اداڪارن سان گڏ سنڌس ٽانڪ ڪلاڪارن پڻ پارٽ ورتو.

سچ اڄ مالهي صاحب هڪ ڀڳتي شخصيت آهي. جنهن نه رڳو ساهت ۽ ڪلا جي کيتر ۾ پارٽ موڪيو آهي، پر سماجڪ سماجڪ کيتر ۾ به هو ڪافي سرگرم رهيو آهي. سنڌي هم سنڌي بت جو جڏيو ڪوناڪوٽ پريل آهي.

جي ڀرپور سنسٿا هئي جنهن بمبئيءَ ۾ ناٽڪ پيش
ڪرڻ جي شروعات ڪئي. اُنهي ناٽڪي سرگرمين ۾
عست بهرو وٺندڙ مالهي صاحب رهيو. منڊل جي ٻاران
رٿيل پروگرام ۾ مالهي صاحب پهريون دفعو منشي
پريمچند جي ڪهاڻيءَ تي آڌاريل ”ڪفن“ ناٽڪ پيش
ڪيو. ١٩٥٩ ۾ ”سنڌي ڪلاڪار منڊل“ برپا ٿيو ۽
پهرئين پروگرام ۾ مالهي صاحب جي لکيل ۽ هدايت
ڪيل ايڪانڪي ”نمي“ پيش ڪئي وئي. پوءِ ته
ايڪانڪين پيش ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. لڳاتار
اٺ ڏهه ايڪانڪيون پيش ٿيون، جيڪي سڀ مالهي
صاحب جون لکيل ۽ هدايت ڪيل هيون. پيشڪش
جي لحاظ کان سندس ايڪانڪيون ”نمي“ ۽ ”گستاخي
معاف“ بهترين ايڪانڪيون رهيون. ورهاڱي کانپوءِ
سنڌي ناٽڪ کي اوسر ڏيڻ ۾ نئين سر سنڌي رنگ-
منچ جو وڪاس ڪرڻ جي شروعاتي دور ۾ پروفيسر
منگهارام ملڪاڻي ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان گڏ
مالهي صاحب قابل - ذڪر آهن.

بمبئيءَ ۾ سنڌو ڪلا منڊر ۽ سنڌو آرٽ ٿيئٽر جي
بنياد کان پوءِ جڏهن مالهي صاحب ڏٺو ته ناٽڪي کيتر
۾ ٻيون ٻه سنسٿائون وجود ۾ اچي ويون آهن، تڏهن
هن صاحب ”سنڌو ڪلاڪار منڊل“ کي سنگيت جي
کيتر تائين محدود رکيو. هن سنگيت لاءِ سنڌي

مالهي صاحب شايد پنهنجي پرم متر ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي ڏسي جيئمل پرسرام ٽائيپ ڏاڙهي رکائڻ جو قائل بڻيو آهي. پراودار چهرو لڳڻ ڪري واقعي انهيءَ ڏاڙهيءَ مالهي صاحب جي شخصيت ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. ساهتڪ شخصيت سان گڏ سندس جسماني شخصيت به اُڀري بيٺي آهي.

مالهي صاحب کي سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ انوکي لگن آهي. اهڙي مهان ليکڪ ۽ ڪلاڪار سنڌيت جي شيدائيءَ تي سنڌي جاتيءَ کي فخر آهي. وقت ايندو جڏهن ايندڙ پيڙهي مالهي صاحب جو ساهت پڙهندي ۽ چوندي: سنڌي ساهت جي گلشن کي، سندس هڪ مالهيءَ ڪيئن نه سجايو - سنواريو ۽ سينگاريو آهي. اهڙي محبوب فنڪار کي شل پرماتما وڏي عمر بخشي جو هو سنڌي تهذيب، سنڌي ساهت ۽ ڪلا کي اڃا به دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلائي ۽ سنڌيت جي گل جي سرهاڻ جو هڳاءُ سڀني کي ونڊائيندو رهي.

حقيقت ۾ سماجڪ کيتر ۾ ترقي پسند دؤر جي ٽمورتي (مالهي، کيرت ۽ اُتم) ۽ ٻيڻ ٻوڻي ڪافي اڳتي رهيا آهن. ڀارت جي وڌان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي آئين شيڊيوئل ۾ آڻڻ لاءِ هنن تحرڪ هلايو ۽ آخر سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي جوڙجڪ ۾ جوڳي جاءِ ڏياري. اِهو سڀ سنڌيت جي ساهت روپي باغ جي مالهيءَ جي اڻٿڪ ڪوشش سان پرثواب ٿيو. تنهن کان پوءِ ڪن اديب دوستن گڏجي "اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا" جو نرماڻ ڪيو. اِنهيءَ ئي مبارڪ مراد سان تہ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهت کي هٿي ملي. هن سنستا جي زير سايہ ڀارت جي جدا جدا هنڌن تي ساهت سميلن، ليڪ سيمينار ۽ سپيٺڪ پروگرام پڻ ٿيا آهن ۽ سنڌي ساهت ۽ سنڌي تهذيب ترقيءَ جي راهہ تي اڳتي وکون وڌائيندي رهي آهي. تنهن لاءِ سڄو پڄ "اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا" جي باني ڪارن جس لهڻو. هن وقت مالهي صاحب هن سنستا جي صدر جي عهدي تي آهي.

سنڌيت جي باغ جو هيءُ مالهي ڏسڻ ۾ بلڪل سادو، لباس ۾ شاعرانو نوع - اَڇو چوغو ۽ اڇو پڄامو، ڪاري صدري ۽ اکين تي ڪاري فريم واري عينڪ پهريندڙ، نهنو پر خوددار اِنسان آهي. وقت جي قيمت ڄاڻندڙ ۽ رٿائتي نموني ۾ ڪم ڪندڙ آهي. اَڄڪلهہ

ملن (١٩٦٦) (٦) خال ٿي خال (١٩٧٠) (٧) قرض جي درخواست (١٩٧٦). تنهن سواءِ سندس چوند ڪهاڻيون ٻن جلدن ۾ شايع ٿيل آهن ۽ ”تنهنجي منهنجي وچ ۾“ عنوان سان شايع ٿيل ڪتاب ۾ ڪوتائن سان گڏ ڪجهه ڪهاڻيون به ڏنل آهن.

لعل پشپ سنڌي ڪهاڻيءَ کي انترمکي ڏسا ڏيندڙ وچين پيڙهيءَ جو اهم ڪهاڻيڪار آهي، جنهن هر نئين وهڪ جو ساٿ ڏنو آهي. لعل پشپ جون پهريون ڪهاڻيون ڪجهه ترقي پسند دؤر جي ليکڪن وانگر حقيقتواد تي ٻڌل آهن، جنهنجي جهلڪ سندس پهرئين شايع ٿيل ڪهاڻين جي مجموعي مان ملي ٿي. خاص طور ”جيون ۽ واسنا“ ۽ ”ڪالهه ۽ اَج“ ڪهاڻيون اِنهيءَ ڏرائل تي بيٺل آهن. پر سندس حقيقتواد ۽ ترقي پسندن جي حقيقتواد ۾ فرق آهي. شري هريش واسواڻي لکيو آهي - ”لعل پشپ هڪ اهڙو ڪلاڪار آهي، جيڪو آتم هتيا کان پوءِ جيئرو ٿيو آهي.“ مطلب سندس ڪهاڻين جو ٻيو دؤر ڪجهه الڳ نظريو کڻي اڳتي هليو آهي. هريش واسواڻيءَ جي لفظن ۾- ”هن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ منو وگيان آندو... منو وگيانڪ پيچيدگين کان پوءِ هن ترت محسوس ڪري ورتو ته ڪابه ليک صحيح نه آهي. اُن بعد پسگردائيءَ ۾ اُڇلايل بي ترتيب استٿين جي بي ترتيب تهن سان وچڙجي پنهنجين

شري لعل "پشپ"

ترقي پسند ڪهاڻيءَ جي سطحيءَ ۽ هڪ خاص "واد" جي پرچار وارين رچنائن خلاف نئين ٽهيءَ جي ليکڪن نئين ڌارا کان متاثر ٿي قلم هلائڻ شروع ڪيو. تنهن وقت جي نمائندي ڪهاڻيڪارن (موهن ڪلپنا، لعل پشپ ۽ گنو سامتاڻي) هڪ نئون موڙ ڏيڻ جي ڀومڪا ادا ڪئي ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نوان نوان پريوگ ڪيا. تن ۾ شري لعل پشپ به هڪ آهي. هيءُ پرک ڪهاڻي-ڪار هجڻ سان گڏوگڏ، سٺو ناول نويس ۽ نقاد پڻ آهي. اهڙي نوجوان ڪهاڻيڪار جو جنم ١ جنوري ١٩٣٥ ۾ لاڙڪاڻي (سنڌ) ۾ ٿيو. سندس پورو نالو لعل ڀڳوانداس ريجهواڻي "پشپ" آهي. تعليم جي لحاظ کان هو صاحب ايم. اي. آهي ۽ اٽڪل ٣٢ سالن کان سنڌي ساهت جي شيوا ۾ گرم جوشيءَ سان لڳل آهي. ڪل ويهارو ڪتاب لکيا اٿس. هن جي رچنائن تي وديشي ليکڪن فرائڊ ۽ پرل بڪ بنگال جي شرت چندر ۽ هنديءَ جي جئنيندر ۽ اگيه جو چڱو اثر رهيو آهي.

لعل پشپ جون اٽڪل سؤ کن ڪهاڻيون جدا جدا مخزنن ۾ ۽ مجموعن ۾ شايع ٿيون آهن. هيل تائين هن جي ڪهاڻين جا مجموعا جيڪي شايع ٿي چڪا آهن سي آهن- (١) وشواس - اوشواس (١٩٥٨) (٢) دائرو (١٩٦٤) (٣) بندن ۽ نرواڻ (١٩٦٥) (٤) واريءَ جا محل ۽ (٥) ٻڌر

ڳوڙهو هوندو آهي، جو عام تہ پورو سمجهي ڪونہ سگهندو آهيان. مثال: روشنيءَ جو گم ٿيل ٽڪرو.

شري ڪيرت باباڻي جي چوڻ موجب ”دراصل لعل پشپ ”نئين حقيقتواد“ جي دعويٰ ڪندي بہ پنهنجي ٻئي دؤر جي ڪهاڻين ۾ حقيقت واد کان گهڻو پري ٿيندو ويو آهي. هو هڪ نئين پيچري تي لکندو رهيو آهي.“

هڪ ٻئي نقاد جي راءِ موجب ”لال پشپ جي ”ٻہ پيمان“ ”هيءَ رچنا-هوءَ رچنا“ ”هڪ ماءُ هڪ پيڻ هڪ پتني“ ”دائرو“ ”پنر ملن“ وغيره اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ فرد جي مانسڪ دائرن جو وشليشڻ ۽ استري پرش جي سنبنڌن جو چٽو چٽيل آهي. هنن ڪهاڻين جي پنهنجي هڪ ڀاشا ۽ پنهنجي هڪ شيلي آهي، جنهنجي دوارا ليکڪ پاترن جي جذبات ۽ اندروني ڪشمڪش جو اظهار ڪرڻ ۾ سڦل ويو آهي.“

وچين دؤر جي مقبول ڪهاڻيڪار لعل پشپ تازو اعلان ڪيو آهي ”اٽڪل هڪ سؤ ڪهاڻيون لکڻ بعد اڄ ڪهاڻي صنف مونکي ساهت جو هڪ ناجائز ٻار لڳي ٿي . اسان سنڌين اجايو اُنکي مٿي چاڙهي پنهنجا ملهائتا سال وڃائي ناول کي پٺتي ڇڏيو آهي.“

ڪهاڻين کي نئون رخ ڏنو آهي." اهڙيءَ طرح سري لعل پشپ نئين ڌارا کان متاثر ٿي، قلم هلائڻ شروع ڪيو. هن نئين ڌارا جي ڪهاڻين ۾ جيڪا نواڻ هئي، سا هئي موضوع ۽ رنگ جي اُن ڍنگ جو "شخص" پنهنجي اعليٰ شخصيت سان انساني خوبين ۽ خامين سان پاڻکي اڳيان ظاهر ٿيو. عالمن جي راءِ موجب "لعل پشپ جي ڪهاڻين ۾ ڪهاڻيءَ جو عناصر گهٽ مان ۽ ٻڌيءَ جو ورنن وڌيڪ آهي." "پنر ملن" ڪهاڻيءَ ۾ اهو بخوبي ڏسي سگهجي ٿو. فيلسوفاڻا نڪتا بيان ڪرڻ جي موهه ۾ گهڻيون ڪهاڻيون بي مزي بڻائي ڇڏيون اٿس. تنهن هوندي به ڪهاڻي ٽيڪنڪ جي لحاظ کان سندس چند ڪهاڻيون - ڪالهه ۽ اڄ، دائرو، ٻڌيمان، هڪ ماءُ هڪ پيرڻ هڪ پتني، ۽ قرض جي درخواست، قابل - ذڪر آهن.

سنڌي ساهت ۾ جيڪڏهن ڪن ساهتڪارن جي رچنائن تي وڌ ۾ وڌ تنقيد ٿي آهي ته اُهي آهن- ڪنو ساميتاڻي ۽ لعل پشپ، جيڪي عالماڻن اديبن وچ ۾ چرچا جو وشيه رهيا آهن، تنهن ڪري ڪن جدا جدا نقادن جا رايا ڏيڻ واجب ٿو سمجهان.

سرڳواسي ايم. يو. ملڪاڻيءَ چيو آهي "لعل پشپ جي گهڻين ڪهاڻين ۾ پيار ۽ ڪلا جو ٽڪر، منوگيانڪ ڇيد، ملي ٿو. پر ڪن ڪن هنڌن تي اهو ڇيد اهڙو

سرد ديوار“ اِنهيءَ قسم جو چڱو تجربو آهي. ”**هنجي آتم جو موت**“ سندس اعليٰ ناول مڃي، ڪيس ساهت اڪيڊمي اوارڊ ١٩٧٤ ۾ عطا ڪيو ويو. پنهنجي هن ناول ۾ مخصوص دائري اندر هن وشيه جي نوان رکي آهي. هڪ رواجي ڳالهه تي ليکڪ پنهنجي ڪلاتمڪ فن جي گهرائيءَ سان قلم هلايو آهي. اِنسان جي ڪا به عادت پوي ٿي، تنهن پنيان ڪا اندروني جذبات ڪم ڪري ٿي. هن ناول جو نائڪ ڪافور آهي، جنهنجي وقت به وقت اک ٻوٽجي ٿي وڃي هيڪي اک ٻوٽڻ جي عادت ڪڏهن ۽ ڪهڙي نموني پيئي اُنهو ڪارڻ سوچيندي ڪٿا پوري ٿي وڃي ٿي. وچ ۾ سندس ڪاليج جيوت جون رنگينيون ڏيکاريل آهن، جتي پنڪيءَ (نائڪا) سان هنجو پريم ٻڌجي ٿو. نائڪ کي اک ٻوٽجي وڃڻ جي علت بري ٿي لڳي. پنهنجي ذهن تي زور ڏيندي هو سوچي ٿو ته سندس هڪ دوست کي به اهڙي عادت هئي، تنهن لاءِ ڪيترن هندن تي ڪيس بي عزتو به ٿيڻو پيو هو. آخر فيلسوفاڻي ڍنگ سان سوچ ويچار ۾ ڪٿا پوري ٿي وڃي ٿي.

شري لعل پشپ جي لکڻي اُلجهيل هوندي به نون نون خيالن ۽ وهنوارڪ ڌارائن کي جنم ڏيندڙ ڪلاڪار جي لکڻي ايندي آهي. ٻين لفظن ۾ اِئين به

موهن ڪلپنا ڪانپوءِ شايد لعل پشپ ئي وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون آهن.

ڪهاڻيون لکڻ ۾ جهڙيءَ طرح لعل پشپ مقبوليت حاصل ڪئي آهي، تيئن هُو ناول لکڻ جي فن ۾ به ڀنتي نه ڀيو آهي. مغربي ٻولين جي ڪن ناولن جو ترجمو ڪرڻ ڪانسواءِ سندس ڇهه اصلوڪا ناول به اشاعت پائي چڪا آهن- (۱) آتم- مريادا (۱۹۶۲) (ڪوينا پشپ سان گڏ) (۲) هڪ سرد ديوار (۱۹۶۹) هنجي آتم جو موت (۱۹۷۳) (۴) تڏهن ۽ هاڻي (۱۹۷۵) (۵) اُها ديوار: آسمان تائين (۱۹۱۲) (۶) ڪيچ نه تيرڻ جوڳاڌ ٿو (۱۹۸۳).

شري لعل پشپ جي ناولن جا موضوع لڳ ڀڳ هڪ جهڙا رهيا آهن، جي پيار جي جذبات ۽ واسنا جي لالسا جي روايتي ٽڪنڊن جي گهيري ۾ گهمندا رهن ٿا. ڪردار نگاريءَ ۾ منو وگياني ڇيد ۽ جڳهه جڳهه فيلسوفاڻا ويچار ناول جي ڪٿانڪ کي ڪي قدر سمجهڻ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪندڙ آهي. ڏکين هندي لفظن جو اِستعمال، غير ضروري خيالن جي گهرائي ۽ لفظي ڪلابازيون عام پاٺڪ جي دل ۽ دماغ تي بوجهه بڻجي ٿيون پون.

ڪجهه نئين لکڻ جي ڏس ۾ اُپنياس ڪلا ۾ ڪي تجربا ٿيا آهن تنهن ۾ لعل پشپ جو ناول "هڪ

شري لعل پشپ ”ڪهاڻي ڪلا جو وڪاس“ ۽ ”درشٽي ۽ درسٽي“ (١٩٧٢) جهڙا تنقيدي ڪتاب به لکيا آهن. تنهن ڪانسواءِ ڪي ليک ”پرهه ڦٽي“ رسالي ۾ به شايع ٿيا اٿس. تنقيد ڪرڻ هنجي لاءِ دل پسند ادبي ڪاڄ آهي. منهنجي سمجهه موجب لعل پشپ روايتي نظرئي کان جدا راهه تي هلندي جديد پسند تنقيد کي اپنايو آهي، جنهن جو اُصول ”ڪلا ڪلا جي لاءِ“ آهي. پر شري مرليڌر جيٽلي جي راءِ موجب ”هاڻي ڪي اَهڙا به آلوچڪ پيدا ٿيا آهن، جيڪي ساهتڪ رچنا کي هڪ اِڪائيءَ جي روپ ۾ کڻي اُن جو گهرو اڀياس ڪن ٿا ۽ اُنهيءَ اڀياس جي آڌار تي ئي اُنهيءَ رچنا جي پرک ڪن ٿا. اَهڙن نقادن ۾ هري شِ واسواڻي، هيرو شيوڪاڻي، پرم اڀيچنداڻي ۽ لعل پشپ خاص طرح اُڀري آيا آهن.“

لعل پشپ جي زندگيءَ جي فيلسوفي سندس ئي لفظن ۾ هن ريت آهي - ”منهنجو ڪوئي ڀڳوان نه آهي. منهنجو ڀڳوان منهنجو من پسند ليکڪ آهي. منهنجي ڪائي دولت نه آهي. منهنجي دولت منهنجي ننڊ زيب ڏهڙ ۾ گذاريل چند گهڙيون، دوستن سان گڏ ڦاڙل ٿورا ٽهڪ، کيسي ۾ ٿورا سگريٽ، ٽيبل تي ٿورا ٿورا ڪتاب ۽ ٻه ٽي نيون قيمتي فائونٽين پينس آهي. مان ڪنگال آهيان پر ليکڪ آهيان. هڪ ننڍڙو نردوش

چئي سگهجي ٿو تہ سندس هر رچنا ۾ هڪ الوڏڪ هستي ۽ لافاني نرالپ موجود هوندي آهي. ڪٿي ڪٿي اِئين ڇيو ويندو آهي تہ "سنتوش جي جڳهہ لــي سهوليت لاءِ پريشان پاڻ مارهيندڙ شخص، لعل پشپ لاءِ خال ئــي خال آهي." جڏهن ڪ هـوُ اِنعام عطا ٿيل ڪتاب "هنجي آتم جو موت" جي مهاڳہ طــور فقط هڪ جملي ۾ لکي ٿـو ــ "تون جيترو وڌيڪ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين، اوترو گهٽ سمجهي رهيو آهين." ڇا اِها ويچارن جي نرالپ نہ آهي؟

اديب جو ڪم فقط ڪرتب ڏيکارڻ نہ آهي بلڪ پنهنجي شعور سان سڄي ٻريءَ جـو ڇيد ڪرڻ بہ آهي، پر لعل پشپ جي وات ڪجهہ اور آهي. ڪلا ڪي داخلي ڪرشمو سمجهي "هوُ حقيقت کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ ٿو گهري. ان کان مٿي يا اُن کان هيٺ سندس ڪابہ جوابداري نہ آهي. ڪلاڪار حقيقت کي پيش ڪرڻ ۾ نرپڪش آهـي. هنکي پنهنجي طرفـان ڪجهہ بہ ڏيڻو نہ آهي." شايد اِهو ئي ڪارڻ آهي جو سندس تازي شايع ٿيل ناول "ڪڇ نہ ٿيڻ جو حادثو" ۾ شري لعل پشپ تمام بيباڪيءَ واري نـوع ۾ ڪلڳي نموني حقيقت کي جيئن جـو تيئن پيش ڪيو آهي. تنهنڪري ڪن عالمن سندس ڪن ناولن تي فاحش پڻي جو اِلزام هڻندي "غليظ ساهت" ڪوٺيو آهي.

شري ليڇمڻ ڀاٽيه "ڪومل"

نئين ڪوتا جو شاعر، رنگ منچ لئي بهترين اداڪاري ڏيکاريندڙ، سنگيت ناٽڪ رچيندڙ نوجوان اديب جو تصور ڪجي ته هڪ انوکي شخصيت رکندڙ شاعر اسان جي ذهن تي اڀري ٿو اچي، اهو آهي "ڪومل" تخلص جو مالڪ، شاعر شري ليڇمڻ "ڪومل". سندس پورو نالو آهي ليڇمڻ چيلارام ڀاٽيه "ڪومل". سندس جنم ٢٦ مارچ ١٩٣٦ ۾ ڪندياري شهر ضلع نوابشاهه (سنڌ) ۾ ٿيو هو. هيءُ صاحب ڪامرس گريجوئيٽ هئڻ سان گڏ اخبار نويسيءَ ۾ ڊپلوما ڪيل آهي. ٻين ساهتڪارن وانگر سنڌي ساهت جي شيوا ۾ سالن کان لڳل آهي. نوڪريءَ جي لحاظ کان هو صاحب اڄڪلهه دهليءَ مان شايع ٿيندڙ ٽائيمس آف انڊيا جو سينيئر سب ايڊيٽر آهي.

شري ليڇمڻ ڪومل جي آمد سنڌي ساهت کيتر ۾ ڪجهه ڦڪي رچنا سان ١٢ سالن جي عمر ۾ ٿي. سندس پهرين رچنا "گلستان" ٻارن جي رسالي ۾ شايع ٿي هئي ۽ انهيءَ کان پوءِ اڄ تائين هو صاحب ڪجهه

اَهنڪار ـ دان ڏيان ٿو ٻاڻ ۾ بند نٿو ڪريان، پنهنجون ڀاونائون پنهنجا ويچار ڏيئي ڇڏيان ٿو. پنهنجي هٿن سان هنڪي هنڪي، سمورو جيون ٻري ٻري، ٻار ٻار، ڀويشيه مان، ماضيءَ مان، ورتمان مان..."

ڪل ملائي لعل پشپ ٻرک ليکڪ آهي. ڪهاڻي ڪار، ناولنويس ۽ نقاد جي روپ ۾ ڏنل سندس يوڳدان سنڌي ساهت ۾ نوٽ ڪرڻ جهڙو اضافو آهي.

شيخ "اياز" جون مذڪور ستون هر شمهنگي ياد اچڻ سڀاويڪ آهن. هيءُ اُهو ئي ڪتاب آهي جنهن تي "ڪومل" کي ساهت اڪادمي پرسڪار ١٩٧٦ ۾ عطا ٿيو ۽ سندس شهرت خواهه عظمت کليءَ مان نڪري ڳل ٻطي، جيتوڻيڪ اُن کان اڳ ۾ ڪيس هڪ ٻه اِنعام عطا ٿي چڪا هئا پر ساهت اڪادمي اِنعام سندس شهرت ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

ڳل ملائي ڏسجي ته شري ڪومل جون رچنائون جدا جدا مخزنن ۾ ڇڙيل پکڙيل حالت ۾ ڇپيون ملن ٿيون. پر مجموعي روپ ۾ سندس شايع ٿيل ڪتاب تمام ٿورا آهن. هيل تائين اصلوڪا خواهه ترجمو ٿيل جيڪي ڪتاب ملن ٿا سي آهن- (١) نئون صبح (مايا ڪو وسڪيءَ جي چونڊ ڪوتائن جو ترجمو) (١٩٧٤) (٢) جيءَ جهروڪو (نئين شاعري) (١٩٧٥) (٣) هڪڙو هو راجا (بال ساهت) (٤) Folk Tales of Pakistan (انگريزيءَ ۾) تنهن کان سواءِ سندس ٽي سنگيت ناٽڪ دستخط روپ ۾ آهن.

شري ڪومل جو لاڙو شاعريءَ ڏانهن ئي وڌيڪ رهيو آهي. اُهو ڪيئن ٿيو تنهن لاءِ سندس چوڻ آهي ته- "الائي ڪنهن منهنجي هٿ ۾ هڪ ڪتاب ڏنو. اُن منهنجي ذهني رستي جو رخ موڙيو" سنڌي ساهت ۾ ورهاڱي کان پوءِ جي مايه ناز شاعرن، شيخ

نه ڪجهه لکندو رهيو آهي. پهريائين روايتي شاعريءَ
۾ سنا غزل به لکيائين، پوءِ سندس لاڙو نئين شاعريءَ
ڏانهن ٿيو. ساهتڪ ڪيتر ۾ سندس ڪهڙي ڏين آهي،
اُهو جاچڻ ڪان اڳ، اِهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته هو ڪهڙن
شخصيتن ۽ ڪهڙي ساهت کان متاثر ٿيو.

سنڌي ساهت ۾ جنهن ڪيس وڌ ۾ وڌ اثر انداز
ڪيو اُهو آهي شاهه صاحب جو رسالو. تنهن کان سواءِ
گوپال نيلاڪنٽ ڏانڊيڪر جي رولاڪ جي آتم ڪهاڻيءَ،
مغربي ساهت ۾ ٽالسٽاءِ جو **War and Peace** سندس
پريه پستڪ رهيا.

شري لڇمڻ ”ڪومل“ کي موجوده دؤر جي شاعر
شيخ اياز ڪافي متاثر ڪيو ٿو ڏسجي. شيخ اياز جي
چند سٽن ڏانهن پاٺڪن جو ڌيان ڇڪائڻ ضروري ٿو
سمجهان، جيڪي شري ڪومل جي ساهتڪ شعور سان
سڌو واسطو رکن ٿيون، جيڪي ”اياز“ پنائي گهوٽ
لاءِ چيون –

”تيسين اياز هن کي پورو پسي نه سگهنديون
جيسين ڪلي نه جاني! ڪو جيءَ ۾ جهروڪو.“

اِنهن سٽن ۾ شيخ ”اياز“ جي شاهه لطيف لاءِ شرڌا
ظاهر ٿئي ٿي ته ٻئي طرف اُنجي عظمت جو اظهار ۽
جڏهن شري ”ڪومل“ ١٩٧٥ ۾ **”جيءَ جهروڪو“**
ڪتاب جو پهريون مجموعو ڇپائي ظاهر ڪيو، تڏهن

لاءِ جو پنڌرهن ڏينهن جو هُو دورو به ڪري آيو،
(انهيءَ مهماني دوري ۾ سائنس گڏ هنديءَ جو اعليٰ
وِدوان ڊاڪٽر شِو منگل سنگهه "سمن" به هو.) اِها
سنڌي قوم لاءِ، هڪ فخر جي ڳالهه آهي. "نئون صبح"
مان سنڌس ترجمي جون چند سٽون پيش آهن. ڏسو-
چڙهن اِندلٺ / ڪمان جي شڪل ۾ / آسمان تي وراڪا
ڏئي ٿي / ۽ نيرو آسمان / ڪنهن به ڳنڍ يا چٽيءَ کان سواءِ /
چمڪڻ ٿو لڳي، / مونکي ٻڌاءِ / اُن وقت تنهنجي
پاسري ۾ / ڪا مٺي ڪنڪنائي نٿي ٿئي؟"
ڪهڙي نه سلوڻي ۽ سليس ٻولي آهي.

"جيءَ جهروڪو" ڪوتا سنگرهه ۾ شري ڪومل
جون سڀ نيون ڪوتائون ئي چپيل آهن. سنڌي
شاعريءَ ۾ نئين ڪوتا جي روپ ۾ جيڪا نئين ڌارا
آئي، تنهنکي هن صحيح روپ ۾ ۽ صحيح معنيٰ ۾
پيش ڪرڻ جي ڪوشش ورتي آهي. سنڌس شاعريءَ
جون ڪجهه خوبيون هن ريت آهن-

نوارن جي ناليءَ ۾ جيڪي اديب لفظن کي مروڙي،
ٻوليءَ سان وِئل وهائي، ٻوليءَ جو بگاڙو ٿا ڪن اُنهن
جي هن سخت مخالفت ڪئي آهي. سنڌ ! ، ،
۾ "رڳو نوارن جي نشي ۾ اديب جيڪڏهن پنهنجين
سدن کان باخبر نٿو رهي ته مسخرو بڻجي ٿو پوي. هُو
! ٻلي ڪيتري به دعوا ڪندو رهي ته مان ڪن بندشن

اياز ۽ نارائڻ شيام جي شاعريءَ کان بہ هُو ڪافي متاثر ٿيو. تنهن کان پوءِ دهليءَ ۾ رهندي هُو برک شاعر- هرومل سدارنگاڻيءَ جي صحبت ۾ آيو ۽ اهڙيءَ طرح هُو شعر و شاعريءَ جي ميدان ڏانهن وکون وڌائڻ لڳو. پريو "وفا" جو بہ چڱو رنگ لڳس. اهڙن اعليٰ ساهتڪارن جي ساٿ ۽ صحبت ۾ رهي آخر سندس شاعريءَ جو رنگ پڪو پختو ٿيندو ويو. ادبي بيٺڪن ۾ اڳتي هلي هنکي سرڳواسي ليکراج "عزيز" ۽ سڳن آهوجا جو پڻ سنگ مليو ۽ هيءُ دوست شاعريءَ جي فن ۾ گهڙجي اعليٰ شاعر جي روپ ۾ عوام اڳيان آيو.

روسي انقلابي شاعر ماياڪوسڪيءَ جي ڪوتائن جو ترجمو ڪرڻ ڪافي اوکو هو. پر "ڪومل" پنهنجي محنت ۽ لگن سان اهو اوکو ڪم بہ آسانيءَ سان ڪري ڏيکاريو. اهو انهيءَ ڪري جو "ڪومل" کي سنڌيءَ سان گڏ انگريزيءَ ٻوليءَ تي بہ ڪافي دسترس رهيو آهي. ساڳئي وقت هُو پاڻ بہ هڪ بهترين شاعر آهي. ان سوني ۾ سهاڳي، هٺي هنڌ ڪيو ۽ آخر ١٩٧٤ ۾ شري ليڇمڻ "ڪومل" ماياڪوسڪيءَ جون چونڊ ڪوتائون ڪٺي، ترجمو ڪري "نئون صبح" عنوان سان شايع ڪرايون. اهو ترجمو اهڙو تہ بهترين رهيو جو ان لاءِ کيس سوويت لئنڊ "نهرُو اوارڊ" عطا ٿيو ۽ سوويت

شري ليکرام ڪومل جي شخصيت ڏسجي ته سندس نالي "ڪومل" موجب هيءُ صاحب آهي به سچاءَ جو ڪومل ۽ حليم. سندس تخلص پٺيان به هڪ اتهاسڪ گهٽنا آهي. جڏهن هيءُ دوست، ڪاليج ۾ پڙهندو هو، ان ڏينهن جي ڳالهه آهي ڪاليج جي نوجوان هوندي به هيءُ سچاءَ انوسار لڄارو ۽ شرميلو هوندو هو، تنهنڪري هڪ ڇوڪريءَ کيس "ڪومل" نالي سان مخاطب ڪيو. سندس زندگيءَ جو عجيب واقعو ڏسو، اڳتي هلي اها ئي ڇوڪري ١٩٦٣ ۾ سندس جيون-ساٿڻي بڻي.

ليکڪ "ڪومل" ڪجهه سال اڳ ٻارن جو ڪتاب به "هڪڙو هو راجا" عنوان سان لکيو. جنهن جي مسودي تي تعليمي وزارت طرفان انعام مليس ۽ تعليمي وزارت انهيءَ ڇپائي ٻاهر ڪيو. اهڙيءَ طرح ٻي-ٽي انعام کٽندڙ ليکڪ "ڪومل" هڪ نوجوان شاعر آهي. جيتري قدر موزون چاڙهه آهي ته هيءُ ساهت اڪادمي کٽندڙ ساهتڪارن مان ٻالڪ ننڍي عمر جو ساهتڪار آهي. هڪ ٻي ڳالهه. هيءُ ئي اڪيلو ساهتڪار آهي، جنهن کي سوويت لئنڊ جو "نهرو اوارڊ" ۽ ساهت اڪادمي انعام، ٻئي عطا ٿيا آهن. اهي ٻه سندس جيون جي حصي سمجهون آهن. هيءُ ڪومل هردو ڪندڙ نماڻو ساهتڪار آهي.

جو بوجو لاهي، اُنهن کي پنهنجي پوري رهبو آهيان بر شرط اِهو آهي ته اُن کان پهرين کيس اُنهي بوري جاڳ هجي" سنڌس ٻي خوبي اِها آهي ته ڪي نوان شاعر، شاعريءَ جي اوٽ ۾ بي معنيٰ ۽ فاحش ڳالهين کي ڪوتا جي لباس ۾ لڪائي ڇڏيندا آهن تن کان هيءَ نرالو آهي.

"ڪومل" جي شاعريءَ جو هڪ هڪ لفظ معنيٰ خيز آهي. ويچارن جي بلنديءَ ۽ خيالات جي اُڏام، سنڌس ڪوتائن ۾ بخوبي ڏسي سگهجي ٿي. سنڌس هڪ ننڍو نظم پيش آهي. ڪاغذ جو گهر - عنوان هيٺ هوُ صاحب لکي ٿو -

"اِهو ڄاڻندي به / ته هيءَ دنيا باهه ۾ وڪوڙجي چڪي آهي. / اُلائي ڇو؟ / اَسانجي دل، / ڪاغذ جو گهر ٺاهڻ لاءِ بيتاب آهي."

نئين ويچارڌارا رکندڙ زندگيءَ جي ملهن ۽ قدرن کي نئين نظر سان ڏسندڙ شاعر شري ڪومل روايتن جا سب لبڪا لاهي، جهونن آدرشن جا شمعدان، وسائڻ ٿو چاهي. اُن خيالات جي عڪاسي ڪندي فرمائي ٿو -

"مون / پنهنجي روايت جا سب لٽا لاهي / ڦٽا ڪيا، / پنهنجي منهن تان تهذيب جي رنگ جي پوچي لاهي ڇڏي، / پنهنجي آدرشن جا شمعدان وسائي ڇڏيا."

اُنهيءَ وقت جو اِنتظار آهي. ڪي ورلي ليکڪ ”ڪومل“ جهڙا، شاعر اَداڪار ۽ ناٽڪ ڪار هوندا.

جيتوڻيڪ سندس ڪهاڻين جي مجموعي ”جيءَ جهروڪو“ کي جڏهن ساهت اڪاڊمي طرفان اِنعام ملڻ جي پڌرائي ڪئي ويئي، تڏهن هنجي شاهڪار ڪتاب کي وڏي ساهت جڳت ۾ ڪجهه واهه واهه هلڻ باوجود اُنجي ”ڪومل“ جي ڏنل ساهتڪ شيوائن کي وساري نٿو سگهجي. نظم جي دنيا ۾ ڪاميابيءَ سان قلم هلائي لوڳدان ڏنائين، جيڪو سنڌي ساهت ۾ اِضافو آندو اٿس، سو سنڌي قوم لاءِ فخر جو باعث آهي. هن وقت هوءَ صاحب خاموش آهي. وقت ايندو جو جوالامکيءَ وانگر ڌڙاڪو ڪندو... ۽ ڪجهه نئين چيز سنڌي ساهت کي ڏيندو... ڪهڙي؟ سا وقت جي گربهه ۾ لڪل آهي. ●●

لڇمڻ "ڪومل" ساهتڪ ڪيتر سان گڏ ڪلا جي ڪيتر ۾ ٻه پوئتي نه پيو آهي. ڪلا جي ڪيتر ۾ هن جي ڀاري جيون گرسهائي ۽ هيم ناگوائيءُ سان رهي. انهن جي سنگ ۾ اچي، هن ڪجهه نرتيه ناٽڪائون لکيون ۽ ڪن ناٽڪن ۾ هن اداڪاري پڻ ڪئي. نرتيه ناٽڪ ۽ سنگيت ناٽڪ لکڻ ۽ پيش ڪرڻ ۾ سڄي ڀارت ۾ سڀ کان اڳرو شهر دهلي رهيو آهي. (جيتوڻيڪ بمبئيءَ ۾ پڻ شري رام پنجوائي ۽ پروفيسر پوپٽي هيرانندائي اِنهيءَ ڪارڻ ۾ اڳرا رهيا آهن) هڪ مڪمل سنگيت ناٽڪ "سرسوت" جو ڏيندڙ شري "ڪومل" ئي آهي، جيڪو دهليءَ جي سنڌو ڪلا ڪيندر طرفان ١٩٦٨ ۾ ڪان موتيهار پيش ڪيو، جنهن ۾ نرت ناٽڪ، گيت ۽ سنگيت شامل هو. ان ٻئي ۾ خود "ڪومل" ٻين ڪلاڪارن سان گڏ شرڪت ڪئي هئي. ان بعد "موهل رائو" رچنا رچي، جنهن کي ناٽڪ روپ ڏيڻ ۾ ڪان موتيهار، جيون گرسهائيءَ جو وڏو هٿ رهيو. جديد ناٽڪن جي اِتهاس ۾ نهار جي ته لڇمڻ "ڪومل" ئي ٻهراڙين شاعر آهي، جنهن جا فل لينٿ سنگيت ناٽڪ اسٽيج تي اچي چڪا آهن. اِنهي دؤر ۾ مذڪور پروفيسر رام پنجوائيءَ (بمبئي) ۽ تازو ارجن "حاسد" (احمدآباد) به تجسبن جوڳو ڪم ڪيو آهي.

ڪومل جا اِهي سنگيت ناٽڪ پاڻڪن اڳيان ايندا

پڻ ڏنو ويو. اِنعام ڏيندي اِسڪول جي مئنيجر دعا جا ٻه لفظ چيا - "شال تون ٻـ هنن ٻرڪ شاعرن وانگر پنهنجو نالو ڪڍين" بس اِها دعا هن ٻالڪ هروءَ کي اَهڙي ڦري جو هوُ واقعي اڳتي هلي سنڌي ساهت ۾ اَهڙو چمڪيو جو چڱن شاعرن کان گوءِ کڻي ويو ۽ هروءَ مان ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي "خادم" بڻجي پيو.

اِنعام ۽ مئنيجر جا اُتساهه ڏياريندڙ ٻول ٻڌي سدارنگاڻيءَ ۾ اَڀياس جي لگن وڌي ۽ لکڻ جو شوق پيدا ٿيو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ، شعر ۽ شاعريءَ ۾ سنڌيءَ جي مايه ناز شاعر سرڳواسي ليکراج عزيز جي رهنمائي نصيب ٿيس. ڪاليج جيون جي پهرئين سال "گرو گوبند سنگهه جي جيونيءَ تي ڪوتا لکيائين، تنهن ۾ هنڪي پهريون اِنعام مليو. جيتوڻيڪ اُن سيڪرات اِوستا ۾ کيس قافيه ۽ رديف جي خير ڪا ڄاڻ هئي. پر تنهن هوندي به لئه جي آڌار تي شعر لکي ويندو هو. شعر لکڻ جي شوق کيس شاهه، سچل ۽ ساميءَ ڏانهن متاثر ڪيو. هن صاحب اُنهن جي شعرن جو اونهو اَڀياس ڪيو. مٿس پروفيسر ليکراج "عزيز" جي شعر ۽ شاعريءَ جو به ڪافي اثر رهيو. حيدرآباد ۾ پڙهندي عزيز صاحب جي گهر اڪثر سندس وڃڻ ٿيندو هو. اُتي ئي هن صاحب علم عروض جي قاعدن جي ڄاڻ حاصل ڪئي. شعر جوڙڻ ۽ تنقيد ڪرڻ ۾ خوب مشق پچايائين.

ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي "خادم"

سنڌي ساهتڪارن ۾ سڀ کان اعليٰ تعليمدان، ٻٽي ڊاڪٽوريٽ ڊگري حاصل ڪيل، رباعين جو راجا، ڪو پختو ۽ مقبول ڪوي، بزرگ شاعر ۽ ودوان، بحر وزن جو اُستاد. سنڌي جڳت ۾ هڪڙو ئي آهي ڊاڪٽر هرومل ايسرداس سدارنگاڻي "خادم". سندس جنم ٢٢ آڪٽوبر ١٩١٣ ۾ شهدادپور شهر، ضلع نوابشاهه (سنڌ) ۾ ٿيو. تعليم جي لحاظ کان هو صاحب ايم. اي. (فارسي) پي. ايڇ. ڊي، ڊي. لٽ (تهران) آهي. سنڌ ۾ ايم. اي ڪري ڪانپور ۾ ١٩٣٨ ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ فارسي وڀاڳ جو پرمک ٿي رهيو. ورهاڱي بعد دهليءَ جي ڪاليج ۾ پروفيسر ٿيو. ڪجهه وقت آڪاش واڻي دهليءَ ۾ فارسي جو سپروائيزر پڻ هئو. ساهت اڪادمي جي سنڌي صلاڪار ورڊ جو (١٩٦٨ کان ١٩٧٧) ڪنوينر ٿي رهيو. هن وقت ڀارت جي سرڪار جي هندي ڊائريڪٽوريٽ جي سنڌي وڀاڳ جو چيئرمن آهي.

سدارنگاڻي صاحب ٻال اوستا ۾ ئي تيز فهم شاگرد هو. پنجين ۽ ڇهين درجي ۾ ئي هن پنهنجي تيز بڌيءَ جو ثبوت ڏنو ۽ ساڌو نولراءِ ۽ ساڌو هيرانند تي رکيل مضمون چٽاڀيٽيءَ ۾ سڄي اسڪول ۾ پهريون نمبر آيو. انعام ۾ کيس ٻين ڪتابن سان گڏ ٽئگور جي "One Hundred Poems From Kabir" جو مجموعو

شاعريءَ جو به مٿس اثر رهيو. وديشي ساهت ۾ خاص طور شيليءَ ۽ ورڊس ورٿ جي ساهت سندس خاص دلچسپي رهي آهي. سندس ڪيترا ڪتاب بي. اي ۽ ايم. اي لاءِ درسي ڪتاب طور منظور ٿيل آهن.

شاعريءَ جي دنيا ۾ سدارنگاڻي صاحب شاعرن جي صف ۾ اڳرو رهيو آهي. قريب ۵۰ سالن کان هوُ صاحب سنڌي ساهت جي سرجڻ ۾ پنهنجو پارٽ بخوبي ادا ڪري رهيو آهي. سنڌ ۾ ئي شاعراڻي فن ۾ ڪافي اڳتي وڌيل هو. ڀارت ۾ اچي اُن وڌيڪ ٻاڪورون ڪڍيون. هن مهل تائين سندس شعرن جا پنج مجموعا اشاعت پائي چڪا آهن - (۱) رنگين رباعيون (۱۹۵۹) (۲) روح ڏنو ريلو (۱۹۶۴) (۳) پره جي باک (۱۹۷۲) (۴) ڇيڄ (۱۹۷۷) (۵) خوشبو جو سفر (۱۹۸۰)

”رنگين رباعيون“ جي اشاعت سان ئي ساهت جڳت ۾ ”خادم“ صاحب کي مقبوليت ملي وئي. انهيءَ ڪري کيس سنڌين جو ”عمر خيام“ ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. اهو خطاب کيس رنگين رباعيون ڪتاب لکڻ ڪانپوءِ ازخود ملي ويو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته سندس پهريون ئي مجموعو عالمن ۾ قبول ٿيو. هن مجموعي ۾ سليس ۽ سکيادائڪ رباعيون ڏنل آهن. جيڪي زندگيءَ جي تجربي وسيلي لکيون ويون آهن. خوددار شاعر ٿي ”خادم“ فرمائي ٿو -

رفته رفته قلمبندي ڪندي هوُ صاحب شعر لکڻ ۾ پئجي ويو. سال اڳ ۾ مشاعرن ۾ ڀاڱو وٺڻ شروع ڪيائين. شعر پڙهندي ۽ ٻڌندي سندس خيال، ٻولي خواه فن ۾ ترقي ۽ پختگي حاصل ٿيندي ويئي. حيدرآباد جي ادبي سوسائٽيءَ جي مشاعري ۾ ڀاڱو وٺندي کيس ڪافي داد حاصل ٿيندو هو. مشاعرن ۾ شرڪت ڪندي، سندس واقفيت پرسرام "ضيا" ڊاڪٽر دائود پوٽو ۽ ٻين ڪيترن شاعرن سان ٿي.

تعجب جي ڳالهه اِها آهي ته هيءُ صاحب پاڻ ايم. اي ۾ پڙهندو هئو ته سندس شاه تي جوڙيل ٽي رباعيون بمبئي يونيورسٽيءَ جي مئٽرڪ لاءِ چونڊ نظم جي اِنتخاب "گلزار خيال" ۾ شامل ڪيون ويون. اِنتخاب ۾ مقرر رباعين مان هڪ پيش-خدمت آهي-

"دل جو شيشو پئجي ٿيو اِئين پرزا
جو هڪ مان ٿــي پيا هزارين ٽڪرا
جيڏانهن نهاريان ٿو پسان پنهنجو روپ
اڄ هڪ نه ڏسان پنهنجا ٿو لکه پاسا."

عربي ۽ فارسيءَ جي سٺي ڄاڻ هئڻ ڪري ڊاڪٽر سدارنگاڻي صاحب فارسيءَ ۾ "عمر خيام" جي رباعين روميءَ جي مثنوي، حافظ ۽ اَمير خسروجي غزلن ۽ اِقبال جي اسرارخوديءَ کان ڪافي متاثر ٿيل آهي. اُردوءَ ۾ غالب اَمير مينودرد ۽ فراق گورکپوريءَ جي

رباعي "خادم" جي دلپسند صنف آهي. تنهنڪري رباعين لکڻ ۾ سنڌس ڪو ثاني نه آهي. هنجي رباعين ۾ خيال جي اونهائي ۽ جذبي جي صداقت موجود آهي. سنڌس رباعيون: رنگين رباعيون، روح ڏنو ريلو ۽ خوشبو جو سفر، ڇپجڪن ۾ گڏ ڪيل آهن.

"خادم" صاحب روايتي شاعريءَ ۾ رباعين کانسواءِ غزل ۽ ڪجهه نظمون به لکيون آهن. پر هيءُ صاحب ڪنهن به واد جو قائل نه رهيو هو نه سندس عقيدي موجب "ڪنهن به Theory بنياد ڪيل شاعري پوءِ اها Committed هجي يا وجوديت تي بدل - صحيح معنيٰ ۾ شاعريءَ جا حق نباهي سگهندي. اهڙي شاعري هڪ طرفي تنگ دائري واري ۽ محدود ٿي رهندي." شايد انهيءَ ڪري ئي سندس لاڙو آزاد نظم ڏانهن ٿيو، جو آزاد نظم ۾ خيال ۽ بندش جي آزادي آهي.

"پرهه جي باک" مجموعي ۾ مختلف موضوعن تي آزاد نظم ذريعي شعر پيش ڪيل آهن. ان ڪتابڪي جي ساهت جڳت ۾ خوب آجيان ٿي. نه فقط ايترو پر انهيءَ تصنيف تي کيس يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن پاران ١٩٨١ ۾ ڏهن هزارن جو انعام به مليو. جيڪو اصلوڪي معياري تخليق ٿي ڏنو ويندو آهي. ان لحاظ کان "پرهه جي باک" کي شاهڪار رچنا چئي سگهجي ٿو. پر سنڌس آزاد نظم جي مجموعي "**چيچ**" سڀ کان وڌيڪ ڌيان ڇڪايو. انهيءَ مجموعي تي کيس ١٩٧٨

"ذرو ڄو سڏايان، مان صحرا آهيان
قطرو نہ ڄڻو، ڪوزي ۾ دريا آهيان
مجنون تي خدا خود تو قربي منهنجي پنيان
"خادم" نہ، خداوند جي ليلا آهيان."

عمر خيام جي جام ۽ ساقي "خادم" تي بہ خمار چاڙهي ڇڏيو آهي. هو پنهنجي رباعيءَ ۾ فرمائي ٿو-

"ڪجهہ رات وڌڻ بعد چڙهيو آهہ خمار،
پر خشڪ چپن لاءِ ڪپن جام هزار
ساقيءَ جي گلرنگہ اکين جو سوڳند
پيئندا سين تيءُ جيسين مشرق گلزار"

موزون لفظن جي چونڊ ۽ خيالن جي خوبصورتي سندس هن رباعيءَ مان ڏسي سگهجي ٿي-

"سانجهيءَ جو شفق وقت، اُفق تي لالي
ڪرڻن جي کهاڻين ڪئي آ آگہ لڳي،
لڪڙين تي چڙهيل ڏسجي ٿو تازو لاش
تيندو جڏهن ئي خاڪ نہ ڪا رنهن تيندي."

رباعيون لکڻ ۾ جيڪڏهن سينڌي شاعرن کان وڌ ۾ ڪنهن پاڻ موکيو آهي تہ اهو ٻهريون نمبر شاعر آهي ڊاڪٽر سدارنگاڻي. جيتوڻيڪ رباعيءَ جي ڪامل استاد کان اڳہ شري نارائڻ شيام جون رباعيون "ٻهڪڙيون" مجموعي ۾ شايع ٿي چڪيون هيون. پر رباعيون تہ بس "خادم" جون ئي آهن. اهو وانهيءَ ڪري جو

"اوهانجو اونو مونکي آهي / خود اوهان کان به وڌيڪ / اوهانجي شان وڌائڻ لاءِ / بدگلن ۾ رهي، هوائي سٽر ڪندس / راڄڌانيءَ ۾ ڦرندس / اوهانجي غم کي مٽائڻ لاءِ / جام پي پيئندس ..."

جيتوڻيڪ "چيخ" ۾ هن صاحب پنهنجي شعر کي نئون روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر انهيءَ ۾ هو پارکن جي نظر ۾ پوريءَ طرح ڪامياب ڪونه ٿي سگهيو آهي. بقول هري دلگير "سندس بي قافيه نظمن ۾ اُن مٽيءَ جي مهڪ ڪانه آهي جنهن مٽيءَ جو خادم سڄو پيچ نهيل آهي." ظاهر آهي "چيخ" جي مقابلي ۾ سندس رباعين جا ڳنڍڪا گهڻو بهتر آهن.

"خادم" صاحب جو ادب بابت شخصي رايو ڪجهه هن ريت آهي. "ادب مونکي وقت ۽ زمان جي حدن کي سمجهڻ ۽ انهن جو قدر ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي. لفظ، موسيقي، خيال سڀ حرڪت ۾ اچي وقت جي وهڪ ۾ وهندا رهن ٿا ۽ تخليقي عمل ۾ منهنجي شاعري محض ونڊر جو واهڻ نٿي بڻجي بلڪ حرڪت جي ڌارا سان گڏ شانت جي سنگيت جو رل-مل احساس پڻ شامل رهي ٿو."

سدارنگاڻي صاحب نه صرف نظم نويس آهي پر هڪ سٺو نثر نويس پڻ آهي. نثر ۾ هن صاحب جي مضمونن جو هڪ ڪتاب "ڪک ۽ ڪانا" (١٩٦٦) ۾

۾ ساهت اڪادميءَ جو اِنعام عطا ٿيو. هنن جي اعليٰ شاعر ۽ ودوان جي قدرشناسي ٿي، سا سچ پچ سنڌي جاتيءَ لاءِ فخر جي ڳالهه آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪي به نيون ڌارائون آيون آهن، اُنهن جي جهلڪ "خادم" صاحب جي شاعريءَ ۾ ملي ٿي. ڪافي تجربي ۽ آزمودي ڪانپوءِ هيءُ صاحب پنهنجي هڪ مخصوص عبارت جوڙي سگهيو آهي، سا قابل ـ ذڪر آهي. ساهت اڪادمي انعام ڪنندڙ مجموعي "چيخ" ۾ هن صاحب پنهنجي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. وقت جي تقاضا کي ڌيان ۾ رکي هن صاحب پنهنجي شعرن ۾ احساسات سان گڏ نئين عبارت پڻ پيش ڪئي آهي. "چيخ" ۾ شهري زندگيءَ جي پيچ ڊک ۽ مونجهاري جي هڪ حقيقي تصوير چٽي آهي. سدارنگاڻي صاحب اِنساني اُمنگن جي تهه ۾ وڃڻ جي بهترين ڪوشش ڪئي آهي. پنهنجي سياڻ ڪان لاچار رهي زندگيءَ جي تنگ دائري ۾ رهي هن پنهنجي جيوت گذاري تنهن لاءِ هوُ ڪنهن سان شڪوا ـ شڪايت نٿو ڪري ـ

"ڪوئي شڪوه نه اٿم / ڪائي شڪايت نه اٿم / پنهنجي تدبير ۽ تقدير تي راضي آهيان / سمجهه سارؤ رهيس آزاد / مجيم دل جي ڳالهه."

بئي هنڌ هن صاحب ليڊرن تي تکي طنز ڪندي فرمايو آهي ـ

شري هري دريائي "دلگير"



ڳجرات جو ٻرڪ اديب، اوچ ڪوٽيءَ جو شاعر، جنهنجي شاعريءَ ۾ اعليٰ جذبا ۽ خيال، نصيحت ۽ نزاڪت ڪُوٽان ڪُٽ ڀريل آهن، جنهن پنهنجي شاعريءَ جي فن سان نباهيندي هند خواه سنڌ ۾ اِنعام حاصل ڪيا آهن سو آهي اسانجو بزرگ ساهتڪار شري هري دلگير. اهڙي اعليٰ شاعر جنهن اٽڪل ٥٤ سالن کان پنهنجي قلم سان ساهت جا گهڙا ڀَريا آهن، تنهنجو جنم سنڌ جي لاڙڪاڻه شهر جي عامل خاندان ۾ ١٥ جُون ١٩١٦ ۾ ٿيو. سندس پتا گرڌنومل سنڌ ۾ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ هو. درياڻي صاحب جو تخلص "دلگير" آهي جو شايد اُن وقت جي رواج موجب ٿي آهي. اُن وقت جا شاعر دکايل، ستايل، جهڙا تخلص رکندا هئا. اُن ڪري درياڻي صاحب به پنهنجو تخلص "دلگير" ئي رکيو.

دلگير صاحب اِسڪولي تعليم لاڙڪاڻي ۾ ئي ورتي ۽ مئٽرڪ پڻ اُتان ئي پاس ڪيائين. اُن بعد اوچي

شايع ٿيو سو پڻ پڙهڻ وٽان آهي. هن ڪي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا آهن- "بابرنامو" "گرو گوبند سنگهه" ۽ "امراؤجان ادا." سنڌيءَ کانسواءِ اردو، پارسي ۽ انگريزي جو سٺو مهاورو هئڻ سبب هــن صاحب انگريزي ۽ پارسيءَ ۾ به ڪتاب لکيا آهن- انگريزيءَ "The Persion Poets of Sindh" (١٩٥٦) ۾ مقالو تيار ڪيائين جنهن تي کيس ڊاڪٽوريٽ ڊگري ملي. پارسيءَ ۾ "پارسي گويان هند و سند" (١٩٧٦).

هيتري قدر سنڌي ساهت کي پنهنجي قلم سان مالا مال ڪندي به هو صاحب نياز ۽ نوڙت جو ڏٺي آهي، سادگي هنجي سڀاءَ ۾ آهي. پنهنجي نثر جــي مجموعي جو نالو به ڏسو کهڙو نه سادو "ڪک ۽ ڪانا" ڏنو اٿس. عزيز صاحب جو پڪو شش ٻڌجي هن صاحب به شادي نه ڪئي. بال برهمچاري ٿي رهيو ۽ سڄي عمر ساهت جي اعليٰ خدمت ۾ لڳو رهيو.

"خادم" صاحب سنڌي روايتي شاعريءَ جو اعليٰ شاعر آهي. پنهنجي پيشڪش دوران هن سنڌي قوم سان وڏو وڙ ڪيو آهي. جنهن لاءِ سنڌي قوم هميشه سندس احسانمند رهندي. اڃا به سندس قلم ۾ جنبش جاري آهي. ڀڳوان کيس وڏي آورجا ڏئــي جو هو پنهنجي قلم سان سنڌي ساهت جا گهڙا ڀريندو رهي.

●●

هئي. ڀوڳن ڪوتا جي شايع ٿيڻ تي کيس بيحد خوشيءَ جو احساس ٿيو هو. شري پريو "وفا" (جيڪو هن وقت ممتاز شاعر آهي) دلگير صاحب جو ماروٽ ۽ هم ڪلاسي آهي. هن بہ تنهن وقت اڃا لکڻ جي شروعات ئي ڪئي هئي. ٻئي ڄڻا ساهتڪ اڱڻ ۾ ٻانبڙا پائيندڙ هئا. دلگير جو اهو ڀوڳن شعر نواز علي نياز پڙهيو ۽ هڪ ڏينهن چيائينس - "امنگ تہ خوب اٿيئي پر بحر وزن جي ڄاڻ ڪانہ اٿي. انڪري تنهنجي شعر ۾ ڪافي غلطيون آهن. مان چاهيان ٿو تہ توکي شعر جي فن جي سڄي ڄاڻ ڏيان. تنهنڪري نواز علي نياز جي استادي قبولي، دلگير صاحب ۽ پريو "وفا" ٻئي سندس اوطاق تي وڃي علم عروض جي سکيا وٺڻ لڳا. نياز صاحب جي شاعريءَ جو ڏاڪو سنڌ جي شاعرن ۾ وڳل هو. هوشيار استاد جي سنگ ۾ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ٻئي شعر جي فن ۾ رچي راس ٿيا. اهڙيءَ طرح شري دلگير جو ڀوڳن استاد نواز علي نياز هو. ١٩٣٠ع ۾ ئي نياز صاحب جي چوڻ تي شري دلگير، لاڙڪاڻي جي مشاعري ۾ هڪ غزل پڙهيو جنهنکي ڪافي داد مليو.

پوءِ جلد ئي دلگير صاحب کي بيوس سائينءَ جو رنگ لڳو ۽ دلگير هن کي پنهنجو ڪوتا گرو ڪري مڃيو. سندس شاعريءَ کان متاثر ٿي شريءَ دلگير

تعليم لاءِ ڊي. جي سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتائين. جتان هو صاحب بي. ايس. سي پاس ڪئي. ان بعد اين. اي. ڊي انجنيرنگ ڪاليج مان بمبئي يونيورسٽيءَ جي. بي. اي (سول) پاس ڪري ايگريڪلچرل انجنير بڻيو. ورهاڱي بعد بين جيان هو سنڌ ڪين ڇڏي ١٩٥٨ تائين پاڪستان ۾ ئي رهيو مگر پوءِ، پنهنجي ماتا جي وفات ڪانپوءِ هو صاحب سنڌ مان لڏي هند ۾ آيو. ١٩٥٩ کان هو صاحب تعليمي کيتر ۾ ترولاٽي فائونڊيشن گانڌي ڌام پاليٽيڪنڪ ۾ پرنسيپال جي عهدي تي رهيو. هن وقت گانڌي ڌام ڪاليجئيٽ بورڊ جو فائونڊر سيڪريٽري آهي.

١٩٣٩ ۾ شري دريائي صاحب جي شادي نانڪي ديوي هنگوراڻيءَ سان ٿي. شاديءَ کان اڳ هنجي شاعريءَ جي شروعات ٿي چڪي هئي. سندس ڌرم پتني ڪڏهن به سندس ساهتڪ رچنائن جي آڏو نه آئي، بلڪ هر طرح دلگير کي سات ۽ سهڪار ڏنائين. سندس ئي لفظن ۾ ”ڌرم پتنيءَ جي سٺي ۽ همدرد سڀاءَ جي ڪري ئي مان دوستن سان دوستي نباهي سگهان ٿو. منهنجي ڪاميابيءَ جو راز منهنجي ڌرم پتني آهي.“

”دلگير“ صاحب کي اٽڪل ١٣ ورهين جي عمر ۾ شاعريءَ جو شوق پيدا ٿيو. سندس پهرين ڪچي ڦڪي رچنا لاڙڪاڻي سنڌ جي هڪ هفتيوار اخبار ۾ شايع ٿي

ٻيوس وٽان مليو آهي. جنهنکي هن سيني سان سانڍيو آهي. هميشه مٺي مرڪ سندس چپن تي نمودار رهندي آهي. هو ڪلمڪ ۽ سهج سڀاءَ وارو شاعر آهي. غم يا ڏک ڄڻتا يا وياڪلتا جهڙي شيءِ، شايد ئي هن وٽ ملي. هو هر ڏک مان سک جو سنديش ڪڍي "ڏک سکن جي سونهن" جو ڀاڻ پڙهائڻ جو قائل آهي.

شري دلگير شاعريءَ سان ئي ساهتڪ جڳت ۾ شروعات ڪئي ۽ هن مهل تائين شاعري جي شاهراهه تي ئي هلي رهيو آهي. منهنجي ڄاڻ موجب سندس ٽي مجموعا نڪتل آهن. هن صاحب سنڌ کان ئي ساهتڪ کيتر ۾ قدم رکيو آهي تنهنڪري سندس پهريون ڪوتا جو مجموعو "ڪوڏ" ۽ ٻيو مجموعو "هرڻيشچندر جيون ڪوتا" (١٩٤١) ۾ سنڌ ۾ شايع ٿيا ۽ انهن ٻنهي ڪتابن سنڌ ۾ ئي ايڏي ته مقبوليت حاصل ڪئي جو کيس انهن ٻنهي ڪتابن تي سنڌ سرڪار جو انعام مليو. ان مان ظاهر آهي ته سنڌ ۾ ئي هو صاحب شاعرن جي صف ۾ اڳرو رهيو هو. سندس ٽيون شاعريءَ جو ڪتاب سنڌ ۾ ئي "موجي گيت" عنوان هيٺ سرڳواسي ڪشنچند بيوس سان گڏ (١٩٤٢) ۾ نڪتو. باقي پنج مجموعا (٤) ماڪ ڦڙا (ناراڻ شيام سان) (١٩٥٧) (٥) موج ڪئي مهراڻ (١٩٦٦) (٦) پل پل جو پڙلاءُ (١٩٧٧) (٧) امر گيت (گيتا جو ترجمو ڪوتا ۾)

پنهنجي شاعريءَ ۾ موضوعن جي نواڻ ڪٿي آيو. هن جيڪا مقبوليت پاتي آهي سا بيوس ۽ نياز جي نوازش آهي- شاعر پاڻ چيو آهي-

"شمار ٿئي ٿو چڱن شاعرن ۾ اڄ دلگير
ڪمال آهي سو بيوس ۽ نياز يارن جو"

دلگير صاحب جي شعر کي چڱيءَ طرح سمجهڻ لاءِ اُن وقت جي حالتن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. سندس ساهتڪ ڪيئر ۾ پير پائڻ وقت انگريزي حڪومت جو بولبالا هئو. سردار ڀڳت سنگهه کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو هو. گانڌيجيءَ جي آزادي جي لڙائي شروع ٿي چڪي هئي. اهڙي ماحول جي زيراثر هن هڪ بيت لکيو. چند بيت جون سٽون ڏسو-

"چڙڪي پيئي چوهه مان، گوليءَ تي گولي،
آيا بانڪا بانورا، ٽوليءَ تي ٽولي،
هڪ بڻي سان هولي، ماڻجهين ڪئي ميدان تي."

اِها حقيقت آهي "دلگير" تخلص هوندي به سياه ۽ وهنوار جي خيال کان توڙي پنهنجين رچنائن جي لحاظ کان هوُ دلگير نه پر هڪ آشاوادي شاعر آهي. جيون ۾ هنجو لاڙو سکه درسي ئي رهيو آهي. هنجي لاءِ زندگي مها- مؤج جو ناٽڪ- گهر آهي. سندس ئي لفظن ۾- "مان زندگيءَ کي سندس سندر سروُپ ۾ پسڻ جو مشتاق آهيان." اِهو آشاوادي ورتو ڪيس

ڪئي تراشا جي جهلڪ به آهي. البت اها جهلڪ جهيڻي آهي. پر جيڪي ڪجهه لکيو اٿم اُن ۾ سچائي آهي.‏" شاعر جي اِنهيءَ ڳڻ اُي کيس سنڌ خواهه هند ۾ شهرت حاصل ڪرائي آهي ۽ سنڌس شخصيت ڪي عوام اڳيان اُڀاري بيهارڻ ۾ اَهميت جو پارٽ ادا ڪيو آهي.

شعر جي هر شاخ تي هن نهايت پختائيءَ سان قلم هلايو آهي. هن صاحب ڪجهه پنجڪڙا به لکيا آهن. پر سنڌس گيت، غزل ۽ نظم پاڻڪن ڪي وڌ ۾ وڌ پسند پيا آهن. اچو ته سنڌس ڪن صنفن جي مصرائن جو لطف ماڻيون-

غزل دلگير صاحب جي به محبوب صنف آهي. هن اٽڪل ايرائي سؤ غزل لکيا آهن. هن جي غزلن جي هڪ نرالي خوبي آهي جو هن ۾ هڪ قسم جو مرڪزي خيال جو سلسلو آهي. غزل جي وسيع دائري ۾ هاڻي عشق ۽ محبت جي مضمونن کانسواءِ سماجي، سياسي، اخلاقي، روحاني، ويدانتي ۽ فيلسوفاڻا مضمون به آندا وڃن ٿا. شري دلگير به نون وشين کي پنهنجن غزلن ۾ ترجيح ڏني آهي. سماجي غزل ۾ هـؤ صاحب ظالم ڪندڙن خلاف آواز اُٿاري ٿو ۽ مصور جيان سچ چٽي ڏيڻ ۾ پوئتي نٿو پوي. هڪ غزل جو ٽڪرو پيش- خدمت آهي جنهن ۾ هن ستمگرن سان سيدو ساهڻ جي صلاح ڏني آهي-

(١٩٨١) (٨) مڙيدار گيت (١٩٨٣) ۽ (٩) رولڙ آواز (١٩٨٤)

سنڌس ڳڻڪي "پل پل جو پرلاءُ" کي شاهڪار ڪتاب مڃي ساهت اڪاڊميءَ وارن ڪيس ١٩٧٩ ۾ انعام عطا ڪيو آهي. هنجي مواد ۾ وايون، نظمون، ٽيڙوُ، گيت، قطعا، رباعيون، للت بد، بيت، غزل ۽ نظماڻو نثر (Poectic Prose) اچي وڃن ٿا. هن ۾ دلگير صاحب پنهنجي شاعر سان ايماندار رهي آس پاس جي واتاورڻ جي اثر کي نه فقط محسوس ڪيو آهي پر اُنجو اظهار پڻ ڪيو آهي. تنهن ڪري نوجوان شاعر واسديو موهيءَ پنهنجي هڪ ليکه ۾ لکيو آهي - "نئين ڪويتا کي دلگير اُنڪري قبول نه ڪري سگهيو آهي جو تمام نون ڪوين جو هنجي نظر ۾ نراشاوادي نظريو آهي. دلگير صاحب جي رچنائن جا ڪي مثال هن اُنهيءَ ويچار جي پنيرائيءَ ۾ پيش ڪيا آهن، جن ۾ دلگير نئين ڪوتا جي ڪوين جي وشين جي ويجهو آهي. هڪ ڪوتا (نظم) ڏسو-

"اجهل سونهن جي ڪيت اندر
جتي آهه جيون جو جهرڻو، اُتي ٿي،
رواجن ۽ رسمن جو پڃرو ٽنگيل آ
اُنهيءَ ۾ اُچي آهه قاتو،
پکيڙڙو (اُهو روح اِنسان جو آ)"

شاعر پاڻ به چوي ٿو ته - "اِئين ناهي ته منهنجي هرهڪ ڪوتا ۾ آشا ۽ اُجالي جي چمڪ آهي. ڪٿي

طرح ظاهر ڪيو آهي جو غزل جي ذاتي ٻيو داخليت يا باطن پسائڻ وارو عنصر وڌيڪ اُڀري آهي.“

الٽ پد:

”جڳ جي ليکي ٻگهو ساڌُو ٻيو ٻڌائي جوڳ
تُرشنا پنگياڻيءَ سان پرڻو، لڪي ڪندو آ ڀوڳ.“

ڇا نہ طنز آهي! ڪهڙي نہ اعليٰ تشبيهہ آهي!! سهڻي تشبيهہ جو هڪ ٻيو مثال سندس غزل جي هنئين مصرائن ۾ موجود آهي-

”هير گل کي ڪيئن نہ ٽڪي ٿي
ٻارڙن لاءِ ماءُ آهي جڻ.“

ڪيتري نہ سادگي ۽ سچائي آهي سندس شعر جي هڪ هڪ لفظ ۾! ازانسواءِ خيالن جي اونهائي پڻ. ايشور کي ڪرشن جي روپ ۾ ئي پسڻ جي پياس رکي ٿو-

”اي شيام، پنهنجي ٻيڙي مکي ٻڌاءِ ٿون،
وري وري چمن سان پنهنجي پيو لڳاءِ ٿون.“

هن صاحب ”نظماڻو نثر“ بہ لکيو آهي جو نئين ڪوتا جو لطف ڏئي ٿو. جيتوڻيڪ اها صنف سنڌي ادب ۾ ڪافي جهوني آهي ۽ هاڻوڪيءَ ”نئين ڪوتا“ کان نرالي پڻ. هڪ مثال ڏسو-

”ڪنهن سان به سٺو ڪنهنجو سهڻي ڪونه سگهون ٿا!
سچ صاف چوڻ ڏي به رهي ڪونه سگهون ٿا،
هر لاهه لئي پاڻيءَ جيان لهي ڪونه سگهون ٿا،
ڪوڙن جيان اسين ڪوڙ ڪهي ڪونه سگهون ٿا!“

اخلاقي نڪته:

”توُن نمرتا جو ڪري ڀونگه هلين سيني سان
من تي مڙني ڪسي دسڻ واسطي آتو آهي.“

روحاني نڪته:

”هرهڪ ۾ تنهنجو حسن، ڪٿي دل لڳائجي؟
هرهڪ مڪان تنهنجو، ڪٿي سر جهڪائجي.“

غيب جي ڳالهين مان ۽ بحث مان شاعر نٿو ڇاڻي -

”جهتيان ٿو غيب مان ڪجهه لفظ، جي ٿا شاعري بڻجن
نه مان ڪنهن بحث مان ڇاڻان، نه ڪر اشعار جون ڳالهيون“

شاعر جو آشاوادي نظريو غزلن ۾ به نمايان آهن -

”نهايت عجب زندگيءَ جي آ محفل
ڪروڙين ويا، ته به پري اُسي پٺي آ.“

سنڌي شاعريءَ جي دنيا ۾ ڪيترائي غزل گو شاعر ميدان ۾ آيا آهن پر پهرين پيڙهيءَ جي شاعرن ۾ دلگير صاحب جو پنهنجو ئي مقام آهي. پروفيسر رام پنجوانيءَ جي لفظن ۾ ”هري دلگير پهريون سنڌي غزل گو شاعر آهي، جنهن غزل جي دائري کي وسيع ڪري اُن ۾ انسان جي جدا جدا اُڌمن ۽ احساسن کي اهڙيءَ

هن صاحب جا شعر ڪنهن به غم-زده ڇوري جي آنسن کي مرڪ جي رومال سان اُگهي ڪلهڪتا جو گڻ بخشين ٿا. سندس ادبي خدمتون ساراهه جي مستحق آهن. ساهتڪ يوگدان سندس مهانتا جو پرتيڪ بڻجي چڪو آهي.

سچ ته دلگير صاحب جو مقصد ئي آهي بيوس جي رنگ ڍنگ کي قائم رکڻ ۽ اُنکي اوچ ڏيڻ. هو صاحب پنهنجي ليکڻي اُن ڪوشش ۾ سرگردان آهي. ٿي سگهي ٿو اُن کان به ٻه قدم اڳتي وڌي وڃي. سندس درجو اعليٰ ۽ بزرگ شاعرن ۾ آهي. سندس ڪيترا ڪتاب درسي ڪتابن طور جدا جدا يونيورسٽين ۾ بي. اي ۽ ايم. اي تي رکيل آهن. جڏهن هيءُ اڃا ڪاليجي جوان ئي هو ته سندس گيت سنڌ جي اِسڪولن، ڪاليجن ۾ گونجڻ لڳا هئا. اهڙي اعليٰ شاعر جي ڪوتا جي باري ۾ شري نارائڻ شيام چيو آهي-

"آهي شعر اياز جو، جڻ چانڊوڪي رات،
۽ ڪوتا "دلگير" جي، رنگ رتي پرڀات،"

اهڙي مايه-ناز شاعر تي سچ پچ سنڌي قوم کي فخر آهي. تنهن ۾ به گجرات جي سنڌين لاءِ ته اِها خاص فخر جي ڳالهه آهي ته سڄي گجرات جي ساهتڪارن ۾ هيءُ صاحب ئي اهڙو ساهتڪار آهي جنهکي ساهت اڪاڊميءَ انعام ڏيئي سندس ساهتڪ شيوائن

”مونکي نفرت آهي
راڄنيتي نيتائن لاءِ
جي هڪ ڳالهه اقرار ڪري
ٻئي ڳالهه، اُن تي عمل نہ ڪرڻ لاءِ سبب ڳولهيندا آهن.“

دلگير صاحب جي ٻولي مٺي ۽ سليس هوندي آهي. پارسي لفظن جو استعمال گهٽ هوندو آهي. سندس رچنائن جا خاص وشيه: پيار، قدرت ۽ انساني همدردي ٿي رهيا آهن. اڄ جي حالتن ڀنانڊ ٻکَ ۽ بيروزگاريءَ جو ورڻن پنهنجين چند سٽن ۾ گهڻو نہ سلوڻي نموني ڪيو اٿائين۔ ڏسو هڪ مثال:-

”هاهاڪار مچل چوڌاري، آه دکي هر نر ۽ ناري،
گهر گهر بُک ۽ بيڪاريءَ جو، ننگو ناچ رهي ٿو جاري.
چرندڙ ڦرندڙ ڏيرا لاشا، ٻار سندن گردن تي ڀاري
آب عوض تن جي اکڙين ۾، آگ ڏئي پيٽ ڏيکاري.
ٿڪ ڏئي وينو ڏنوان،
هيءُ بہ ڏسين وينو ڀڳوان!“

هيءُ پهريون شاعر آهي جنهنکي ترائيل (Triolet) جي صنف کي سنڌي شاعريءَ ۾ آڻڻ جو شرف حاصل ٿيل آهي- (١٩٥٤)، انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي تہ شري دلگير اوچ ڪوٽيءَ جو شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ اڪثر نئين رواني، نَوان خيال ۽ معنيٰ خيز گفتا ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهن. اهڙو خوش خلق شاعر ڪو ورلي ملندو.

شري ڪرشن کٽواڻي

ڪي اهڙا ساهتڪار آهن جن جي لکڻين ۾ هڪ علحدگي، نون موضوعن ۽ خيالن جي خوشبوءِ جو الوکو احساس محسوس ڪيو آهي، تن مان شري ڪرشن کٽواڻي به هڪ آهي. هو ترقي پسند دؤر جو اعليٰ اديب ۽ آدرشوادي نظريي جو حمايتي آهي.

سندس جنم ۷ نومبر ۱۹۲۷ ۾ سنڌ جي نوابشاهه ضلعي جي ڦاروشاهه ڳوٺ ۾ ٿيو هو. ماتا پتا ڪراچيءَ ۾ رهندا هئس تنهنڪري سندس ننڍپڻ ڪراچيءَ ۾ ئي گذريو ۽ اتي ئي هن عاتب اسڪولي تعليم حاصل ڪئي.

ٻارهن - ٻارهن سالن جي عمر کان ئي ڪيس ناول ۽ ڪوتا پڙهڻ جو شوق جاڳيو. اُن شوق کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي خرچيءَ مان پيسا بچائي، هو ڪتاب فروشن کان ڪتاب خريد ڪري پڙهندو هو. شام جي وقت اڪثر پنهنجي گهر جي ڇت تي ويهي، ايڪانت جو مزو ماڻيندو هو. اولهه ۾ لهندڙ سج سبب آڪاش ۾ ايندڙ

ڪئي قبوليو آهي. هو صاحب دهليءَ جي ساهت
اڪاڊميءَ جو ميمبر آهي. تازو گجرات ساهت اڪاڊميءَ
جي صلاحڪار ڪاميٽيءَ تي کيس کنيو ويو آهي،
جنهن سندس رهبريءَ هيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ ساهت
جو واڌارو ٿئي. سندس قلم ۾ جنبش اڃا جاري آهي.
اميد رکجي ٿي ته هو صاحب پنهنجي قلم جو ٻهترين
ڪمال ڏيکاريندو.

آسر ڪيو ۽ انگريزي قدرت هن لاءِ ڄڻ ڪليل ڪتاب
ٿي بيٺي، جنهن مان هو نت نوان اُپديش ۽ سکيائون
پيو پرائيندو هو. ڄڻ قدرت به سنڌس اُستاد هئي،
جنهن کيس سيلانين وانگر سير ڪرڻ لاءِ آماده ئي ڪيو.
اُنجو نتيجو اِهو نڪتو جو هو ڪاليج جي دؤر درميان
ذري گهٽ سڄو پارت گهميو.

١٩٤٦ واري "پارت ڇڏي وڃو" هلچل جي زير تاثير
ڪن دوستن سان گڏجي "نوجوان ساهت منڊل" برپا
ڪري، اُن پاران هڪ ساهتڪ رسالو شايع ڪرڻ شروع
ڪيائين. هن منڊل پاران به ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيا:
(١) "سياسي مدبر" (١٩٤٤) ۽ (٢) "نئل تارون."
هنن ڪتابن جي اِشاعت بعد هو اُن دؤر جي ساهتڪارن
جي صحبت ۾ آيو ۽ سندس لکڻ جو سلسلو جاري
ٿيو. اُن وقت شري گوبند مالهيءَ سندس همت اَفزائي
ڪئي ۽ هو صاحب جوش ۽ خروش سان لکڻ لڳو.
ڪجهه وقت بعد سندس واقفيت سرو شري ايم. جي. آئم
۽ ڪيرت باباڻيءَ سان ٿي. اُن ريت معياري ۽ سٺن
اديبن سان رهي هن معياري رچنائون لکڻ شروع
ڪيون. ۽ هو سٺو ڪهاڻي ڪار، ناول نويس ۽ ناٽڪ ڪار
بڻجي پيو. اُهڙيءَ طرح هن صاحب جو ساهتڪ ڪاروان
اڳتي وڌيو. نثر جي جدا جدا شاخن تي اٽڪل ١١
ڪتاب لکيا اٿائين هاڻي سندس الڳ الڳ صنفن تي
روشني وجهجي ته بهتر ٿيندو.

لالائي ۽ رات جي وقت جھرمر ڪندڙ تارا سندس ڪشش جو باعث بڻيا. قدرت جا ھيءَ رنگين ۽ دلفريب نظارا ڏسي بيحد خوش ٿيندو ھو ۽ انھن کي ساراھڻ کانسواءِ رھي نہ سگھندو ھو. اڪيلائي ۽ قدرتي نظارن منجھس گيت رچڻ جي رچي جاڳائي. انھيءَ ريت ساھت سان سندس شروعاتي نينھن جو نالو جڙيو.

ساڌو واسواڻيءَ جو گھر سندس گھر پرسان ھئڻ ڪري ھن مھان شخص جي گڻن جو مٿس گھرو اثر پيو. ١٩٤٥ ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين ۽ ان وچ ۾ چترڪاري ڏانھن مائل ٿي شرڪاگتيءَ ۾ چترڪاريءَ جي ڪلا پڻ سکڻ شروع ڪيائين. وڌيڪ پڙھائيءَ لاءِ ھو گرديو ٽئگور جي برپا ڪيل جڳ پرسڌ تعليمي سنسٿا شانتي نڪيتن (بينگال) ۾ داخل ٿيو، جتي ١٩٤٩ تائين ايياس ڪري گرئجوئيٽ بڻيو سنڌي ساھتڪارن مان ڪو ورلي ساھتڪار ھوندو، جنھنکي شانتي نڪيتن ۾ پڙھائي ڪرڻ جي خوش قسمتي حاصل ٿي ھوندي.

چوندا آھن "جھڙي صحبت تھڙو اثر" سو ھسن صاحب کي بہ ساڌو واسواڻيءَ جي نيڪ صحبت ۽ شانتي نڪيتن جھڙو شانت ۽ پوتر وايومنڊل مليو، جنھنڪري سندس ويچار ڌارا ڪومل، دياميہ ۽ فيلسوفاڻي بڻجي پيئي. شانتي نڪيتن ۾ پڙھڻ درميان ھو سٿر-سٿر جر بہ شائق رھيو. دلڪش قدرتي نظارن ھنتي گھرو

سماجڪ يا شخصي سچ جو معنيٰ دار ۽ روشن پهلو به ايترو نه ڏهري.“ ظاهر آهي ته شري ڪرشن کٽواڻيءَ ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ چڱي مقبوليت حاصل ڪئي آهي.

پنهنجو وطن ڇڏي هند ۾ وسڻ بعد سنڌين در بدر ڀٽڪي پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ۾ ڪافي سنگهرش ڪيو. انهنجو ڪهاڻيڪارن جي دلين تي به ڪافي اثر رهيو. پر شري ڪرشن کٽواڻي اُن اثر کان آجو رهي پنهنجي هستيءَ کي سنڀالي رکيو اُن باري ۾ نوجوان نقاد هريش واسواڻيءَ لکيو آهي-

”ڪرشن کٽواڻيءَ هڪ پوري منزل طئه ڪئي آهي، ”گيتا“، ”وندري“ ۽ ”نٽ جڙڻ“ اُنجا مکيه پڙاوَ آهن. ترقي پسند نه رخ جي سايعي هيٺ روماني مزاج، مانسڪ پيچيدگين جي تلاش جمالياتي حظ کان وٺي نوس حقيقتن جي ٽڪراوَ تائين ڪرشن جو ڪهاڻيڪار رفته رفته پنهنجي سچائي کي آڪار ڏيندو رهيو آهي.“

شري ڪرشن کٽواڻي جهڙيءَ طرح ڪامياب ۽ بهترين ڪهاڻيڪارن مان آهي. ساڳيءَ طرح هيءُ صاحب مقبول ناول نويسن جي صف ۾ به اڳرو آستان رکي ٿو. جيتري قدر مونکي ڄاڻ آهي، هن ڪل چار ناول لکيا آهن- (١) امر پيار (١٩٦١) (٢) منهنجي منزل سنڌ (١٩٦٢) (٣) وئرث زندگيون (١٩٧٨) (٤) ياد هڪ پيار جي (١٩٧٨)

شري ڪرشن کٽواڻيءَ جون انڪل سؤ کن ڪهاڻيون الڳ الڳ مخزنن ۾ شايع ٿي چڪيون آهن. ڪهاڻيءَ جي مجموعن جن اِشاعت پاتي آهي، سي آهن - (١) ٽٽل تارون (١٩٣٣) (٢) ونـدري ۽ ٻيون ڪهاڻيون (١٩٦٣) (٣) منزل ٿو نه سڄاڻو (١٩٧٣) (٤) اڪيلي (١٩٨٠) ۽ (٥) پرديسڻ (١٩٨٠) ”اڪيلي“ ڪهاڻين جي مجموعي تي ڪيس مرڪزي تعليم کاتي طرفان پنڌرهن سؤ اِنعام مليو. سندس ڪهاڻين جا موضوع گهڻي ڀاڱي سماجڪ ئي رهيا آهن. ڪن ڪهاڻين ۾ سياسي پهلوءَ اچي ٿي پر اُهي ٻه ڪهاڻيون ڏل ڪي جهندڙ آهن. شانتي نڪيتن جي اثر ڪري سندس ڪهاڻيون آدرشواد ڏانهن مائل آهن. وندري، گيتا، زندگي ۽ مؤت، ٻگها وار، ٽٽل زنجيرون، ۽ يادگيريون ڳالهائيندڙ پيتون، قابل - ذڪر آهن. اِنسان ذات جي ڏک سک کي سمجهندڙ حساس دل ڪهاڻيڪار کٽواڻي صاحب جي باري ۾ شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ لکيو آهي ”ترقي پسند نظريو ڪڻي جيڪي ٻيا ٻه ڪهاڻي نويس اڳتي وڌيا ۽ ڪافي سڦل ٿيا آهن، سي آهن - گوبند پنجابي ۽ ڪرشن کٽواڻي... ڪرشن کٽواڻيءَ وٽ وڏيڪ حساس دل آهي ۽ سندس قلم ۾ ڪلاڪاريءَ جون بهتر جهلڪون آهن. هؤ ڪلا کي صرف وندر جو واهڻ يا شخصي اِظهار جو ساڌن نٿو سمجهي، بلڪ ڪنهن

آهي جو ناولن جي متين ٽنهي پاڳن تي ڇانيل آهي. هو شاعراڻي ۽ فيلسوفاڻي مزاج جو آهي. نائڪ ٻالڪ اوستا کان ونئي جوانيءَ تائين فقط قدرت ۽ حسن جو پوڄاري ٿي رهيو آهي. نائڪ ڪردار تي ڪتواڻي صاحب جي شخصيت جو اثر چٽو ڏسي سگهجي ٿو. پنهنجي شخصيت موجب نائڪ جي ڪردار کي چٽڻ جي ڪوشش ڪيل آهي، تنهڪري ناول جو نائڪ نفسياتي پريم کان ٻري پئجي سوکيم پريم جي تلاش ۾ ڀٽڪي ٿو. آخر هڪ سلهه ۾ مبتلا ٿيل ڇوڪريءَ سان سوکيم پريم ڏيئيس ٿو. ڪٿي ڪٿي ڪٿا جو وستار ڪافي اينگهاڙال آهي جيڪو پلاٽ جي سلسلي ۾ رڪاوٽ ٿو وجهي پر سرسري طور هي ۽ هڪ شاهڪار ناول آهي.

شري ڪرشن ڪتواڻيءَ کي پنهنجي وطن لاءِ حب آهي تنهڪري سندس لکڻين ۾ سنڌ جا جذبا ۽ سنڌي ڪردار پنهنجو آڪار پائي سگهيا آهن. خاص ڪري پهرين ٻن ناولن - اَمر پيار ۽ "منهنجي مٺڙي سنڌ" ۾ شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي لفظن ۾ "هن ڏس ۾ نوجوان اديب ڪرشن ڪتواڻيءَ جو ناول "منهنجي مٺڙي سنڌ" اهڙي صادق جذبي سان لکيل آهي جو جديد سنڌي ناولن جي صف ۾ مقبول جڳهه والاريندو. ڪرشن ڪتواڻيءَ ٻيو هڪ ناوليٽ "امر پيار" لکي پڻ آشا جاڳائي آهي ته ونس قوتون آهن، جي ڪڏهن نه کري سگهن ٿيون."

شري ڪرشن ڪتوائيءَ جا ناول اڪثر ڪري سماجڪ مسئلي تي لکيل شاعرائي ۽ فيلسوفي طرز جا آهن، جن ۾ ڪنهن نه ڪنهن نموني پريم ڪهاڻيون پلاٽ اندر اچي وڃن ٿيون. پر هن صاحب جي اها خوبي رهي آهي ته سندس پريم نفسياتي نه رهيو آهي. تنهنڪري سندس ناولن ۾ ڪٿي به فحش پڻو نظر نٿو اچي. شانتينڪيتن ۾ پڙهيل هئڻ ڪري سندس سڀ ناول توڙي ڪهاڻيون سنسڪاري آهن. ڪتوائي صاحب جي ناولن جي ٻي خوبي اها رهي آهي ته سندس ناول جدا جدا شئلي (عبارت) رکندڙ آهن. ترقي پسند دؤر جو هئڻ ڪري سندس ناولن ۾ انقلابي ويچار به ملن ٿا. سندس ٽين خوبي اها آهي ته هن ڪردارنگاريءَ طرف پورو ڌيان ڏنو آهي. انهيءَ حساب سان ڏسجي ته سندس چار ئي ناول بهتر آهن. پر انهن مان ٻه خاص خوبيون رکندڙ ۽ قابل - ذڪر آهن - "منهنجي مٺڙي سنڌ" ۽ "ياد هڪ پيار جي" جي سندس شاهڪار ناول چئي سگهجن ٿا.

"منهنجي مٺڙي سنڌ" شري ڪرشن ڪتوائيءَ جو هڪ بهترين ناول آهي. ناول جي پلاٽ کي ٽن عنوانن ۾ ورهايل آهي. (١) ڳــوٺ (٢) شهر (٣) دنيا. انهن ٽنهي عنوانن هيٺ هن پنهنجي پلاٽ جي اوسر ڪئي آهي. ناول جو نائڪ هڪ ڳوناڻي شاهوڪار جو پٽ

ٿو. اهڙي شاهڪار ڪتاب ساهت اڪادميءَ جي ميمبرن جو ڌيان ڇڪايو، تنهنڪري ١٩٨٠ ۾ کيس اِنهيءَ ڪتاب ”ياد هڪ پيار جي“ تي ساهت اڪادمي طرفان اِنعام عطا ڪيو ويو.

شري ڪرشن کتواڻي پاڻ ڪلا جو پوڄاري آهي. سندس ڪلا بابت ويچار هن ريت آهن- ”منهنجي ويچار ۾ ڪلا ۾ سڀ کان مکيه ۽ ضروري ڳالهه آهي، ڪلاڪارن جي ايمانداري. جيڪو ڪلاڪار پنهنجي دل ۽ دماغ ۽ پنهنجي آتمڪ آواز ڏانهن ايماندار نه آهي، اهو پڙهندڙن کي وندرائي سگهي ٿو، ليڪن سندن دلين جي گهرائيءَ تائين پهچي نٿو سگهي، دلين تي جٽادار اثر ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ليکڪ پاڻ سان سچو رهي.“

شايد اِهو ئي سبب آهي جو جيتوڻيڪ سندس ناول عوام ۾ ڪافي پسند پيا آهن. هڪ ناول تي کيس ساهت اڪادمي طرفان اِنعام به مليو چڪو آهي پر هو خود ڪلا جي لحاظ کان اُنهن ۾ کوٽ محسوس ڪري ٿو. ”وڇڙيل زندگيون“ ناول ۾ هن صاحب ”هيءَ ناول ۽ مان“ عنوان هيٺ لکيو آهي ”جڏهن مون پنهنجو ناول وري پڙهيو ته مونکي نه وڻيو... لکڻ تمام ڏکيو آهي. ڪجهه سرجڻ تمام ڏکيو آهي. اهو اِنسان جو ڪلا لاءِ پاڻ کي قربان ڪري نٿو سگهي. اهو

سندس ٻيو هڪ يادگار ناول آهي "ياد هڪ پيار جي" سندس عنوان مان ظاهر آهي ته هيءُ ناول پريم ڪهاڻي تي ٻڌل آهي. هن ۾ به سندس شاعراڻي ۽ فيلسوفاڻي طرز ۽ ساڳيو سوکيم پيار آهي. ناول جا ٻه مکيه ڪردار آهن: نندني ۽ ستيش، جن جي اُمنگن ۽ احساسن جو باريڪيءَ سان چٽڻ ڪيو ويو آهي. نائڪ ستيش عورت جي سونهن، قدرت جي دلفريب نظارن ۽ ڪلا جو پُوڄاري آهي. ناول جي سچي ڪهاڻي آتم ڪٿا جي نوع ۾ چيل آهي سچي ناول ۾ سندس پاڪ جذبن ڏيکاريل آهي. ايتري قدر جو هُو نائڪا سان ساري رات ڳالهيون ڪندي گذاري ٿو ڇڏي، پر جسماني ڇهاءَ کان دور ٿو رهي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ هن ناول ۾ ڏيکاريل گهٽنا ۽ نائڪ جي پيار نسبت هن ريت لکيو آهي- "ناول ۾ ڪٿواڻيءَ چالو شادي ۽ پيار جي رشتن تي سخت حملو ڪري، اُنهن کي گڏن گڏين جي شادي ڪري ڏيکاريو آهي... دوست ڪرشن ڪٿواڻيءَ سنڌي ناول کي روحاني پيار جي سوغات ڏني آهي." اِئين چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته ڪٿواڻي صاحب سنڌيءَ جي اُنهن ايڪڙ ٻيڪڙ ناول نوسن مان آهي جنکي پنهنجي فن تي پورو ضابطو آهي ۽ پنهنجي چونڊل فارم سان نباهڻ جون پوريون قوتون آهن. سندس هيءُ ناول هيل تائين ڇپيل ڳاڻ ڳٽين سنڌي ناولن ۾ اهم جاءِ والاري

ٻنهنجي شروعاتي ادبي دؤر ۾ ايڪانڪي ناٽڪ ٻڻ لکيا آهن. اِنهيءَ ڪري ناٽڪي فن تي قلم هلائيندي هن هڪ اعلوڪو وڏو ناٽڪ به لکيو آهي- "آشيانو" (١٩٧٦) جو هن صاحب "اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا" طرفان ڪرايل ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ ۾ موڪليو. آبل سيٺي ناٽڪن مان ٻهريون اِنعام "آشيانو" کي ١٩٧٤ ۾ مليو. سڄي ناول ۾ سنڌي جيوت جو جٿ چٽيل آهي. سماجڪ شان مان خاطر، جيڪي ماڻهو ڏيکاءَ لاءِ ٻڏونگ تا رچائين، تن جي کوکلائپ جو چٽو ورنن هن ناٽڪ ۾ ڪيل آهي. پر ڪٽواڻي صاحب جو نظريو اُن ۾ آشاوادي ۽ سنجيدگيءَ وارو رهيو آهي. پڙهڻ جي خيال کان ناٽڪ سرس آهي. پر ناٽڪ رڳو پڙهڻ جي چيز نه آهي، پيش ڪرڻ ۽ درشڪن لاءِ ڏسڻ جي چيز آهي، جنهن لاءِ منجهس ناٽڪي عناصرن جو هئڻ ضروري آهي. "آشيانو" ۾ اُنهن ناٽڪي پيشڪش لاءِ گهربل ٽيڪنڪ جي ڪميءَ سبب اجا تائين رنگ منچ تي اچي سگهڻ کان قاصر آهي.

شري ڪرشن ڪٽواڻيءَ نيون ڪوتائون به لکيون آهن. لٽي پٽي ڪٽواڻي صاحب جو سنڌي ساهت ۾ ڏنل يوگدان وساري جهڙو نه آهي. اجا به هن صاحب مان بهترين چيزن جي آشا رکي سگهجي ٿي. سندس شخصيت انوکي آهي. مانيٺي ۽ سنجيدي سڀاءَ واري هن شخص تي سنڌي قوم کي ناز آهي.

سرجي نٿو، راند ڪري من وندرائي ٿو. ڪلا سڄي زندگي گهرندي آهي، اڌوري نه ... (۽ آخر ۾) منهنجي اُسڪلنتا اِها آهي ته هن ناول ۾ تون نه آهين، مان آهيان."

سيڪس سنبنڌ لاءِ ايتري ئي رخيءَ اپنائڻ جو سبب ڏيندي هن چيو آهي- "وڪرو وڌائڻ خاطر سيڪس جو وڌاءُ ڪرڻ پڇم جي اَدب جو لاڙو آهي، جنهن جو اسين اَنڌو نقل ڪريون ٿا. اُن ڪريا کي بيشڪ پنهنجي اَهميت آهي ليڪن اُنجو وستار سان ورنن ڪرڻ ۾ اُن جي ڪا معنيٰ وڌي نٿي وڃي." تنهن هوندي بہ هن صاحب پنهنجين ڪن ڪهاڻين ۾ سيڪس جو ڪي قدر کليو ذڪر ڪيو آهي. "اَڪيلي" ۽ "عورت مرد" اُنجو مثال آهن.

هن وقت شري ڪرشن ڪنوٽي پنهنجا اڌورا ناول ڪن سالن کان پورا ڪرڻ ۾ لڳل آهي، جن مان سندس هڪ ناول ڏري گهٽ مڪمل ٿيڻ وارو آهي. اُن لاءِ هن صاحب چيو آهي- "ناولن تي مون گهڻي محنت ڪئي آهي، هنن ناولن ۾ مان سمجهان ٿو، پهرئون دفعو مان پنهنجو پاڻ کي ٿلانجلي ڏيئي، يعني پنهنجو پاڻ کان ڇوٽڪارو پائي، ليکڪ جي روپ ۾ ڪجهہ سرجي سگهيو آهيان".

شري ڪرشن ڪنواٽيءَ ڪهاڻيون ۽ ناول لکڻ کانسواءِ

لڌي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي جتان هن هسٽري ۽ ايڪانامڪس سان ١٩٣٨ ۾ گريجوئيٽ ٿيو. هند ۾ سينٽرل منسٽريءَ ۾ ائڊمنسٽريٽو آفيسر ٿي رهيو. جتان ١٩٧٣ ۾ رٽائر ڪيائين.

”وفا“ تخلص سان هن صاحب جيڪا شهرت حاصل ڪئي آهي، سا ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. هن اسڪولي جيون کان وٺي شعر گوئيءَ جو شوق ورايو. ڪنڊڙي شريف ۾ بالڪ پريو پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ روحل فقير جي ميلي تي هر سال ويندو هو. اُتي سنگيت محفلون ٿينديون هيون، جتي ڪيترائي شاعر به اچي ڪٺا ٿيندا هئا. ننڍي هوندي کان ئي منجهس محبت جا مچ هئا، اُنهن شاعرن جي ريس تي ڪيس به دل ٿي ته ”مان به شعر لکان“ اِنهيءَ ڪري هن پنهنجن جذبن جو اِظهار شروعات ۾ ڪچن ڦڪن لفظن ۾ ڪرڻ شروع ڪيو.

چوندا آهن محبت ڪانسواءِ ڪو شاعر بڻجي نٿو سگهي. هن صاحب جي به هڪ خاص ”شخص“ سان پريت هئي. ١٣ ورهين جي ننڍڙي عمر ۾ هن لاڙڪاڻي جي بزم مشاعري ۾ شرڪت ڪئي ۽ قادري، خادم ۽ نياز جهڙن نر شاعرن جو داد حاصل ڪيو. اُن زماني ۾ ”مصرع طرح“ تي لکيل شعر اُتي مشاعري ۾ پڙهيا ويندا هئا. سندس صحبت ۾ هري ”دلگير“ (سندس

شري پريُو "وفا"



شري پريو "وفا" هڪ مقبول ترقي پسند شاعر آهي، جنهنجي شعر ۾ سنگيت ۽ پنهنجي لئه هڪ ڌار پنهنجي هوندي آهي. هن صاحب پنهنجي هڪ جدا هستي قائم ڪرڻ لاءِ نوان تجربا ڪيا آهن، تنهن ڪري شعر ۽ شاعريءَ ۾ پنهنجو الڳ درجو قائم ڪيو اٿس. هيءُ صاحب انهن مان هڪ آهي جيڪي روايتي نظرئي کان الڳ رهي پنهنجي تخليقي طور طريقي سان هلڻ جا حمايتي آهن. ٿوري ۾ چئجي ته پنهنجي وات پاڻ ٻڌائي هلندڙ خوددار شاعر آهي. اهڙي عظيم شخصيت واري شاعر جو جنم سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلعي جي نئڊيري ڳوٺ ۾ ديوان جوتومل گيانچند جي گهر ۾ ١٩ سيپٽمبر ١٩١٥ ۾ ٿيو. سندس پورو نالو پريو جوتومل ڇڳاڻي آهي ۽ "وفا" سندس تخلص آهي. مئٽرڪ تائين تعليم، هن لاڙڪاڻي شهر ۾ پرائي جتي سندس پتا ديوان جوتومل گيانچند ڇڳاڻي هڪ ناميارو ۽ ڪامياب وڪيل هو. ڪاليج جي تعليم هن صاحب

جو استعمال سکيو ۽ ٻين جي صحبت ۾ اچڻ ڪري سنڌس ٻوليءَ ۾ ٺيٺ سنڌيءَ جا مٺا، مڌر ۽ لئه وارا لفظ وڌيڪ اچڻ لڳا. شري هوندراج "دکايل" سان ٻه سنڌس واقفيت رهي.

جيئن مٿي ذڪر ڪيل آهي "وفا" صاحب ننڍي عمر کان ئي شعر لکندو رهيو ۽ مشاعرن ۾ پاڻ وٺندو رهيو، تنهنڪري اڳتي هلي هو صاحب پختو ۽ سٺو شاعر ٿيندو ويو. ورهاڱي ڪانپوءِ ڀارت ۾ اچڻ سان سنڌس شاعريءَ انداز جيان ست رنگ ڪيڻ شروع ڪيا ۽ سنڌس ناموس چؤڌاري ڪستوريءَ جيان ڦهلجڻ لڳي.

"وفا" سنڌس تخلص هوندي به سنڌس فطرت جو هڪ ذاتي گڻ بڻجي پيو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين کڻي چئجي ته هن صاحب پنهنجي تخلص سان بخوبي نباهيو آهي. هن تخلص کي پسند ڪرڻ جا هن صاحب وٽ سبب آهن - (١) وفا سنڌس ذاتي گڻ آهي (٢) "وفا" هڪ ننڍڙو مٺڙو لفظ هئڻ ڪري گيت يا غزل ۾ آسانيءَ سان کپائي سگهجي ٿو.

ٻين شاعرن جيان هن صاحب پڻ شعر جي لڳ ڀڳ سڀني صنفن تي ڪلڪراني ڪئي آهي. جن مان کي سنڌس من پسند صنفون آهن: رباعيون، غزل، گيت، نظم ۽ بندڪڙا، هر صنف تي هو باخوبي لکندو آهي

ڀڳتات) ۽ هو جو هم ڪلاسي ۽ هوس. ٻئي ڪوٽا جي اڳڻ ۾ ٻانڊڙا ٻائيندي گيت ۽ غزل لکندا هئا. مصرع طرح تي شعر لکڻ لاءِ بحر وزن جي ڄاڻ ضروري آهي. اِنهيءَ ڪري علم عروض جي ڄاڻ پرائڻ خاطر شري هري دلگير سان گڏ شروعاتي دؤر ۾ نواز علي "نياز" سندس اُستاد ٿيو. هن صاحب جي اوطاق تي وڃي ڪجهه ڏينهن علم عروض جي سکيا وٺائين لکيل شعر اُستاد "نياز" صاحب کي ڏيکاري سڌارائي، پوءِ مشاعري ۾ شرڪت ڪندي پڙهندا هئا. اهڙيءَ طرح "وفا" صاحب لفظن جي بندش ۽ خيالن جي نزاڪت علم عروض جي سکيا وٺندي حاصل ڪئي.

لاڙڪاڻو اهو خوش نصيب شهر آهي، جتي بيوس صاحب "سنڌي شاعريءَ جو وهائو تارو" ثابت ٿيو. پروفيسر رام پنجواڻي، هري دلگير ۽ پريو "وفا" جهڙا لکل لال سندس پرپرٽا پائي، شاعريءَ جي کيتر ۾ اڳيان وڌيا. اِنهيءَ ڪري عام طرح هنن ٽنهي اعليٰ ساهتڪارن کي "بيوس" سائينءَ جو شاگرد سڏيو ويندو آهي، جو "نياز" صاحب ڪانپوءِ هري دلگير ۽ پريو وفا جي واقفيت سائين بيوس سان ٿي ۽ اُن کان ڪافي متاثر ٿيا. ٻن ٻن اُستادن کان علم سکڻ ڪري "وفا" صاحب کي ٻوليءَ تي ڪافي دسترس اچي ويو. "نياز" کان هوُ پنهنجي شعر و شاعريءَ ۾ فارسي لفظن

(١) او منهنجا پرديسي پريتم تنهنجي ياد ستائي ٿي...

(٢) جيسين جان ۾ باقي دم رهندو
ڇا دل ۾ ڇوڙي جو غم رهندو؟......

ٻئي نمبر گيت کيس اها شهرت ڏني جو اهو گيت اڄ به هر سنڌيءَ جي لبن تي رقص ڪندو نظر ايندو آهي. ڀارت ۾ اڄڪلهه ڪانئوءَ سندس گيت جيڪو لوڪ پريه ٿيو آهي سو آهي-

”ڪشت ڪشالا ڪٽبا ويندا هڪ هڪ ٿي.
درد خوشين ۾ مٽبا ويندا هڪ هڪ ٿي.“

عاشق مزاج هئڻ ڪري هڪ هنڌ گيت ۾ چيو اٿائين-

”پيار جي دنيا جو اُلٽو ئي رهيو دستور آ
هار کائيندا هلو ۽ سوڀ پائيندا هلو.“

پريو وفا ترقي پسند شاعر آهي. ڪٿي دردوندن جون داهون پڌي هوُ چوي ٿو-

”نرڌن ۽ نربل ٿي ظالم ڏيکارين ٿو ٻـل پنهنجو
ڪنهنجي لهوءَ مان اي پاپي تو لال ڪيو هي ڳل پنهنجو
ڪنهن ڏينهن دردي دل جي دانهن دکائيندءَ نشتر بڻجي
تنهنجو سر توڙيندو پاپي پاپ اهو پٿر بڻجي.“

بحر وزن ۽ سنگيت جو قائل هئڻ ڪري ”وفا“ صاحب اُنهن ٻـي چيزن تي قلم آزمايو آهي، جيڪي ڳائي سگهجن، جيڪي سر تال ۾ هجن. انهن ڪوتا ۾

پر ته به سندس وڌيڪ لڳاءُ گيت، غزل ۽ بندشن سان آهي، جيڪي صنفون هنگي سڀ کان وڌيڪ پياريون آهن. "وفا" صاحب جون رچنائون وقت به وقت "ڪونج" "رچنا" "نذرانو" جهڙن رسالن ۽ "هندواسي" اخبار ۾ شايع ٿينديون رهنديون آهن. مجموعي جي روپ ۾ سندس شعرن جا ٽي ڪتاب شايع ٿيل آهن- (۱) جهنڪار (۱۹۵۴) (۲) پرواز (۱۹۶۴) ۽ (۳) سرخ گلاب سرها خواب (۱۹۸۰). سندس پهريون پستڪ جهنڪار گيتن جو پستڪ آهي، جنهن جي گيتن ۾ سرتال ۽ لئه جو ايترو ته خيال رکيل آهي جو انهن مان ڪيترن گيتن کي سر ڏنو اٿائون. ڪي گيت سنڌي فلمن ۾ فلمايا به ويا آهن ۽ ڪن دوگانن جا رڪارڊ به تيار ڪيا ويا آهن. سندس شعرن جو ٻيو پستڪ "پرواز" گيتن، غزلن ۽ نظم جو مجموعو آهي.

"وفا" صاحب جي صحبت اڪثر ڳائيندڙن ۽ سازيندڙن سان ٿئي رهي آهي نه صرف ايترو بلڪ سندس ڪٽنب ۾ ئي ڀائر ۽ پيئر ڳائيندڙ هئڻ ڪري سندس طبيعت رنگين ۽ سنگيت ميه ٿي رهي آهي ۽ شايد انڪري ئي شروعاتي دؤر ۾ گهڻو تڻو غزل ۽ گيت رچڻ جو شوق جاڳيس. اهي رچنائون سرن جي سانچي ۾ پلجي سنگيت محفلن ۾ ڳائجڻ لڳيون. سندس ڪي گيت ڪافي مشهور رهيا. ڏسو-

جي شعر لکي نٿو سگهجي. شعر سنگيت ۾ هڻڻ گهرجي، جيئن ڳائڪ اُنهن کي بخوبي ڳائي سگهي. فقط علم عروض جا قائدا سکڻ سان شاعري نٿي سکي سگهجي. اُن ۾ مغز کان وڌيڪ دل کپي، دل جي تڙپ کپي."

شري "وفا" جي شاعريءَ تي ڪيترن ئي سنڌي شاعرن جو اثر رهيو آهي. ورهاڱي کان اڳ شاهه، سچل، روحل، نياز ۽ بيوس جو ۽ ورهاڱي کانپوءِ شيخ اياز ۽ نارائڻ "شيام" جهڙن قابل شاعرن جي شعرن کان ڪافي متاثر ٿيو. جيتري قدر ڀارت جي ٻين ٻولين جي ساهتڪارن جو سوال آهي - ڪيس بنگالي ساهت جي ٽئگور، هنديءَ جي سمترانندن پنت، سوريڪانت ترپاٺي نرالا ۽ مهاديوي ورما، اُردوءَ ۾: شڪيل داغ، جوش، مليح آبادي جو ڪافي اثر رهيو آهي. سندن شعرن جا مجموعا ڌيان سان پڙهيا اٿائين. اُنهن سڀني شاعرن جو مجموعي اثر سندس شاعريءَ تي آهي. وديشي ساهت ۾ خليل جبران (سريا) جو "پرافيٽ" ڪتاب چڱو ڌيان سان پڙهيائين ۽ اُنجو سنڌي ۾ ترجمو "پيغام" جي عنوان سان ڪيائين، جيڪو هاڻي تعليمي کاتو ڇپائي رهيو آهي. انگريزيءَ جي براؤننگ به ڪافي متاثر ڪيس.

شعر لکڻ "وفا" صاحب جو مکيه شؤق بڻجي پيو آهي. شعر لکندي سندس دل کي سڪون ملي ٿو ۽

اِهي ڳالهيون نه ملڻ ڪري پرڀوُ "وفا" نئين ڪوتا لکڻ کان ڪنارو ڪيو نه ٿو سمجهي، ڇو جو سندس لفظن ۾- "نئين ڪوتا ۾ نه مونکي ڪجهه نئون نظر ايندو آهي نه اُها مونکي "ڪوتا" اُي لڳندي آهي... نئين ڪوتا ۾ دل جو جذبو گهٽ ۽ مغزي کوٽ کوٽان وڌيڪ نظر ايندي آهي." ظاهر آهي نئين ڪوتا، سندس دل کي اچا ٽائين ڇهي نه سگهي آهي.

گيتن کانپوءِ "وفا" صاحب جي پريه صنف غزل رهي آهي جو غزل شعر جي ڪنوار آهي ۽ اُن ڪنوار سان وفا صاحب وفائي ڪئي آهي، تنهن ڪري قرب وچان غزل کي سنجيدگيءَ سان سجايو اٿس. غزل هن صاحب اُردو شاعرن کان متاثر ٿي لکيا آهن. خاص طور اِقبال ۽ غالب جو مٿس چڱو اثر رهيو. سندس هڪ غزل جون چند مصرعون پيش آهن-

"عشق دل جو حسين جذبو آ
حسن پڻ هڪ اِلاهي جلوو آ
حسن آٿي تو زندگيءَ ۾ جان
عشق جڳ روح زندگيءَ جو آ
ڪالهه پڙدو هيس اکين تي پر
اَڄ نگاهن جي وچ ۾ پڙدو آ"

شعر بابت پرڀوُ وفا پنهنجا ويچار هينئن ريت ظاهر ڪيا آهن- "شعر معنيٰ جذبات، دل جو اُمنگ، بنا اُمنگ

تي لڳاتار قلم آزمائي ڪندي اٽڪل پنج سؤ کن پنجڪڙا لکي ورتا اٿس. نئين ايجاد ڪري هن صنف ۾ هن صاحب ڪافي شهرت حاصل ڪئي آهي، انهن ڪري سنڌس پنجڪڙن جي مجموعي "**سرخ گلاب. سرها خواب**" تي کيس ١٩٨١ ۾ سهمت اڪادمي انعام عطا ٿيو. جنهن ۾ اٽڪل ٣٠٠ چونڊ پنجڪڙا آهن.

هن ڀڄ ڀڄ واري زندگيءَ ۾ وقت جي ڪمي محسوس ڪندي پريو وفا پنجن سٽن واري ننڍڙي ڪوتا "پنجڪڙو" لکي آهي، جنهنکي پڙهندي ڪوبه بور نٿو ٿئي. حقيقت ۾ پنجڪڙو هندي ڇند "دوهي" جي آڌار تي ٻڌل آهي. اها نئين صنف ايجاد ڪرڻ پٺيان "وفا" صاحب جو خاص ڪارڻ رهيو آهي. هن صاحب ڪبير، ميران ۽ نانڪ جي دوهن پڙهڻ سان متاثر ٿي وچار ڪيو ته دوهن جهڙي سنگيت، مٺ لئه، سنڌي شعر ۾ آڻجي. انڪري هڪ نئين صنف "پنجڪڙي" جي ايجاد ڪئي. پنجن سٽن واري ننڍڙي ڪوتا هئڻ ڪري هنکي "پنجڪڙو" نالو ڏنو، جنهن ۾ دوهن جهڙي ساڳي لئه (Rhythm) ۽ سنگيت آهي ۽ مڪمل خيال سمايل ٿئي ٿو.

"وفا" صاحب کي پنجڪڙن لکڻ جو انوکو ڏانءُ آهي. ڪلاتمڪ ڍنگ سان وچار کي سهڻي نموني اظهاريو اٿس. پنجڪڙي ۾ پهرين سٽ جو دهراءُ پنجين

هُو شعر لکڻ جي ڪلام کوئجي وڃڻ چاهي ٿو. سندس هڪ جديد دؤر جي ڪشمڪش وارو غزل ڏسو جنهن ۾ فيلسوفاڻا ويچار پيل آهن-

”هڪ لهي ٻي چڙهي مٿان چنتا
ڪشمڪش ۾ ٿو ٿئي گذر پنهنجو
هڪ جمڻ ٻيو مرڻ ٻه ڏينهن حيات
قصو ڪيڏو نه مختصر پنهنجو!“

وفا صاحب اڄ جي ڍونگي پوڄارين ۽ ڌرمي اند وشواسن کي خوب ننديو آهي. پاکنڊي پوڄارين جي بناوٽي نموني تي (ڪبير وانگيان) ٽوڪون ڪندي صحيح رستي تي هلڻ جي هدايت ڪئي اٿس. ڏسو-

”ٽاڪر تي ٿو ڀوڳ لڳائين
پٿر جي ٿو پيٽ چڙهائين
ڏين ڏکين جو ٻڌڙي موڪو! درد ڀلو ورلاپ
ڇڏ مالها جو جاپ پوڄاري، ڇڏ مالها جو جاپ“

هاڻي اچون سندس محبوب صنف پنجڪڙي تي. وفا صاحب ڪوتا ۾ نواڻ آڻڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. ”پنجڪڙو“ سنڌي ساهت ۾ هڪ نئين صنف آهي، جا وفا صاحب جي سنڌي شاعريءَ کي پنهنجي نجي ڏين آهي. ٽنهنڪري گيت ۽ غزلن کانپوءِ سندس محبت پنجڪڙن سان ابتري ته ٿي ويئي آهي، جو اُن صنف

لکيون اٿائين. هڪ پنجڪڙي ۾ خدا جي هستيءَ کان انڪاري ٿيندي چوي ٿو-

"هٿين جي پريهورڻ ٽون پاڻ
ٿيڻ ڄو جڳ جوڙڻ جي لوڙ؟
وري جوڙيءَ ۽ نه هڙي جوڙ!
پسون پيا چوڏاري رت ڇاڻ"

خدا کي انسان جو خلقيل هڪ خوب خيال سمجهندي هڪ پنجڪڙي ۾ لکي ٿو-

"خدا هڪ آهي خوب خيال"
روح جو رس مٺو، سڪ مٺي واڳ
منش جي پورنتا جو ماڳ
ايڪتا جو هڪ روپ وشال"

وفا جي پنجڪڙن بابت شري هري دلگير جو رايو هن ريت آهي- "وفا جي پنجڪڙن ۾ جهرڻن جي جهر جهر ستارن جي سونهن ۽ گلن جي خوشبوءِ آهي. منجهن شراب جو خمار به آهي. پڙهڻ سان ائين من سونهن ۽ سنگيت جي مست لهرن ۾ لڙهي ٿو وڃي. وفا جي طرز تي پنجڪڙا ٻين به لکيا آهن پر وفا جا پنجڪڙا پنهنجو مٽ پاڻ آهن."

"وفا" صاحب وسيع اڀياس جو مالڪ آهي، اُن ۾ ٻه رايا نٿا ٿي سگهن. هڪ اعليٰ درجي جو شاعر آهي جنهن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي ڪلڪ

سٽ ۾ ڏٺي ٿو. ٻهرين ۽ چوٿين، ٻي ۽ ٽين سٽ هم قافيه. ٽين ٽيون ۽ پنجين سٽ چوٿين سٽ سان هم قافيه. ڇهين پنجڪڙي ۾ لئه پيدا ڪري ٿي. ڪجهه مثال پيش آهن-

”ڪلا ڪي لوڪ پريه نه ڇڏاءِ
ڪلا ميه لوڪن ڪي ڪر ميٺ
ڪلا ۾ ڀاوَ سچا پير ميٺ
رڳو من جي موڄ واسطي ڳاءِ“

شاعر من جي موڄ واسطي ئي ڪلا جو سرجن ڪري ٿو.

زندگيءَ ۾ دک، ظلم ۽ بي انصافيءَ جو هر هنڌ بول بالا آهي. انهيءَ جي باوجود ”وفا“ صاحب جو نظريو هميشه آشاوادي پئي رهيو آهي. هڪ هنڌ پاڻ چيو اٿس. ’آشا انسان لاءِ هڪ سنجيوني بوٽي آهي، هڪ ناٽڪ آهي جنهن تي انسان نچي ٿو. آشا سان گڏ آتم وشواس به جي آهي ته بوءِ ئي سوڀ جو سهرو هٿ ايندو.‘ هر حالات جو راز اميد ۽ پاڻ ۾ ويساهه آهي-

”ايمان جو پاند هٿان نه ڇٽي
پيو باقي سو سهي وڃبو
ويساهه وفا جي دل ۾ آ
آخر ڪجهه پائي ئي وڃبو“

ائين ناهي ته هن صاحب صرف آشاوادي ڪوتائون ئي پئي لکيون آهن. ڪجهه انقلابي ڪوتائون به

پروفيسر پوپٽي هيرانندڻي

سنڌي ساهت ۾ ٽي چار ليکڪائون ئي آهن. پر جنهن ليکڪا پنهنجي قلم سان سنڌي ساهت کي مالامال ڪري جو اُدِيش اڳيان رکيو آهي سا آهي پوپٽي هيرانندڻي. هيءَ هڪ خوددار، بيباڪ ۽ ودروهي فنڪاره به آهي ته ٻيءَ طرح زياده نويس ۽ اوچ ڪوٽيءَ جي ليکڪا به آهي. سندس جنم ١٧ سيپٽمبر ١٩٢٤ ۾ حيدرآباد (سنڌ) ۾ ٿيو. سندس پورو نالو آهي پوپٽي رامچند هيرانندڻي. پوپٽيءَ جا وڏا ميرن جي درٻار ۾ وزير هوندا هئا. سندس پتا فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ وڏو آفيسر هو.

پوپٽيءَ اسڪولي تعليم حيدرآباد سنڌ جي ڪنڊنمل گرلس هاءِ اسڪول ۾ حاصل ڪئي. پڙهڻ ۾ ذهين هئڻ ڪري سال ۾ ٻه درجا ٽپي، چوڏهن ورهين جي ننڍي عمر ۾ ئي ١٩٣٩ ۾ هن مئٽرڪ پاس ڪئي. پوپٽي اڃا ڏهن سالن جي مس هئي ته سندس پتا

راني ڪئي آهي. پنهنجي محبوب صنف جنهنکي هن وقت بوقت مالا مال ڪيو آهي، تنهنجي ڇاپ ٻين شاعرن تي هن گهري ڇڏي آهي، تنهنتي رائزني ڪندي نقاد شري هيري ٺڪوڪائيءَ چيو آهي- "پنجڪڙي تي تجربي ڪرڻ مثال پنهنجون سموريون قوتون صرف ڪندي به، پنيان ڪو بوءِ لڳي پيدا ڪري نه سگهيو آهي ۽ نه وري اڄ هزار کن پنجڪڙا لکندي به، هو انتي پنهنجي ڪا مخصوص احساسات جي ڇاپ هڻي سگهيو آهي. هو پاڻ مڃي ٿو، پنجڪڙي مان هڪ تي مهل رباعي، غزل .. سورٺي جو سڪون لهنديون آهن"

تنهن هوندي به "وفا" صاحب پنهنجي ڪل ذخيري جي ڪري سنڌي قوم جو مايه ناز شاعر آهي. شال سندس شعر جو شغل ۽ شوق قائم رهي.

کان ٻه ٽي سالا ٻرابت ڪري پوپٽيءَ لکڻ شروع ڪيو.
ڪتابن پڙهڻ جو شوق ته ڪيس هئو ئي.

هن هڪ ليکه تيار ڪيو ”اُتر ڪير استري يا پرش؟“ جيڪو ڪراچيءَ جي ڪنهن رسالي ۾ شايع ٿيو. پهرئين ئي ليکه هنکي واهه واهه سڻائي. پوءِ ته هنکي اُتساهه مِلي ويو ۽ هوءَ پنهنجي قلم جو ڪمال ڏيکاريندي رهي. ورهاڱي بعد ٻڙودي مان نڪرندڙ اخبار سنسار سماچار ۾ هن پنهنجو ليکه ”پپيهي جي پڪار“ موڪليو جو پڻ شايع ٿيو. اهڙيءَ طرح سندس لکڻ جو سلسلو هلندو رهيو. سندس ليکه ۽ ڪهاڻيون هندستان اخبار ۽ هندواسيءَ ۾ ڇپجي لوڪپريتا حاصل ڪندا رهيا. پهريون ڪهاڻيون جيڪي هن لکيون سي هندي ڪهاڻين جون رتائون ڪٽي ڪجهه ڦيرڦار ڪري لکيون هئائين. سندس پهريون اصلوڪي ڪهاڻي هئي. ”چوندهندي ٻير وچي پيو ڪڪڙين“ هڪ طنزي ۽ مذاقي ڪهاڻي جا هندستان اخبار ۾ ڇپي هئي. ١٩٤٩ کان ١٩٦٥ تائين لڳاتار مذڪور اخبارن ۾ سندس لکڻيون ڇپجنديون رهيون ۽ سندس فن جي عڪاسي ڪنديون رهيون.

پروفيسر پوپٽيءَ جي لکڻيءَ تي ڪيترن ئي شخصيتن جو اثر آهي. سنسڪرت ساهت جي ڪوي ڪاليداس ۽ ڀوڀوتيءَ، هنديءَ جي مئٿلي شرڻ گپت

وفات ڪئي. گهر جي ذميواري سندس تي ۽ سندس ڀاءُ تي اچي پئي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ پوپٽيءَ کي پنهنجي ئي اسڪول ۾ ماستريءَ جي نوڪري ملي. پر ساڳئي وقت هن پنهنجي پڙهائي به جاري رکي. ڪاليج جي تعليم ساڌو واسواڻيءَ جي ڪوليل ميران ڪاليج مان پرائي. انٽر ڪرڻ بعد بنارس هندو يونيورسٽيءَ مان سڀ پاسائون ڪڍي ١٩٤٣ ۾ بي. اي. ڪيائين ۽ سڄي يونيورسٽيءَ ۾ پنجون نمبر بيٺي.

ورهاڱي بعد ڪجهه عرصو بمبئيءَ جي سنڌ ماڊل اسڪول ۾ ماستريائي ٿي رهي. هن وقت هوءَ ڪي. سي. ڪاليج ۾ پروفيسر ۽ سنڌي وڀاڳ جي پرمکه آهي. سندس لياقت کي تسليم ڪيو ويو آهي. تنهنڪري هوءَ يونيورسٽيءَ جي ٽيچر ۽ Ph.D جي گائيڊ پڻ آهي.

ڪماري پوپٽي ڪاليج جي پڙهائيءَ دوران شري هاسومل ماڪيجاڻي، جو ڪيس ايڪانامڪس پڙهيندو هو، تنهن وٽ پنهنجا سوال ڪڍي ڏيکارڻ لاءِ ويندي هئي. هڪ دفعي هڪ سوال جو جواب هاسيمل کي ايترو ته وڻيو جو هن ڪماري پوپٽيءَ کي ڪا رچنا تيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪندي چيو- "خيال جو وستار ڪرڻ ۽ وستار واري ڳالهه کي ننڍو ڪري لکڻ جو ڏانءُ تو ۾ آهي. تون هڪ سٺي ليکڪا بڻجي سگهين ٿي." هن صاحب

ڪهاڻيون (١٩٥٣) (٢) بڪار (١٩٥٣) (٣) ڪلي گلاب جي ساغر شراب جو (١٩٦٧) (۴) مون توکي پيار ڪيو (١٩٧٥) (٥) خزان جو دؤر پورو ٿيو (١٩٧٦) ۽ (٦) شهناز (١٩٨٣). "مون توکي پيار ڪيو" ڪهاڻين جي مجموعي تي کيس تعليمي ڪاتي پاران ١٩٨٠ ۾ اِنعام عطا ٿيو.

ساهت جو زندگيءَ سان گهرو لاڳاپو آهي، تنهنڪري زندگيءَ جي مسئلن جو اثر ساهت تي اوس پوي ٿو. پروفيسر پوپٽيءَ به زندگيءَ جي اُنهن اَهم مسئلن کي کڻي، اُنهن ۾ پنهنجي قلم دوارن رنگ ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شري گوبند مالهيءَ "رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون" پڙهي فرمايو آهي "هوءَ مونکي ليکڪا نه پر فريادڻ لڳي. مرد جي ڏاڍ ظلم ۽ بي اِنصافيءَ خلاف قلم سان وڏي واڪي چلائيندڙ فريادڻ ۽ هر مرد لاجواب ۽ ويچارو ڏٺم، هنجي بيباڪ بغاوت اڳيان." فريادڻ هئڻ ڪري ڪي کيس مارڪسوادي اثر واري ليکڪا مڃيندا آهن پر حقيقت ۾ هوءَ صاحبان ترقي پسندن کان ڏهه ڪوهه ڏور رهندڙ ڪنهن به واد کان پري آهي، جيتوڻيڪ سندس رچنائن کيس باغي ۽ بيباڪ ليکڪا ثابت ڪيو.

سندس ڪهاڻين ۾ موضوعن جي نزاڪت ۽ نرالپ هوندي آهي. پروفيسر پوپٽي استري ۽ پرش جي رشتن بابت انوکا ويچار رکندڙ آهي. هن پرش جي خود

وغيره جي ساهت جو مٿس گهرو اثر پيو. تنهن کانسواءِ ساڌو واسوائي، سوامي وويڪانند، مهاراڻا پرتاپ ۽ شيواجي، سندس جيون جا آدرش رهيا آهن. انهن شخصيتن کيس گهڻو متاثر ڪيو آهي.

پيڻ پوپٽي انهن تورن سنڌي ساهتڪارن مان آهي، جن جي ساهت ۽ لکڻيءَ ۾ رس آهي. هيءَ پيڻ اٽڪل ٣٥ سالن کان به وڌيڪ عرصي کان، سنڌي ساهت جا گهڙا پرينديي رهي آهي. ڪهاڻيون، ناول، مضمون، ناٽڪ، جيوني ۽ ڪوتائون لکڻ سان گڏوگڏ، سنڌي ساهت جي اتهاس جون ڪجهه ڪڙيون پڻ جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس ۽ تنقيدي ليک پڻ لکيا اٿائين. هيل تائين سندس ٣٢ کان به وڌيڪ ڪتاب جدا جدا صنفن تي شايع ٿي چڪا آهن. سندس شخصيت يڪ رنگي نه آهي، بلڪ انهن چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته سندس شخصيت اندلت وانگر ست رنگي آهي، تنهنڪري سندس قلم بند ڪيل ساهت جي ڪن صنفن کي کڻي سندس ساهتڪ يوگدان ڏسجي ته بهتر.

پروفيسر پوپٽيءَ ساهتڪ ڪيتر ۾ لڳ ڀڳ ڪهاڻين سان شروعات ڪئي. ان شروعاتي دؤر کان اڄ تائين اٽڪل به سؤ کان به وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون اٿس، جن مان ڪي ڪهاڻيون مجموعن جي روپ ۾ شايع ٿيون آهن، سي اٿس - (١) رنگين زماني جون غمگين

وِتَ يڪ پسند پيون آهن، سي آهن- ڳسڪٽي، داغ، ڪانتا، وڌوا جي شادي، برهما جي پـــل، پنهل پاراتو ڏيان ۽، مون توکي پيار ڪيو، خواب ۽ ڏوڙ جو اُڏامڻ وغيره. سماجڪ ۽ ڪن طنزي ڪهاڻين ڪانسواءِ ”هيءَ ذات پرواني جي“ جهڙيون مذاقي ڪهاڻيون به لکيون اٿائين. سندس عورت بابت ويچار هن ريت آهن- ”برابر عورت پيار ۾ ئي پورنتا پائي ٿي پر اُن کان به وڌيڪ اهـــم آهي، سندس انسان ٿـي جيئڻ، ڪيس مرد جو اڌين نه بـر واهرو ٿي جيئڻ گهرجي.“ شايد اِنهن متفرق ويچارن جي ڪري ئي هن صاحبان شادي نه ڪئي.

پروفيسر پوپٽيءَ استري پرش جي رشتي کـــي هر نڪتي نظر کان ڏٺو آهي. تنهن هوندي سندس ڪهاڻين ۾ فحاشپڻو ڪونهي. هڪ دفعو وري مان موٽي پرڪاش جي لفظن ۾ چوندس ”پوپٽيءَ جون گهڻيون ڪهاڻيون اِستري پرش جي سمبنڌ تـي رچيل آهن ۽ اُن سمبنڌ کي هر پهلوءَ کان، هر ڪنڊ کان، بنا لڪ چپ جـــي بيباڪيءَ سان چٽيو آهي. سندس اِها بيباڪي اُنهن مرد ليکڪن لاءِ هڪ مثال آهي، جيڪي اِستري پرش جي سمبنڌ جو ذڪر ڪندي جنس جي عظمند پهلوءَ کي نظرانداز ڪري ڳنڍ ۾ وجهـــي ڪرندا آهن“ سندس گهڻيون ڪهاڻيون سماجڪ حقيقتواد تي ٻڌل آهن.

سنڌ جي ممتاز فنڪارا ماهتاب محبوب ڀيڻ پوپٽيءَ

غرضي ۽ اِستريءَ جي لاچاريءَ کي جدا جدا روپن ۾ اِظهار ڏنو آهي. سنڌس ڪن ڪهاڻين ۾ مرد ذات لاءِ همدردي پڻ ظاهر آهي. شري موتي پرڪاش جي لفظن ۾- ”پوپٽي اُنهن ٿورن سنڌي اديبن ۽ اديبائن مان آهي، جن استري ۽ مرد جي رشتي کي صحتمند ڪند کان ڏنو آهي ۽ هُنجي نه فقط ڪمزورين کي بي نقاب ڪيو آهي پر سنڌن سچاويڪ ڪمزورين ڏانهن همدرداڻو رخ ورتو آهي.“

سچ ته پروفيسر پوپٽي ڪنهن به ڌارا جي وهڪري سان نه جڙي پنهنجو هڪ الڳ ئي پيچرو ورتو آهي، جنهن تي هلندي هلندي هن صاحبان ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ پنهنجي هڪ الڳ حيثيت جوڙي ورتي آهي. پر تنهن هوندي به سندس ڪهاڻين ۾ ڪن نقادن موجب ٽيڪنڪ جون ڪي اوڻايون آهن. هڪ نوجوان نقاد هريش واسواڻيءَ اِنهيءَ باري ۾ چيو آهي- ”پوپٽي وڏيڪ حقيقت پرست آهي. ۽ تمام سماجي ويؤسٿا جي ٽڪر ۾ استري ڪردارن جي مجبورين ۽ سنگهرشن کي هاڻوڪن حوالن سان اُڀاري ٿي پر ٽيڪنڪ ۽ تخليقي تبديلين جي غير موجودگي سندس ڪهاڻين کي وقتائتو محسوس ڪرڻ کان قاصر آهي.“

ڪماري پوپٽيءَ جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون دل کي ڇهندڙ آهن. سندس ڪهاڻيون جيڪي عوام ۾

هر پاڻ ڪنهن نہ ڪنهن ٻاڻ ۾ پاڻ کي محسوس ڪندو.
سنڌي سماج جو ماحول ڏيئي سنڌي جيوت جو نقش
چٽيو اٿس ۽ سماجڪ اوڻاين جي اوگهڙ ڪئي اٿس.
سهڻي ڪردار نگاري، عالماڻي عبارت ۽ نراڪت واري
سليس ٻولي سندس ناول جا خاص گڻ آهن. ٽهلرام آزاد
جي لفظن ۾ - "هيءُ ناول سنڌي جيوت جو درپڻ
آهي ۽ ساهت جي مالا ۾ هڪ آبدار موتي ثابت ٿيندو."
اهڙو ضرور چئبو تہ پروفيسر پوپٽيءَ کي سنڌي
ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ جيڪا ڪاميابي حاصل ٿي
آهي ۽ جنهن بلنديءَ تي پهتي آهي، ناول نويس طور
سندس فن اها بلندي پائي نہ سگهيو آهي، تنهنڪري
ناليرن ناول نويسن جي صف ۾ اهو درجو پائي نہ سگهي
آهي، جيڪو گوبند مالهي ۽ ڪرشن کٽواڻي ۽ سندري
اتمچندانيءَ کي آهي. پروفيسر پوپٽيءَ جا جدا جدا
وشين تي لکيل مضمون، هندواسي جا ٽن ڏينهن
"هندستان" ۾ سڏبي هئي، ان ۾ لڳاتار کي سال
هر هفتي شايع ٿيندا رهندا هئا. ادب جي ٻين شاخن
جي ڀيٽ ۾ مضمون جو وشي گهڻو وسيع آهي. تنهن ۾
بہ پروفيسر پوپٽي هيراننداڻيءَ پنهنجي فن دوران
گونا گون وشيہ کڻي زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي ڇهيو
آهي. ساهت، سماج، فيلسوفي، راجنيتي، اتهاس مطلب
تہ هر مواد کي هن پنهنجي ڪلڪ سان سجايو ۽ سنواريو

جي ڪهاڻين بابت لکيو آهي- ”هن جي ڪهاڻين ۾ سماج جي سچي ۽ خوبصورت عڪاسي ڪيل هوندي آهي. زندگيءَ جي جهلڪ، اندر جي تڙپ ۽ امنگون هونديون آهن. سندس اِهي جذبا پڙهندڙ جي سوچ سمجهه ۾ هلچل پيدا ڪن ٿا. اِها ئي هنجي فن جي وڏي خوبي آهي.“

ڀارت ۾ اچڻ کانپوءِ جيئن اسلوڪا ناول لکڻ جو دؤر شروع ٿيو تيئن پروفيسر پوپٽيءَ به اُن شاخ ۾ قلم آزمائي ڪئي. هن چار ناول لکيا آهن. (١) منجهؤ (١٩٥٠) (٢) حسرتن جي تربت (١٩٦١) (٣) جيءَ ۾ جهوري تن ۾ تات (١٩٦٦) ۽ (۴) سيلاب زندگيءَ جو (١٩٨١) سندس ناول گهڻي ڀاڱي پنهنجي سدارين جي لحاظ کان لکيل، مواد جي نواڻ وارا ۽ خيالن جي گهرائي رکندڙ آهن. ”منجهؤ“ ناول ۾ جيون جا نيا مسئلا نقش ٿيل آهن جن ۾ ”ڪلا جيون لاءِ“ وارو اُصول اپنايل آهي. ”حسرتن جي تربت“ جي باري ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي ”ناول جو موضوع جهوني زماني جو آهي ۽ ماحول غير سنڌي، ناول جي لکڻي نهايت پختي، فلسفائي ۽ شاعرائي آهي.“

ناول نويسيءَ جي ڪلا جي جهلڪ سندس ناول ”سيلاب زندگيءَ جو“ مان بخوبي ملي ٿي. هن ناول ۾ هن پنهنجي جيون جا اهڙا تلخ آزمودا پلٽيا آهن، جو

ورهيت جو احساس نٿا ڪرائين. هو ڏاڍا وڻندڙ ۽ دلچسپ ٿين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ ڪ سنڌس لفظن جي لئه ۾ لين تي رچنا مان دل گهريو آنند پائين ٿا. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي لفظن ۾ ”ٻوليءَ جي شيريني، لفظن جي چونڊ، اصطلاحن جي محبوبائي جيتري پوپٽيءَ جي لکڻين ۾ آهي، سا ورلي ڪنهن ليکڪ ۾ هوندي.“

پروفيسر پوپٽيءَ جو ساهتڪ ۽ ڪوجناتمڪ مضمونن جو ٻهوڏو انداز آهي. سنڌس اِن قسم جا مضمون ”هڪ پشپ پنڌ رهن پنکڙيون ۽ ”چٽن چٽڪن چٽ ۾“ گٽڪن ۾ آهن. هنن گٽڪن ۾ سنڌس شاهڪار ڪتاب رهيو آهي- ”هڪ پشپ پنڌ رهن پنکڙيون“ جنهن تي کيس به اِنعام مليا. هڪ ١٩٦٢ ۾ ”اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا“ پاران ٻهريون اِنعام ۽ ٻيو ساڌو واسواڻي مشن طرفان. مضمونن جي ڀرتين ئي ڪتاب کيس مقبوليت ڏياري، تنهن بعد پروفيسر پوپٽيءَ جي اِنعامن جو سلسلو هلندو رهيو آهي. ١٩٨١ ۾ سنڌس ساهتڪ شيوائن جو قدر ڪندي ”اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا“ پاران عوام اڳيان ٻيهر پوپٽيءَ جو سنمان ڪندي، پنجن هزارن جي ٿيلهي ڀيٽ ڏني وئي.

اِن رهت ٻيهر پوپٽيءَ ساهتڪ کيتر ۾ جيڪا ترقي ڪئي آهي انهن بابت ٻرڪ اديب (سرڳواسي) منگهارام

آهي سو به دلچسپ نموني. ٻين لفظن ۾ چئجي ته هن سماجڪ، ڌارمڪ، راڄنيتڪ، سانسڪرتڪ (سيمينٽڪ) هر قسم جا موضوع پنهنجن مضمونن ۾ کنيا آهن. تنهن ڪانسواءِ هن ڪجهه ڪوجناتمڪ ۽ تواريخي ليک پڻ لکيا آهن. خاص طور سماجي موضوع کٽي لکيل سندس مضمون: نر ۽ ناري، وڙهو ڇو ٿا؟ ڌيان طلب آهن؛ جن مان ليکڪا جي اُپيؤ ۽ نجي لياقت جي ڄاڻ ملي ٿي.

هيل تائين سندس ڇهه مضمونن جا ڳٽڪا شايع ٿي چڪا آهن: (١) هڪ پشپ پنڌرهن پنکڙيون (١٩٦٢) (٢) ڀارت جي اِستري (ڪوجناتمڪ) (١٩٦٣) (٣) مان ڇا آهيان (ويدانتڪ سمجهاڻي) (١٩٦٥) (٤) ڇڻن ڇڻڪن ڇت ۾ (١٩٧١) (٥) زنده سا قوم رهندي (١٩٧٥) ۽ (٦) ٻولي منهنجي ماءُ (١٩٧٧).

پروفيسر پوپٽي ڪنهن به جهجهڪ يا اٽڪ ڪانسواءِ نڊرتا سان بيباڪ ٿي لکندي آهي. سياسي ليڊرن تي طنز ڪندي وڏ وڏيرن جون پڳون اُڇاليندي به سندس دل نٿي ڏهلجي. اِهو سندس هڪ قسم جو "اوڳڻ" آهي جو سچ چوڻ ڪانسواءِ پاڻ روڪي نه سگهندي آهي. ڀيڻ پوپٽيءَ جي مضمون لکڻ جو ڍنگ سياوڻڪ، ٻولي وڻندڙ ۽ تشبيهن سان ڀريل آهي. خشڪ ۾ خشڪ وشين کي به هن پنهنجي ٻوليءَ جي مڌرتا ۽ نزاڪت سان سرس بڻايو آهي، تنهنڪري سندس مضمون

مٿي عوام کي متاثر ڪيو پر نئين ساهت اڪاڊميءَ وارن جو ڌيان ڇڪايو، لنبي عرصي بعد ساهت اڪاڊميءَ وارن سندس قدر سڃاتو ۽ اِنهيءَ شاهڪار ڪتاب تي ١٩٨٢ ۾ کيس ساهت اڪاڊمي اِنعام عطا ڪيو. ڪيترن هنڌ سندس عزت افزائي ٿي ۽ سندس ناموس سنڌ ۽ هند جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويو. پيرڻ پوپٽيءَ جو هيءُ ڪتاب ١٢٢ صفحن جو آهي جنهن ۾ هن پنهنجي جيونيءَ، گيتا جي اڌيائن وانگر چوڏهن ورقن ۾ الڳ الڳ سرن سان لکي آهي. هن جيونيءَ ۾ هن سنڌ ۽ هند ۾ رهندڙ سنڌي سماج جي رهڻي ڪهڻي اُنهن جي رتين رسمن ۽ زندگين جا گوناگون چٽ چٽيا آهن، جنهن مان سنڌي سماج جي بدلجندڙ قدرن ۽ تهذيب جي ڄاڻ ملي ٿي. سنڌ ۾ سنڌي ڪهڙي نموني رهندا هئا، ۽ هاڻي هند ۾ رهندي وڻ وڻ جي ڪاٺي ٿي وڃڻ جي حالت ۾ هنجي رويي جو فرق ڌيان طلب آهي. لڳي ٿو پيرڻ پوپٽيءَ کي اُن جو ذاتي اُنڀو ٿي چڪو آهي اُنجي ڪجهه جهلڪ هن هڪ ڪاليجي ڇوڪريءَ جي وهنوار مان ظاهر ڪئي آهي.

ساڳئي وقت پيرڻ پوپٽيءَ پنهنجي گهرو جيون، اسڪولي جيون، ماستري ۽ پروفيسريءَ جا آزمودا سماجڪ جيون، اُنهن وقت جي سنڌ جي فضا ۾ ڇوڪرين جي پڙهڻ جو ذڪر ڪندي، هن جيڪي ورق ورايا

ملڪاڻيءَ جا ويچار پيش ڪرڻ چاهيندس. سندس لکڻ موجب "پوپٽي هيرانندائي جنهن ڀارت ۾ ٿورن سالن اندر ئي ساهت جي گهڻين ئي شاخن ۾ گهڻي شهرت حاصل ڪئي آهي؛ جنهن جهڙو زياده نويس اديب هن وقت ٻيو ڳولهيو نه لڀندو. سندس مضمون اخلاقي، ڀڳتي، ڌرمي، تواريخي مطلب تي هر وشيه تي لکيل هوندا آهن، جن مڙني جو هوءَ اونهو اڀياس ۽ کوجنا ڪندي آهي. اِستري جاتيءَ جي آزادي ۽ سؤمان سندس خاص موضوع هوندو آهي. عبارت بلڪل رنگين ۽ زوردار اٿس." ظاهر آهي ته ملڪاڻي صاحب به ساهتڪ کيتر ۾ ڏنل سندس چيزن کي ساراهيو آهي.

آخر ۾ چوڻو پوندو ته جديد سنڌي ادب ۾ جن ٿن ليکڪائن چڱي ڌاڪ ڄمائي آهي ۽ بلنديءَ جي چوٽيءَ تي پهتيون آهن، خاص ڪري ڪهاڻي شعر ۽ مضمون تي طبع آزمائي ڪئي اٿن تن ۾ ناول لکڻ ۾ سندري اُتمچندائي، ڪوتا لکڻ ۾ ڪلا پرڪاش ۽ مضمون نگاريءَ ۾ پروفيسر پوپٽي نه رڳو مذڪور ليکڪائن کان اڳري رهي آهي پر مڙني ليکڪن کان به گوءِ کڻي ويئي آهي.

1981 ۾ سندس شاهڪار ڪتاب "**منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق**" شايع ٿيو، جنهن ۾ سندس جيونيءَ ڏنل آهي. هيءُ ڪتاب اُهڙي سهڻي اِسٽائيل سان، سليس ٻوليءَ ۾ لکيو ويو آهي جو هن ڪتاب نه

ايڪانڪيون لکيل ملن ٿيون. تازو سنڌس هڪ ايڪانڪي سنگرهه ”راتي پدمڻي“ عنوان سان ظاهر ٿيو آهي. جنهن ۾ سماجڪ ۽ تواريخي ناٽڪ آهن. سنڌس ايڪانڪي ”اسانجي وجود جو مسئلو“ قابل ذڪر آهي، جنهن لاءِ کيس راجستان سنڌي اڪادميءَ پاران رکيل ڇتاپيٽيءَ ۾ پهريون انعام مليو آهي.

ڪوتا جي کيتر ۾ ٻه پيرڻ پوپٽيءَ پاڻ موکيو آهي. ”روح سنڌي رچ“ ادب لطيف ۽ ڪوتائن جو سنگرهه آهي. سنڌي ساهت جي جهاڪ ۽ ڀاشا شاستر جهڙن خشڪ وشين تي ٻه ڪتاب لکيا اٿائين. هن صاحبان ڪي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا آهن، جي هندو ڌرم جي فلاسافيءَ سان وابسطه آهن. تازو ٣١ سالن جو ساهتڪ ذخيرو گڏ ڪري هن **History of Sindhi Literature** (١٩٤٧-١٩٧٨) انگريزي ۾ ڇپائي سنڌي ساهت جي کوٽ پوري آهي. ۽ اِتهاس جي سلسلي کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پوڻ پوپٽيءَ جو اهو قدم قابل - داد آهي.

پروفيسر پوپٽيءَ جو عقيدو آهي - ”ننڍيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ناهي ويل وهڻ جي.“ کيس لکڻ جو ٻه هڪ قسم جو خفت آهي. اِنهيءَ ڪري سنڌس سنڌي ساهت ۾ لڳاتار رچنائن جو اضافو ٿيندو رهيو آهي. سنڌس رچنائون، ڪونج، رچنا، هندواسي ۽ جهولي لال

آهن سي سنڌس جيون جي هر پهلوءَ کي پسوءَ اُهو ساهتڪ هجي خواه سماجڪ، اَوس ڇهن ٿا. هندو سنسڪرتي ۽ فيلسوفيءَ ڏانهن سنسڪرت جي ابياس ڪري مائل ٿي، تنهنجو ورنن به هن پليءَ پت ڪيو آهي.

ورق سٽين ۾: اباڻا اُڄها ڇڏيندي هن سنڌيءَ جي جيڪا حالت هئي تنهنجو نظارو سنڌس بياني شڪتيءَ سان جڙ اکين اڳيان ڦري ٿو وڃي. ڪٿي ڪٿي ورنن ڪندي سنڌس اِنقلابي ويچار به ظاهر ٿيا آهن. سنڌيت لاءِ ڪيس گهڻي جذبات آهي. سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جو ڪم ڪندي هن پنهنجي ساٿي ڪم ڪندڙن لاءِ نراشا به ظاهر ڪئي آهي. سنڌس ٻولي سپاويڪ سليس ۽ اَثرائتي آهي.

ڪهاڻي، ناول، مضمون ۽ جيوني تي ڪاميابيءَ سان قلم هلائڻ ڪانپوءِ نثر نويسيءَ جي باقي هڪ صنف ناٽڪ سنڌس قلم جي پهچ کان ڪجهه پري رهيو. پر پوءِ اُنتي به هن طبع آزمائي ڪئي. جيتوڻيڪ سنڌس زندگي ڊرامن کان شروع ٿي، اُنهن ۾ پارٽ به ورتائين ۽ هدايتڪاري به ڪيائين. اِسڪول ۾ نوڪري ڪندي ڪجهه ڪچا ڦڪا ننڍا ناٽڪ به لکيائين. سنڌس اُن اوائلي دؤر کان وٺي اڄ تائين ايڏو لنبو سفر طئه ڪرڻ ڪانپوءِ به الائي ڇو ناٽڪ ڪلا جي فن ۾ ايتري ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهي آهي. سنڌس پنج ڇهه

تي ٻڌي سوچيو آهي. پر هن وقت دنيا جو بدليل نظريو ڏسي اِنهن ڪار گذارين کان ٻاسيرو هئي ويئي آهي. بهرحال ساهت سان گڏ سماجڪ ڪيترن ئي ٻين پوئتيءَ جيڪو يوگدان ڏنو آهي سو قابل ذڪر ۽ ساراهه جوڳو آهي.

گشت ڪرڻ جو ڪماري پوپٽيءَ کي ڪافي شوق آهي. ڪنهن نه ڪنهن بهاني ڪيترن وديشي ملڪن جو دؤرو ڪري چڪي آهي. اميد رکجي ٿي ته هوءَ پڻ پنهنجي قلم دواران ڪو انوکو ڪتاب سير-سفر تي لکندي. شل سندس قلم اِئين ئي هلندو رهي ۽ سنڌي ساهت کي سينگاريندي رهي. اهڙيءَ عظيم ليکڪا تي سنڌي جاتيءَ کي فخر آهي. جيسين سنڌي ساهت زنده آهي تيسين سندس ڪيل ساهتڪ شيوائون، روشن منار بڻجي هر ساهتڪ وانهڙوءَ کي ڪي روشن راهه ڏيکاريندي رهنديون

جهڙن رسالن خواهه اخبارن ۾ ايندڙ رهن ٿيون. سندس قلم ۾ جنبش جاري ٿي آهي چاهي هوءَ ديش ۾ هجي چاهي پرديس ۾.

پروفيسر پوپٽيءَ جي شخصيت انوکي آهي. بي-انصافي ۽ استري جاتيءَ جي سؤمان لاءِ وڪالت ڪندڙ هڪ بيباڪ ليکڪا آهي. استري آهي، تنهنڪري سڄاويڪ استري جاتي لاءِ سندس هڏ وڏيڪ ڪرڪندڙ آهي هوءَ رلڻي ملڻي، فصيح زبان، کل مک سڀاءَ واري ۽ همدرداني نوع ۾ وهنوار ڪندڙ هڪ اعليٰ شخصيت آهي. غم يا دک هنجي جيون ڪان پري آهن، تنهنڪري سندس ٽهڪ ڏاڍا پرستڻ آهن. خوشامد يا چاپلوسي کيس پسند ناهي. سنڌيت جو سڌ اونائڻ لاءِ هوءَ هردم تيار آهي.

نه فقط ساهتڪ کيتر ۾ پر سماجڪ کيتر ۾ به ڪماري پوپٽي هيرانندانيءَ پارٽ موکيو آهي. "اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا" جي سرگرم ميمبر هئڻ جي ناتي هن شري ڪيرت باباڻي، گوبند مالهي ۽ اي. جي. اُتم سان گڏ جڳهي ڪئي سڀائن، سيمينار ۽ سميلن ۾ ساٿ ڏنو آهي. اُنهن اديب دوستن سان گڏ گشت ڪندي هنکي عورت هئڻ جو احساس ڪڏهن به ڪونه ٿيو آهي. هر وقت اُنهن سان گڏ شهرن جو دؤرو ڪندي هن سنڌي تهذيب ۽ ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ

يونيورسٽيءَ جي سنڌي ويڀاڳ جو ريڊر ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جو چيئرمين آهي.

شري ارجن "شاد" کي ننڍي هوندي کان ڪتابن سان محبت رهي آهي. هو صاحب ڪتاب وندر جي خيال کان نه، مگر زندگيءَ جي هر چيز کي صحيح رنگ ۾ ڏسڻ لاءِ، پڙهندو آهي. اڃا مشق ۾ اُسي هو نه انگريزي ليکڪن جا ڪتاب پڙهيائين؛ لنهنڪري ڪن دوستن تي پنهنجي شخصيت جي ڇاپ ڇڏي سگهيو. ويتر سندس علم حاصل ڪرڻ جي چاهنا زور پڪڙيو. اڃا اسڪولي شاگرد ئي هو ته کيس شعر و شاعريءَ ۾ شوق جاڳيو. لاڙڪاڻي ۾ رهندي ڪوي ٻيوس، هوندراج دکايل، رام پنجواڻي، هري دلگير ۽ پريو وفا جي صحبت ۾ آيو. ڀرڪه شاعر دلگير شعر جي کيتر ۾ سندس رهبري ڪئي ۽ ماهر اُستاد جيان کيس قافيه ۽ رديف ۾ ماهر ڪري پڪي بختي بندش سيکاري.

ڪاليج ۾ پڙهندي سندس صحبت شيخ اياز ۽ محمد ابراهيم جوئي سان ٿي. انهن جي سنگ ۾ جيڪو هن ساهت پڙهيو تنهن کيس ناستڪ بڻائي ڇڏيو. اياز سان گهاٽي دوستي هئڻ سبب بغاوتي شعر لکڻ شروع ڪيائين. شري ارجن "شاد" ديش جي آزاديءَ جي هلچل ۾ به سرگرم رهيو ۽ جيل به ڀوڳيائين ١٩٤٢ واري قومي هلچل جي دوران ٻن شخصيتن جي لهه وچڙ ۾ آيو.

ڊاڪٽر ارجن ميرچندائي "شاد"

نئين دور جي ترقي پسند شاعرن مان هڪ بهترين شاعر، جنهن پنهنجي دور جي شاعرن ۾ فن جي ڌاڪ ڄمائي آهي، مارڪسوادي ڪوي هوندي به پنهنجن ويچارن کي ڇيڪ چڙهي ڏنو، اهڙو هڪ ئي شاعر آهي شري ارجن "شاد" هنجو جنم ١٧ ڊسمبر ١٩٢٤ ۾ سنڌ جي سکر شهر ۾، شري گوبندرام ميرچندائيءَ جي گهر ٿيو. هنجا ابا ڏاڏا اصل حيدرآباد جا هئا، جي پوءِ لڏي وڃي لاڙڪاڻي ۾ ويٺا. سنڌي چوٿين درجي تائين لاڙڪاڻي ۾ ئي پڙهيو. پوءِ پهرئين انگريزيءَ کان وٺي ڪاليج جي اوچي تعليم ڪراچيءَ ۾ حاصل ڪئي. بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي. اي ڪيائين. ورهاڱي بعد سرڪاري ملازم ٿي رهيو ۽ پوءِ جئه هند ڪاليج، بمبئيءَ ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر بڻيو. پروفيسري ڪندي بمبئي يونيورسٽيءَ مان سنڌي غزل جي موضوع تي پي. ايچ. ڊي ڪيائين. هن وقت هيءُ صاحب بمبئي

تي ڪلڪ راڻي ڪئي آهي. گيت ۽ غزل سندس پره مضمون رهيون آهن. مارڪسوادي ساهت پڙهڻ ڪري، شاد صاحب جي گيتن شعرن ۾ سماجوادي وچار نمايان آهن. ڏسو-

”ٿا ڪروڙن ۾ هتي بک ۾ پاهه ٿين
نه اجهو آهه انهن کي، نه بدن لاءِ ڪپڙو“

ادب جي باري ۾ سندس نظريو ”ادب براءِ زندگيءَ جو رهيو آهي.

”آءُ ملن ۾، فٽ پاٿن تي، ويهي پنهنجو گيت لکان، ڪين ڪٿي آڪاس تي پنهنجي گيتن کي ٿو آءُ وڃان عيب جون ڳالهيون ڪين ڪريان مان، منهنجو دنياسان ئي لاڳه آءُ گهٽين جو ڳائيندڙ- مان ڳايان ٿو جنتا جو راڳه!“

ظاهر آهي شاعر حقيقتواد ۾ وشواس رکندي، پنهنجي گيت کي تصوري ڳالهين کان پري رکي، دنيا سان وابسط بڻائي ٿو.

سنڌي شاعرن کي سنڌ جــي ياد ورثي ۾ ملي آهي. شري ارجن شاد به سنڌ جي ياد کي سيني ۾ سمائي رکيو آهي. انهيءَ صادق جذبي ۾ وهي هن ”سنڌي منهنجي بولي“ رچيو. ”سرحد جي پار“ شعر ۾ چوي ٿو-

”سرحد جي پار منهنجي نظر کي اڏڻ ڏيو
اعلي وطن بي نه زمين کي ڏسڻ ڏيــو.“

* * *

هڪ هو سوچو گيانچنداڻي ۽ ٻيو ڪشو ڪيولراماڻي. سوچي گيانچنداڻيءَ ساهتڪ ڪيتر ۾ سنڌس دلچسپي وڌائي ۽ مارڪسواد جي اڀياس لاءِ چاهنا پيدا ڪئي. مارڪسزم کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ ڪيسي جــي خرچيءَ مان پيسا بچائي ٻه مارڪسي ساهت پڙهيائين. هن صاحب محسوس ڪيو ته اُنجي اڀياس سان سياسي ۽ آرٿڪ مسئلن جي چند چارڻ صحيح نموني ڪري ٿي سگهجي. شيخ اياز ۽ نارائڻ "شيام" جي صحبت ۾ شعرن ۾ آزاديءَ جو روح ڦوڪيائين. اهڙيءَ طرح اٽڪل ١٩٤٠ ۾ شري ارجن شاد شاعر ٿي ساهتڪ ڪيتر ۾ پير پائي ۽ پنهنجي قلم جــي جنبش سان عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪيائين.

ورهاڱي کانپوءِ ساميوادي ساهت جو مطالعو ڪيائين ۽ ڦيريون بغاوتي شعر لکيائين "منهنجي دنيا سان دل آ ..." سنڌس شعر وقت به وقت رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا. اڄ ارجن شاد سلجهيل ۽ پختو شاعر آهي. هن صاحب جا منهنجي جاڻ موجب هــن مهل تائين شاعريءَ جا پنج مجموعا شايع ٿي چڪا آهن - (١) آءُ کٿين جو ڳائيندڙ (١٩٥٧) (٢) ڏاهپون ڏک ڏسن (١٩٦٢) (٣) وولگا جي ڪناري (ترجمو) (١٩٦٧) (٤) ٽمڪيا جون روشنيون (١٩٧٤) ۽ (٥) اندو دونهون (١٩٨٢)

شري ارجن شاد شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف

ڪوئي سوچي نہ زمين ڪئي آهي
ڪا غرض مٽيءَ جي؟"

شاد کي غزلن ۾ جا ڪاميابي ملي آهي سا شاعريءَ جي ٻي شاخ ۾ نہ ملي آهي. هو هڪ سٺو پڪو پختو غزل-گو آهي. غزل کي شاعريءَ جي راڻي مڃيو ويو آهي. شاد صاحب اُن راڻيءَ کي خيالن جي بلنديءَ ۽ نفاست جا وستر پهرائي سجايو آهي. هڪ بندش ڏسو-

"پنهنجي حال کي عشق چوان يا نہ چوان
ڏسان ٻس مان تو رڪان ٻاهت ڪرڻ جي خواهش
حسن تصوير جو ڇيڙي نہ سگهيو جذبي ڪئي
تو نهاريو تہ اُٿي دل ۾ اُڇڻ جي خواهش."

هر هڪ شاعر پنهنجي ذاتي انڀوَ جي آڌار تي شعر و شاعريءَ جي رچنا ڪري ٿو. شاعر جي شخصيت ۽ سندس جيون جي فلاسافي سندس رچنائن مان بخوبي اظهار پائي ٿي. "وقت جي تقاضا" عنوان واري غزل ۾ چوي ٿو-

"ٻس وقت جي تقاضا هر شعر ۾ پڙيان مان
پنهنجو تہ زندگيءَ ۾ شهرت سان ناهہ مطلب."

ويهين صديءَ جي مها ڪوي ڪشنچند "بيوس" جيون سان واسطہ وٺين کي پنهنجي ڪوتا ۾ قلمبند ڪري جيون جو حقيقي چٽر چٽيو ۽ نئين ٽهيءَ جي شاعرن جو مارگ درشن ڪيو. اُنهيءَ راهہ کان قاصر اسانجو

”هر فرد جي نراڙ تــي هر قوم جو نشان
سنڌين ۾ مونکي سنڌ جي صورت پسڻ ڏيو.“

”شاد“ کي سنڌ جا سورما ۽ سورميون پيارا آهن.
انهيءَ کري هن ”ڏاهيون ڏک ڏسن“ مجموعي ۾ ليلا
چنيسر جي لوڪ ڪٿا کي آڌار بڻائي نظم لکي آهي،
جا هڪ ڳالهه جي روپ ۾ آهي. ليلا موتين جي هار
تي هرکي هاري تي وهي. بانهيءَ کان شرط موجب ور
جي عيوض هار وٺڻ قبولي تي-

”آهه هڪڙو شرط اي راڻي! ڪنڌڻ جي تون قبول،
هار تيندو دائما تنهنجو، نه تــون رهندينءَ ملول.
مونکي ڏي موڪل ته هڪڙي رات راڄن سان رهان،
عمر ڀر تون پيئي وڃ مان رات هڪڙيءَ لاءِ وڃان.“

شاد صاحب ۾ شاعراڻيون ڦڙتون جهجهيون آهن ۽
سندس اظهار جو نمونو ڪلاتمڪ آهي. ادب جي
اُصولن جي پوري ڄاڻ اٿس ۽ اُن دائري ۾ رهندي
موضوعن جي نواڻ پيش ڪرڻ هنجي خاص خوبي رهي
آهي. چنڊ جي ياترا تي اربين رپيا خرچ ڪرڻ بعد به
کهڙي هٿ حاصل تي، تنهن نسبت طنز ڪندي ”چنڊ
جي ياترا“ کوتا ۾ چوي ٿو-

”ورهه نه چنڊ تان آيا به کڻي ڇا آهن
کي مٽيءَ جون لپون ۽ ٽکر پٿرن جا
۽ ويا آهن جنهنجي عيوض اربين رپيا

سچ پچ روسي ڪوتائن جي ترجمي ۾ اهڙو نکار آيو جو کيس اُن تي سوويت لئنڊ نهرو اوارڊ ١٩٧٠ ۾ عطا ٿيو. هوُ/ پوءِ پارٽ سرڪار طرفان روس جي دؤري تي به ويو. دؤري درميان رشين شاعريءَ جو اڀياس ڪندي هنکي لڳو- "رشين شاعريءَ ۾ آدرشواد گهڻو آهي. اُنهن جي شاعريءَ ۾ ڪي خاص اصول آهن." ترجمي جون چند سٽون پيش آهن. ڏسو کهڙي نه سليس ۽ مٺي ٻولي ڪتب آندل آهي-

"توکي جي زخم رسي جنگ ۾ اي منهنجا مٺا!
ترت مون ڏانهن لکج
مون کي خبر ڏج - تون ٻڌن پيو؟
توکي اوسيڙي ۾ هرگز نه وهاريندس مان
تو ڏي تنهن شام جو ئي خط لکنديس-
جو وڏو- پيار جي گرميءَ سان ڀريل هوندو جواب..."

هر هڪ شاعر کو خاص نظريو رکي پنهنجي شعر ۾ انساني فطرت جي ڪنهن پهلوءَ کي باريڪيءَ سان چٽي ٿو. شري شاد به شوعاتي دؤر ۾ انقلاب پسند، باغي شاعر رهيو جو هن فقط ٻاهرين حقيقت تي ڌيان ڏنو هو. هيٺ ڏنل سندس رباعيءَ مان سندس باغي فطرت بخوبي ڏسي سگهجي ٿي-

"سيني ۾ عوام جي ٿا ڪورا پچرن
جر ساڙ سندن ڪيڏڪي بم گولا پچن

ڊاڪٽر ارجن "شاد" به نه رهي سگهيو. سندس شعر ۾ سماجڪ اوڻاين تي رد-عمل ڌيان طلب آهي-

"جا گهڙي گذري، اچي ڪين ڪري شال مونکي
زندگي آهه گهڙيون چار، هليا ويندا سين!
بس فقط پنهنجو جيئڻ آهه يا ٻئي جو به خيال؟
ڪر ٻين جو ته ويچار، هليا ويندا سين!."

شري ارجن شاد ڪي روسي ڪوتائون، آزاد نظمن ۾ ترجمو ڪيون آهن. جي "وولگا جي ڪناري" عنوان هيٺ شايع ٿيون آهن. نظم جو نظم ۾ ترجمو ڪرڻ جيتوڻيڪ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. پر هو صاحب خود برک شاعر هئڻ ڪري اُن فن سان نباهي سگهيو آهي. ترجمي ڪرڻ وقت اِهو ڌيان ضرور ڪرڻو پوي ٿو ته منجهن ڪويءَ جي خيالن جو صحيح عڪس اچي. آزاد نظم ۾ شعر جي بندشن کان جيتوڻيڪ آزادي ملي ٿي باوجود اُنهي چڱيون پابنديون رهن ٿيون. شري شاد جي لفظن ۾ ئي چئجي- "آزاد نظم ۾ قافيه جي برابر پابندي نه آهي، پر ٻئي پاسي اِهو نه وسارڻ کپي ته اُن ۾ وزن جي قائدن جي بلڪل پوريءَ طرح پيروي ڪرڻي آهي. ايتري قدر جو نظم جي سڀني مصراعن ۾ رڪنن جي مسلسل ڳنڍ قائم ڪرڻي پوي ٿي. تنهن کانسواءِ خيال موجب ۽ ليءِ انوسار سٽن جي ترتيب اُهڙي ٻيهارڻ گهرجي جو موضوع وڌيڪ نکري بيهي."

مٿن جي اندر ظلم سڙي خاڪ ٿئي،
جي صبر جي ٻڪ لاهي ڇڏي ”شاد“ ڪين.“

”شاد“ صاحب فرائڊ جي فيلسوفيءَ جو ٻـ چڱو اڀياس ڪيو. سندس ويچار موجب ”هڪ هنڌ ويهي رهڻ ڪمزوريءَ جي نشاني آهي. خيال جي وهڪري کي بند ڪرڻ ٻيهاري نـ، چڙهڻ گهرجي، ڪيس ڇيڪ ڇڏي ڏجي تہ پل نيون واديون لتاڙي.“ شايد اِنهيءَ ڪري ئي رفتہ- رفتہ سندس نظرئي ۾ تبديلي آئـي. هن فرد جي هر پهلوءَ جي اندروني حقيقت کي پرکڻ شروع ڪيو ۽ سندس ويچار ڌارا انتر مکي بڻي. خاص طور سندس نئين شايع ٿيل ڪتاب ”انڌو دونهون“ ۾ اِهـي خوبيون ٻخوبي ڏسي سگهجن ٿيون.

”**انڌو دونهون**“ شاد صاحب جي شاهڪار رچنا آهي. جنهن ۾ ڪوتائون، گيت ۽ غزل درج ڪيل آهن. انڌو دونهون ڳڻڪي جي بهترين ڪوتا آهي، جنهن ۾ هن صاحب جذباتي نموني ۾ ملڪ جي ورهاڱي جي تصوير چٽي آهـي ٢٥٠ سٽن ۾ سنڌ جي وڇوڙي جـو درد اظهاريو اٿس. اِنهيءَ ڪري سندس اِهـو ڪتاب، سال جو بهترين ڪتاب ليکيو ويـو ۽ کيس ١٩٨٣ ۾ ساهت اڪادمي اِنعام سان نوازيو ويو آهي. جڏهن اِنعام جـو اعلان ٿيو تڏهن کيس بيحد خوشيءَ جـو احساس ٿيو ۽ هن ڄاتو تہ سندس شاعري عوام ۾ مقبول پيئي آهي.